# مونجهارن ۾ قاتل
# هڪ شخص



ڊاڪٽر صالح ميمڻ

# مونجهارن ۾ ڦاٿل هڪ شخص

ڪهاڻيون

ڊاڪٽر صالح ميمڻ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1994ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺاسي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| پهريون ايڊيشن | ڊسمبر 1991ع |
| ٻيون ايڊيشن | آگسٽ 1994ع |

| | |
|---|---|
| قيمت | -/55 رپيا |
| پڪي جلد سان | -/75 رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

MONJHARAN MAIN PHATHAL HIK SHAKHUS. (Short Stories) written by Dr. SALEH MEMON. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition December 1991. Second Edition August 1994. Price Per Copy Rs. 55/-
Book No. 188

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ڊسمبر 1991 ۾ سهڻي پبليڪيشنس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو هو.

# ترتيب


مهاڳ علي احمد بروهي ٥

ٻه اکر غلام نبي مغل ١٩

پنهنجي طرفان ڊاڪٽر صالح ميمڻ ٢٥

1- پرسڙيل فرشتا ٢٩

2- ڏيڻ ٣٨

3- خواهش جو موت ٤٦

4- اندر ۾ ابليس ٥٥

5- ٻاهه مان رستو ٦٩

6- ٻاهر جي دنيا اندر جي دنيا ٨٠

7- دل جا درد هزار ٨٩

8- اندر ۾ اوڙاهه ٩٧

9- منهنجي دوست سچ چيو هو ١١٣

10- مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص ١٢١

 

# ارپنا

منهنجي پيارن والدين جي نانءُ

جن جي تربيت ۽ دعائن سبب

زندگي ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪيم.

# مهاڳ

جڏهن ڀڳوان، ٻوڌي ٻڪشوءَ جي قرباني قبول ڪري مٿس راضي ٿي ڪيس نرواڻ (سُرڳ) ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آشيرواد ٿو ڏئي، تہ ٻڪشو ڪنڌ ڌوڻ ڪري انڪار ٿو ڪري. چوي ٿو تہ مهراج وڏي مهرباني. پر جيسين اسان جي آخري ٻڪشوءَ ڀهريائين پير نہ پاتو آهي، تيسين مون لاءِ نرواڻ ماڻڻ ناممڪن آهي. هي برابر آهي تہ ٻڌمت جي هر پوئلڳ لاءِ نرواڻ سندس زندگيءَ جو مول مقصد ۽ معراج آهي. پر ساڳئي وقت هو ڌرمي رشتي ۾ ٻين ٻڪشو ٻوڌن سان دائمي ۽ ازلي طور جڪڙيل آهي. پوءِ جڏهن هڪ ٻڪشو پٺتي رهجي ويو تہ هر هڪ ٻوڌيءَ لاءِ نرواڻ نرڳ (دوزخ) ٿي پوندو. "سچي خوشيءَ جو مزو تہ تڏهن آهي، جڏهن عيد يارن دوستن ۽ عزيزن سان گڏ ملهائجي. جنت تہ آهي ئي پنهجن مارو ئڙن ۽ ويڙهيچن سان جائي جواري ۽ ٻچ پاٹي ونڊي ورهائي ورتائڻ!"

▲ ڊاڪٽر صالح ميمڻ بہ شڪ نہ آهي، تہ اڳلي جنم ۾ مهاٻوڌي ٻڪشو هجي. مونکي ياد نہ آهي تہ مون ڪڏهن ڪيس پنهنجي ذات جي نفعي نقصان

بابت غم، فڪر يا پريشانيءَ ۾ ڏٺو. سدائين پنهنجي مٽ مائٽن جي وائي وات ۽ تات هوندس. ٻارهوئي پرائي بيگر ۾ پيو وهندو. سخا برابر پنهنجي گهر ۽ گهراڻي کان شروع ٿيندي آهي. پر ڪڏهن ته پنهنجي اوقات ۽ عاقبت جو به اونو ڪجي! هڪ ڀيري ڪيس چيم ته تنهنجي سنَّتَ جا سڀ ڊاڪٽر ترقي ڪري هنباريءَ رسيا آهن. هو خانگي اسپتالون اڏائي وينا ڏڙاڏڙ ڏوڪڙ ڪمائين. تون ايجا گهر ويٺي پنهنجن يارن جي ٻارن لاءِ پيو نسخو لکين؟ چي سائين جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي. مالڪ جي مهر سان آءٌ وڏي راڄ ڀاڳ وارو آهيان. منهنجي گهر گهراڻي جا ڪيئي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خلق خدمت ۾ مصروف آهن. هن کان وڌيڪ مون لاءِ خوشيءَ جو ٻيو ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، جو مون جهڙيءَ هڪ مسڪين ٽريءَ جو بخت خدا ايترو بلند ڪري، جو هو سڌي يا اڻسڌيءَ طرح هزارها سنڌين جي ڊاڪٽر بڻجڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ۽ مددگار رهي!

▲ اچو ته اڄ انهيءَ ٽريءَ جي اندر ۾ جهاتي پائي، انهيءَ اجنبي ۽ گمنام ليکڪ کي به ڳولي لهون، جو ڪڏهن مسيحا جو جامون پائي ماڻهن جي دک درد دور ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۾ ٿورهي. ڪڏهن وري روپ بدلائي قصن ۽ ڪهاڻين جي آڙ ۾ پنهنجي نفسيات جي تجربي ۽ مهارت جو اظهار به ڪندو ٿو رهي. هن ۾ ڪو شڪ آهي ئي ڪونه ته جنهن ڊاڪٽر جي چاليهه سال زندگي انساني جسم جي مطالعي، معائني ۽ مشاهدي ۾ سيڙپ ٿي هجي. تنهن کان آدميءَ جي اندر جي ڪهڙي ڳالهه ڳجهي رهندي؟ خاص طور اهڙي ڊاڪٽر کان، جنهن کي مرض جي سڃاڻ سان گڏ ماڻهو جي ڄاڻ سڃاڻ جو ڏانءُ به ايندو هجي ۽ جنهن کي هڪ وار ڏسڻ سان هي ناممڪن ٿيو پوي ته مٿس ڀروسو نه ڪيو وڃي!

▲ ڊاڪٽر صالح ميمڻ 6 اپريل 1926ع تي ڏيپلي ۾ جنم ورتو. سندس والد مرحوم سائين ابوطالب سنڌي اسڪول جو استاد هيو ۽ پنهنجي سموري زندگي علم جي پورهئي ۾ سيڙپ ڪئي هئائين. هي سندس لڳاتار

جدوجهد جو نتيجو آهي، جو اڄ ڏيپلو تعليمي لحاظ کان سنڌ جي برک شهرن ۾ هڪ آهي. سنڌ ۾ 'سائينءَ' جو لقب مڪتب ۽ مدرسي جي ماسترن لاءِ مخصوص سمجهيو ويندو آهي. پر ڏيپلي ۾ 'سائين' کان مراد سائين ابو طالب پئي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته هو هن صديءَ ۾ هن ماڳ جي هر لکيل پڙهيل جو استاد رهيو آهي.

▲ جڏهن نينگر اکيون پٽيون ته ڳوٺ ۾ ڪچا پڪا گهر اسڪول ۽ مسجد سواءِ باقي مڙوئي خير هيو. ڳوٺ وارن جو مکيه پورهيو هوندو هيو ڪو هن تان منو پاٽي پري ڍڳن مٿان پخال وسيلي گهرن تائين پهچائڻ. ٻارن جي پڙهائي، ڏيئي يا گاسليٽيءَ بتيءَ تي ٿيندي هئي. مهيني ماسي ورلي ڪو گوشت جو وارو ايندو هو، ورنه روزمره جو گذر سفر دال چانور ۽ بصر تي ٿيندو هو. ڇني ڇماهي ڪا شادي مرادي يا عيد براد تي ڪو ماٺهن جو ميڙو ٿيو، يا ڪنهن بازيگر بازي وڌي يا ڪنهن پتلين واري ڇهڇٽو رچايو ته واه، ورنه مقام واري ماٺ جو راڄ رهندو هو. وقت جو اندازو سج جي پاڇن تي يا وري ٻانگون ٻڌي لڳايو ويندو هو. ڪير مکڻ ۽ ڏڌ لاءِ دور ڏڳيون ۽ مسافري اٺن تي ٿيندڙ هئي. مال لاءِ وٿاڻ، ۽ ڪچهرين لاءِ اوطاقون جام هونديون هيون. جتي واندو وقت روح رهاڻ ۾ گذرندو هو. هيءَ هئي تر جي مارو ئڙن جي رهڻي ڪرڻي، جنهن ۾ صالح پنهنجي اوائلي تعليم جا ڏاڪا طئه ڪري اڳيرو قدم رکيو.

▲ ڳوٺ جي ٻين نينگرن جيان صالح کي به انگريزي پڙهڻ جو شوق مرحوم ماستر محمد سومار ڏياريو، جو انگريزي اسڪول جو استاد هو ۽ هر طالب علم کي انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هوندو هو. سندس صلاح مطابق صالح ضلعي اسڪالرشپ جي چٽاڀيٽيءَ واري امتحان ۾ نصيب آزمائي ڪئي جنهن ۾ اول نمبر حاصل ڪيائين. انگريزي اسڪول ۾ پهرين ڪان وٺي پنجين درجي تائين هو ڪلاس ۾ اول نمبر پاس ٿيندو رهيو. اهڙي ريت پنج درجا پاس ڪري

وڌيڪ تعليم لاءِ ميرپور خاص جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو.

▲ 1941 کان 43ع تائين ٻه سال هاسٽل جي زندگيءَ ۾ ڀير پاتائين. جڏهن ته موڪلن جا ڏينهن ڳوٺ گذاري وري ڪيس ميرپور خاص اچڻو پوندو هو ۽ اچ وڃ انهن جي سواري وسيلي ٿيندي هئي. هاسٽل ۾ ڪيس ٿري ڪري سڏيندا هئا. هي اهو زمانو هو، جڏهن محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو مشهور ڪتاب 'بدنصيب ٿري' شايع ٿي چڪو هو. جنهن ۾ ٿر جي ٻارهوئي ڏڪر وارين حالتن ۽ ٿرين جي بک، بيڪسي ۽ بدحاليءَ سان سنڌ جي ماڻهن کي روشناس ڪرايو ويو هو. هن ڪتاب جي حوالي ۾ شرارت نقط نظر هاسٽل جا ڇوڪرا هر ٿريءَ کي بدنصيب ٿري ڪري پڪاريندا هئا. پر صالح سان سندس سلڇڻي سڀاءُ ۽ مقبول عام هئڻ ڪري ايتري رعايت ضرور ڪئي ويندي هئي، جو ڪيس فقط ٿري سڏڻ تي قناعت ڪئي ويندي هئي.

▲ ڇهين درجي ۾ اول نمبر پاس ٿيڻ ڪري صالح کي مئٽرڪ ۾ هاسٽل جو مانيٽر مقرر ڪيو ويو، جنهن ڪري، ڪيس رهائش لاءِ، الڳ ڪمري جي سهولت پڻ ڏني وئي. مدرسي جو هيڊ ماسٽر علي خان ابڙو مرحوم ۽ ٻيا استاد جئن ته ماسٽر چيلارام، ماسٽر فتح چند ۽ استاد واسواڻي وغيره مٿس بيحد مهربان رهيا ۽ ضرورت آهر ڪيس مفت ٽيوشن پڻ ڏيندا رهيا. هي تعليم جي عروج جو دور هو، جنهن ۾ استاد امتحان ۾ شاگردن جي ڪاميابيءَ کي پنهنجي ذاتي عزت جو سبب سمجهندا هئا.

جنهن شاگرد کي علي خان ابڙو ۽ مرحوم محمد صادق جهڙن شفيق ۽ مهربان استادن جي رهنمائي حاصل ٿئي ۽ هو پاڻ به محنت ڪرڻ جو ڪوڏيو هجي، ته پوءِ اهڙي هونهار جي ذهني اڏام کي ڪير ٿو روڪي سگهي؟ اج نه سڀان هو ضرور ڪاميابيءَ جي منزل تي اچي رَسندو! جڏهن مئٽرڪ جو نتيجو ظاهر ٿيو ته صالح جو نالو سَر فهرست هيو.

ڪاليج ۾ داخلا جو وقت آيو ته ڪيس پنهنجي والد جي مالي مجبورين مُنجهائي وڌو. نيٺ همٿ ڪري ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. تن

ڏينهين ميڊيڪل ۽ انجنيئريءَ جا شاگرد فرسٽ ييئر تائين گڏ پڙهندا هئا. انوقت سنڌ ۾ مسلمان انجنيئرن جي کوٽ هوندي هئي. جنهن ڪري سنڌ سرڪار، مسلمان شاگردن کي انجنيئر ٿيڻ لاءِ اسڪالرشپ جو اعلان ڪيو ۽ ڪين هرڪائڻ لاءِ هي پڻ چاتايو تہ امتحان پاس ڪرڻ شرط ڪين اي گريڊ ۾ نوڪري پڻ ڏني ويندي. نتيجي ۾ شاگردن انجنيريءَ رخ ۾ ڊوڙ پرڻ جي ڪئي. پر صالح کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو شوق دامن گير هيو ۽ سندس استاد حافظ محمد صادق پڻ کيس ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ همٿايو.

ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ صالح فرسٽ ييئر فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ۽ انٽر سائنس جي يونيورسٽي امتحان ۾ سنڌي مسلمانن منجھ اول نمبر حاصل ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ ميڊيڪل جي پڙهائيءَ لاءِ بمبئي ويڃڻو پوندو هو. جنهن سلسلي ۾ حڪومت طرفان چند چونڊ شاگردن کي اسڪالرشپ عطا ڪئي ويندي هئي. پر هن ڳالهہ جي خاطري هوندي هئي تہ داخلائون ۽ اسڪالرشپون علمي لياقت آڌار تي ملنديون هيون ۽ نہ سفارش يا رشوت جي عيوض. صالح ڊاڪٽري لاءِ داخلا ۽ اسڪالرشپ لاءِ درخواست ڏيئي وئڪيشن گذارڻ لاءِ ڳوٺ روانو ٿيو.

▲ ايا ڏيهلي مس پهتو تہ کيس تار پهتي تہ گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج بمبئي ۾ داخلا منظور ۽ هفتي کن اندر پهچڻ جو سعيو ڪر. داخلا کان پوءِ وڏو مسئلو هو خرچ پکي جي پورت ڪرڻ. اسڪالرشپ تہ پورائو ٿي ڪيو ڪاليج جي في ۽ ڪتابن واري قيمت جو. باقي هاسٽل جي مسواڙ کاڌو پيتو ڪپڙو لٽو ۽ ريزڪي خرچ ڪٿان اچي؟ وٽس تہ پورو ريل جو ڀاڙو بہ ڪين هو. آخر دل جهلي ميرپورخاص ۾ پهتو، جتي سندس ملاقات پروفيسر عبدالواحد هاليپوٽي سان ٿي، جو پڻ سانگي سان بمبئيءَ ويڃڻ جي سانباهَن ۾ هيو. ٻئي ڏينهن تي هاليپوٽي جي همراهيءَ ۾ صالح جي پڻ بمبئي روانگي ٿي.

▲ ڪجھ ڏينهن پوءِ بمبئي جي اخبارن ۾ دائود ٽرسٽ ڪلڪتي جو هڪ

اشتهار شايع ٿيو، جنهن ۾ اعلان ڪيل هو تہ جيڪي ميمڻ شاگرد ميڊيڪل تعليم حاصل ڪرڻ گهرن تہ انهن جي سموري خرچ جو ذمون ٽرسٽ کڻندو. اشتهار پڙهي صالح کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي تہ هي پهريون پيرو هيو، جو ميمڻ هئڻ ۾ ڪيس روڪ فائدو ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي رهيو هيو.

صالح درخواست رواني ڪئي، جنهن جي جواب ۾ ڪائونسل هي صفائي طلب ڪئي ويئي تہ سندس لاڳاپو ڪاٺياواڙي ميمڻ برادريءَ سان هيو يا هالائي ميمڻن سان. شايد امداد ڏيڻ لاءِ ميمڻ شاگردن کي ٻن ڀاڱن ۾ ونڊ ورڇ ڪرڻ لازمي هيو! صالح کي پليءَ پيت چاڻ هئي تہ ٽرسٽ پاران فقط هالائي ميمڻن جي حمايت ڪئي ٿي ويئي، پر تنهن هوندي بہ سچائيءَ کان ڪم وٺندي پاڻ کي سنڌي ميمڻ ڄاڻايائين ۽ وڏيڪ هي واعدو بہ ڪيائين تہ جيڪڏهن کيس قرض حسنہ ڏنو ويو تہ ڊاڪٽر ٿيڻ پڄاڻان هو پائي پائيءَ جو حساب پري ڏيندو. ميمڻ ٽرسٽ مورڳو وراڻي ڏيڻ کان بہ نٺو اڪر واريو.

▲ ڪجھ وقت کان پوءِ، سندس هڪ واقف ڪار کيس ڪنهن ڪاٺياواڙي سخي مرد وٽ وٺي ويو، جنهن کيس پنجن سالن تائين خرچ ڏيڻ جو واعدو ڪيو، پر ڪائونسل هي وچن ضرور ورتائين تہ ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ غريب شاگرد جي ڊاڪٽر ٿيڻ جو خرچ پريندو. ڊاڪٽر صالح اکين ۾ آب آڻي ٻڌايو تہ سموري عمر هو انهيءَ واعده وفائي نڀائڻ ۾ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي ۽ پنهنجي وت ۽ وس آهر انهيءَ وچن پاڙڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪانہ ڪئي اٿس.

▲ بمبئي جي گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج مان صالح نہ فقط ايم - بي - بي - ايس جي ٻئي سال جو امتحان پاس ڪيو، پر مسلمان شاگردن ۾ پڻ پهريو نمبر حاصل ڪيائين. 1947ع ۾ ورهاڱي ٿيڻ سبب ڊاڪٽر صالح ۽ سندس ٻيا ٻہ سنڌي ساٿي ڊاڪٽر رسول بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام نبي لاسي، آزاديءَ جو پروانو ڪٽي اچي پنهنجي اباڻي ماڳ سنڌ ۾ سهڙيا ۽ ڊاڪٽريءَ جا

باقي ٽي سال ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل ڊئو ميڪڊيڪل ڪاليج ۾ پاس ڪيائين. نہ فقط سنڌ ۾ پهريون نمبر پوزيشن حاصل ڪيائين. پر ڪيس يونيورسٽيءَ طرفان گولڊ ميڊل پڻ عطا ڪيو ويو. ساڳئي سال سنڌ ميڊيڪل سروس ۾ شامل ٿيو ۽ سندس پهرين ملازمت جو آغاز ڊئريڪٽر بلڊ بئنڪ حيدرآباد سان ٿيو. سنڌ ۾ رت جمع ڪرڻ جي هيءَ پهرين بئنڪ هئي جا ڊاڪٽر علي احمد قاضيءَ جي ڪوشش سان قائم ٿي هئي.

▲ ڊاڪٽر صالح رات ڏينهن جاکوڙ ڪري هن بئنڪ کي خاص ترقي ڏياري. 52-1953ع ۾ ڊاڪٽر صالح کي ڪراچي سروسز اسپتال جو ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر مقرر ڪيو ويو، جتي ڪيس سموري نظام کي نئين سر ترتيب ڏيڻو پيو. هر وقت اورچ رهڻ ڪري ڊاڪٽر جي قابليت ۽ فرض شناسيءَ جي ساک پڻ هر ڪاموري جي چپن تي رهي، حالانڪ سرڪاري عملدارن ۾ ڪنهن جائز واڪاڻ لاءِ آس اميد رکڻ، پهرن کان پير گهرڻ برابر آهي.

▲ ڊاڪٽر صالح جي صلاحيتن جي هاڪ نيٺ وچي حڪمرانن جي ڪنن تائين پهتي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس 26 ورهين جي عمر ۾ سول سرجن مقرر ڪري جيڪب آباد بدلي ڪيو ويو. ڪيس دستوري فرض ادائي سان گڏ هڪ ڏيڍ سئو بسترن واري نئين اسپتال جي تعمير ۽ انتظامي ڍانچي ترتيب ڏيڻ جي ذميواري پڻ سونپي ويئي. جوابداري وڏي هئي ۽ نہ وري وٽس ڪو تجربو ئي هو. پر جڏهن ڪم جو ڪارساز پاڻ اچي ڪنهن ڪارج ۾ همراه ٿو ٿئي تہ پوءِ 'پئون ٻارنهن' ٿيو پون. ڊاڪٽر سڀ سونپيل فرض ادايون خير خوبيءَ سان سرانجام ڏنيون. جڏهن اسپتال تعمير ڪرائي سرڪار جي حوالي ڪيائين تہ ڪيس وعده مطابق اسڪالرشپ ڏيئي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪليو ويو.

▲ انگلينڊ ۾ اعليٰ تعليم دوران ڪيس ڪافي دقتون پيش آيون. پر ڊاڪٽر همت نہ هاري. ننڊ آرام ڦٽائي ۽ بکون ڪاٽي بہ پنهنجي منزل مقصود

ماڻيائين. هڪ ئي وقت چار مکيه ميڊيڪل امتحان پاس ڪيائين، جيئن تہ ايم-آر-ايف-پي لنڊن M.R.F.P (London)، ايم-آرسي پي ايڊنبرگ M.R.CP. Edinburg، ايف آر ايف پي گلاسگو F.R.F.P Glasgo ۽ ڊي سي ايم انگلينڊ D.C.M England. آخر 1957ع ڌاري موٽي ماڳ اچي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي جڳهه والاريائين. ڪجھ عرصي بعد لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال ۽ پروفيسر آف ميڊيسن مقرر ٿيو. بعد ۾ ڪيس ڊئو ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. سندس آخري ملازمت سيڪريٽري هيلٿ گورنمينٽ آف سنڌ هئي، جتان 1986ع ڌاري رٽائر ڪيائين. حال ۾ صدر پاڪستان جي ذاتي فزيشن آهي ۽ آغا خان ميڊيڪل ڪاليج ۾ آنرري پروفيسر آف ميڊيسن ۽ پاڪستاني انٽرنيشنل ايئر لائين (P.I.A) ۾ ميڊيڪل اسپيشلسٽ جا فرائض بہ سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

▲ ڊاڪٽر صالح پنهنجي ادبي زندگيءَ جو آغاز پنهنجي اوائلي عمر يعني طالب علميءَ واري زماني ۾ ترجمن ڪرڻ ۽ مضمونن لکڻ سان ڪيو. سندس هم ڪلاسين جو چوڻ آهي تہ ڊاڪٽر صالح جي نصابي ۽ درسي ڪتابن سان گڏ ادبي رسالن ۽ علمي ڪتابن سان پڻ بيحد دلچسپي هوندي هئي. هو سعيو ڪري اسڪول جي لئبريءَ جو انچارج مقرر ٿيندو هو، جيئن ڪيس ڪتابن تي دسترس رهي. ڊاڪٽر جي پنهنجي چوڻ مطابق سندس ادبي معاون مرحوم قاضي علي محمد هوندو هو، جنهن جي صحبت ۾ هن گھڻو لاڀ حاصل ڪيو. هن دور ۾ لکيل ڪهاڻيون ۽ ڊراما سندس اصلاح ۽ همٿ افزائي جو نتيجو هئا. ڪراچيءَ ۾ آئي ڊاڪٽر صاحب جي علمي ادبي ذوق ۾ چڱو چوکو اضافو ٿيو. شاه ولي الله جي فلسفي ڪان وينديءَ علامہ آءِ-آءِ- قاضيءَ جي مدبرانہ ۽ مفڪرانہ واعظن سندس ڪپاٽ کولي ڇڏيا. هن دور ۾ سنڌي ادب تي ڌارين ٻولين جو بہ خاصو اثر ٿيڻ لڳو. ترقي پسند ادب هن دور جي پيدائش هئي. يورپ ۾ فرائڊ ۽ ڄنگ جي نفسيات شناسائي واري

حقيقيت تي مبني هيون.

▲ هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ عام ڪهاڻيءَ کان مراد آهي، خياليءَ من گهڙت آکاڻي، جنهن جا ڪردار فرضي هجن ۽ ڪنهن خاص پيغام خاطر لکي وڃي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڊاڪٽر صالح ۽ ٻين اديبن جي ڪهاڻين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. ڊاڪٽر واريون ڪهاڻيون فرضي نالن جي غلاف ۾ سؤ في سيڪڙو سچيون ڪهاڻيون آهن ۽ هر هڪ ڪهاڻي اسان جي سماج ۾ ٿيل واردات تان پڙدو کڻي اسان آڏو اهڙا ڏوه گناه عيان ٿي ڪري، جي گهرن ۽ گهراڻن اندر روزمره جو معمول ٿي رهيون آهن. نالو تہ يورپ ۽ آمريڪا جو بدنام آهي، پر اسان وٽ بہ خير سان يورپ جي تهذيب ڪافي عرصي کان وارد ٿي چڪي آهي. فرق فقط هي آهي تہ اسين هر برائيءَ مٿان برقعو وجهي ڍڪ ڍڪيندا اٿارهون. يورپ ۽ آمريڪا وارا پنهنجي هر برائيءَ کي کليءَ طور ظاهر ڪري سندس حل تلاش ڪندا آهن.

▲ حقيقتن کان اکيون ٻوٽ ڪرڻ ڪري نتيجو هي ٿو نڪري، جو ڪيئي معصوم نياڻيون مردن جي هوس جو شڪار ٿي پنهنجي جياپي جو انت ٿيون آڻين يا وري پاڻ تي ٿيل ظلم کي قسمت جو ڪليل ڄاڻي هڪ زنده لاش واري زندگي بَسر ٿيون ڪن. اسان جا گهر ۽ گهراڻا ۽ حاويليون ڏيٺرن جي ڏٽن سان ڇلڪي رهيون آهن. زمين ۽ ميراث جي ورهاست واري خوف کان يا وري خانداني ڇوت ڇات جي لحاظ کان، سندن شاديون ڪرايون نہ ٿيون وڃن. اسان جو معاشرو انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي انساني زندگين جو اڻڳڻت ٻڪُ وڌندو ٿو رهي، ڪاش اسان جا سماجي سرواڻ ڊاڪٽر صالح جي ڪهاڻين جو جائزو وٺي جرئت مندانہ قدم کڻن، جيئن پرده جي اوٽ ۾ ٿيندڙ هولناڪ وارداتن کي هميشہ لاءِ ٻنجوا ڇي وڃي.

▲ ڊاڪٽر صالح جي نقطہ نظر اسان جي معاشري ۾ ماڊرن زندگيءَ جا جي مکيہ مسئلا آهن، تن ۾ عورت جي مظلوميت سر فهرست آهي. خاص طور جنهن ڇڙواڳيءَ ۽ وحشي نموني ۾ عورت کي هوس جو نشانو بڻايو ٿو وڃي

۽ جنهن بي رخي ۽ بي حَسيءَ سان هن دائمي ٽرئجڊي واري وهنوار کي نظرانداز ڪيو ٿو وڃي، تنهن جهڙو مثال اوهان کي عرب جي ايام جهالت سواءِ تواريخ ۾ ڀيو ڪٿي به ملي نه سگهندو! دراصل ڏٺو وڃي ته مرد کي، خاص طور سنڌ ۾ عورتن مٿان ظلم ۽ ستم ڪرڻ جو کليل ليسنڻ مليل آهي. ممڪن آهي ته مرد جو هي وحشي پڻو سندس جاهليت سبب هجي. يا وري ڪيس مغز ۾ هي اُٿ ويٺل هجي ته خدا عورت کي سندس رانديڪي طور خلقيو آهي، جنهن کي جڏهن ۽ جيئن سندس جيءُ چاهي ته جهٽ گهڙي ڪيڏي ۽ دل وندرائي اڇلائي يا ڀڃي ڇڏي.

▲ اسان جي عام ماڻهن خاص طور نوجوانن کي هي ڄاڻ آهي ئي ڪانه، ته اسان جون جسماني خواهشون يا جنسي جذبا، دراصل آدميءَ جا اصلي ۽ جاني دشمن آهن. جڏهن جنسي ارادن ۽ لاڙن جي همٿ افزائي يا پٺ ڀرائي ڪئي ٿي وڃي، ته پوءِ هي جذبا اسان جا حاڪم ٿي اسان مٿان حڪم ٿا هلائين. وري جڏهن آدميءَ جي حرص هوس سندس عادت جي دائري ۾ داخل ٿي ٿئي، ته پوءِ سندس بري تاثر ۽ طاقت ۾ بي پناه اضافو ٿئي ٿو. پوءِ هي جنسي جذبا جنن ۽ جانورن جي جوڻ ۾ اچي آدميءَ کي پنهنجي هَوَسَ جو هٿيو بڻائي، ڪيس تباهيءَ جي اوڙاه ۾ ڌڪي ٿا ڇڏين. پوءِ سندس زندگي گناه ۽ پڇتاءُ درميان ڦٿڪندي ٿي رهي. ڪيئي گهراڻا برباد، ڪيئي حياتيون تباه، ۽ ڪيئي نوجوان جنازا مقام ڏانهن کڄن ٿا! جيڪڏهن ڪچيءَ ۾ هنن جي رهنمائي ٿئي ها ۽ کين جذبن تي ضابطو ڪنٽرول ڪرڻ جي سمجهه ۽ سگهه هجي ها ته شايد اسان جو معاشرو گهڻين برائين، بيهودگين ۽ تباهين کان محفوظ ٿي وڃي ها. گهڻ ۾ گهٽ اسان جا عياش جيئرا، لٺ ۽ چٽ جي زور تي، حاتم طائي بڻجي، پارٽ ٽائيم يا پرمننٽ شادين تي زور نه رکن ها.

▲ ڊاڪٽر صالح جي هر هڪ آکاڻي ڪنهن نه ڪنهن مظلوم جي جيئري جاڳندي تصوير پيئي ڏسجي. هيءُ ڪهاڻيون ڪن واقعن جي نتيجي ۾ يا وري

ردعمل طور وجود ۾ اچن ٿيون ۽ سندس آخرين ڊراپ سين مايوسي، محرومي يا ڪنهن خودڪشيءَ جي ڪردار تي ٿئي ٿو. ڪهاڻين جو بنيادي تعلق آهي آدم ذات جي جنسي حرص ۽ هوس سان (هن ڏس ۾ اسان جي سماج اندر نہ تہ تعليم، تحقيق يا جاچ پڙتال جا ادارا آهن ۽ نہ وري علاج لاءِ ڪي نفسيات جا ماهر Psychiatrists آهن، نہ وري اسان جي ملڪ ۾ ڪا اهڙي سماجي ايجنسي يا سرڪاري جماعت آهي، جا عوام جي ضمير کي هن رخ ۾ جاڳائي سجاڳ ڪري. هتي هي ياد رکڻ اشد ضروري آهي تہ جنسي جذبات تي ظابطو رکڻ ۾ هي مقصد هرگز نہ آهي تہ ڪو اهڙي احساس کي دٻايو يا ناس ڪيو وڃي. هرگز نہ. بلڪ هي حرارتون تہ زندگي آهي تہ جذبات کي غلط رخ ۾ استعمال نہ ڪيو وڃي. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر صالح ڀهريون ليکڪ آهي، جنهن هن قسم جي ۽ عام انساني اوڻائين ڏانهن ماڻهن جي ڌيان طلبي ڪئي آهي ۽ سندن سماجي غيرت ۽ عدل انصاف جي شعور کي للڪاريو آهي.

▲ هرهڪ ڪهاڻي پنهنجي پلاٽ ۽ ڪردار کان الڳ، هڪ سوال جي نشاني پڻ آهي. ڊاڪٽر صالح ڪهاڻي يا قصو پورو ڪري، جڻ پڙهندڙ کان وڏي واڪي سوال ٿو ڪري تہ نيٺ قصور ڪنهن جو آهي؟ هن قسم جي افسوسناڪ واقعن ۽ وارداتن لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ ڌوهي فرد آهي، سرڪار آهي يا سماج؟ آخر ڪٿي تہ وڃي ڳجهارت جو پاهو ملندو؟ يا قصو پارهوئي ائين پيو هلندو، جيئن هلي رهيو آهي؟

▲ آدمي تہ دنيا اندر هر هنڌ آهن. هر آدميءَ سان ابليس بہ ڀيلو آهي ئي آهي. پر اهڙا دردناڪ واقعا ٻين ملڪن اندر عام ڇو نہ ٿا ٿين؟ سڌريل ملڪن اندر هن قسم جي واقعن تي ڪڙي نگاه رکي ٿي وڃي ۽ تحقيق ڪري، علاج ڳولي، مٿس عمل ڪيو ٿو وڃي. ترت تدارڪ ٿيڻ ڪري عام آدمين واري لاڙن کي لغام اچي ٿو وڃي، ۽ هو ڇاڻ ڇڻ ڪري پنهنجي جذبات ۽ خواهشن تي حاوي رهن ٿا. اوهان ڏٺو هوندو تہ يورپ، آمريڪا، جپان ۽ چين ولايتن اندر عام ماڻهن جي جنسي رحجان ۽ لاڙن کي نهايت سهڻي نموني راندين

(Sports) ۽ ورزش (Athletics) جي رخ ۾ موڙيو ويو آهي. هر سڌريل ملڪ اندر اوهان کي هزارها راندين جا اسٽيڊيم ۽ ورزش لاءِ ڪسرت گاه نظر ايندا. راندين ۽ ورزش جو مول مقصد آهي، انساني جسم کي صحتمند ۽ سگهارو بڻائڻ. جيئن جيئن آدمي ترقي ۽ تعمير سان گڏ ذهني سوچ ويچار جون حدون پار ڪندو ٿو رهي، تيئن تيئن منجهس جي جانورن واريون فطري حيواني خصلتون سمايل آهن، تن کان بہ حتي المقدور ڇوٽڪارو حاصل ڪندو ٿو رهي. ممڪن آهي تہ اهڙو بہ ڪو دور اچي، جنهن ۾ 'پئسو ۽ جنسيات' انساني زندگيءَ جو مسئلو ئي نہ رهن. پر هي هڪ خواب آهي.

▲ واليءَ درويشي آهي تہ سچو سائين اسان کي ايتري توفيق بخشي، جو جن سماجي برائين ڏسڻ ۾، ڊاڪٽر صالح قصن ۽ ڪهاڻين وسيلي، اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، تن متعلق ٿڌي سيني سوچ ويچار ڪري، ڪو خاطر خواه حل تلاش ڪريون، ۽ پنهنجي معاشري کي جنسي جَبر ۽ ڏاڍائين کان پاڪ صاف رکي پاڪيزه بڻائيون، جنهن صاف سٿري ماحول ۾ اسان جون مائر ڀينر ۽ نياڻيون سک جو ساهه کڻي سگهن. آمين.

علي احمد بروهي

ڪلفٽن. ڪراچي
14-10-91

# ٻه اکر

آدم جي تخليق سان گڏ، ڪهاڻين بہ جنم ورتو. انسان ڌرتيءَ تي پير رکيو تہ وک وک تي ڪهاڻي وجود ۾ آئي ۽ ائين ئي انسانن جي چڱاين، مداين، سُورن، سهنجن، ڏکن ۽ سکن، اهي لمحا ۽ اُهي ساعتون تخليق ڪيون، جن هر انهيءَ انسان کي لکڻ لاءِ آماده ڪيو، جنهنجي ذهن ۾ پنهنجي ذات جي چؤگرد چرندڙ ۽ ڦرندڙ ماڻهن جي پيڙائن ۽ اذيتن جا انبار موجود هوندا آهن. ڪهاڻين جي مجموعي 'دل جا درد هزار' پڙهڻ کان پوءِ، آءٌ ڪجھ ساعتون سوچ ۾ ٻڏي ويس تہ انسان پنهنجي وجود جي بقا لاءِ، پاتال ۾ ڪيترو هيٺ لهي ويجي ٿو.

ڪجھ وقت اڳ جڏهن مونکي ٻڌايو ويو تہ ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ ڪهاڻيون لکي رهيو آهي، تہ مون رڳو ايترو سمجهيو تہ ڊاڪٽر صاحب ماڻهن کي صحتيابي ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيو آهي ۽ هاڻ ادبي دنيا ۾ انڪروچمنٽ ڪرڻ چاهي ٿو. اها مونکي خبر آهي تہ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب جو سڄاڻ ۽ پراڻو پڙهندڙ آهي. سٺ، ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾، هڪ نهايت مصروف ڊاڪٽر، جيڪو اِن دور ۽ آؤٽ ڊور مريضن جي ذهني توڙي جسماني شفا ۾ مصروف هجي، سو ايترين

مصروفيتن مان بہ وقت ڪڍي، سنڌي ادب پڙهي، سا ڳالھ اَملھ آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب بہ انهيءَ ذهنن جي ادب جي مطالعي ۽ سندن ذهني بيچينيءَ جي لاڳيتي سلسلي جو نتيجو آهي. هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي اهڙا جيئرا جاڳندا ڪردار ملندا، جيڪي سماج ۾ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. ذهني توڙي جسماني طور تي ٿتل ڪردار، نهايت سادي نموني، بنا ڪنهن واڌ يا لفظن جي هيراڦيري يا بناوٽي سونهن جي، پنهنجو اندر کولين ٿا ۽ پڙهندڙ کي سڌو سنئون متاثر ڪن ٿا. اهي ڪردار يا واقعا يا اذيتون ڪا نئين ڳالھ ناهي ۽ هن سماج ۾ اهڙا سفيد پوش هر هنڌ موجود آهن، جيڪي ٻٽي ڪردار جا مظهر آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙا ڪردار بہ نظر ايندا آهن، جيڪي پاڻ سان ڪيترائي نقاب کنيو پيا هلندا آهن ۽ سندن هر ڪو قدم يا هر ڪا ڳالھ، موقعي جي مناسبت سان نئي ظاهر ٿيندي آهي، ۽ اهڙوئي گهربل ماسڪ يا نقاب سندن چهرن تي هوندو آهي. ڊاڪٽر صاحب انهن ڪهاڻين لکڻ مهل ڪو ناصحانو طرز عمل(Didacticism) اختيار نہ ڪيو آهي ۽ نہ ڪي سماج جي اهڙن ناسورن يا اگهاڻين لاءِ priscriptions لکيا آهن. پر هن پيري ڊاڪٽر صاحب هڪ اديب ۽ ڪهاڻيڪار آهي. عام ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ Narrative فارم آهي ۽ اُن ۾ ايتري صداقت ۽ موضوع سان سڌو سنئون رابطو ڏيکاريل آهي، جو ڪٿ ڪٿ عام حالتن ۾، ڪردارن، ماحول ۽ مڪانيت جي باري ۾ گهربل تفصيل يا جزئيات نگاري کان بہ شعوري طور تي پاسو ڪري، ڪهاڻيءَ جي اصل موضوع ۽ تاثر کي ئي مد نظر رکيو ويو آهي. گذريل دؤر جي ڪرئفٽ اسٽوري(Craft Story) يا موجوده وقت جي علامتي

ڪهاڻي (Symbolic Story) کان بلڪل مختلف عام انسانن جي جذبن ۽ اذيتن وانگر، نج ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون.

ڊاڪٽر صاحب اهڙن موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ انساني محبت، نفرت، سماجي ۽ طبقاتي اڻبرابري، نفسياتي ۽ جنسياتي مونجهارا پڻ شامل آهن. انهن ڪهاڻين Incest جهڙي ڏکئي ۽ عام طور تي سخت اعتراض جوڳي موضوع کي بہ شامل ڪيل آهي ۽ سنڌي افسانوي ادب ۾ اها هڪ حقيقت پسند ۽ جرئت ڀري ڪوشش آهي. اسان جي سوسائٽي ۾ اهڙا ڪردار هر طبقي ۾ نظر ايندا رهندا آهن، پر ڏٺو اهو ئي ويو آهي تہ اهڙن ڪردارن ۽ واقعن کان لنوايو ويندو آهي يا پرده پوشي ڪئي ويندي آهي.

ٿي سگهي ٿو موجوده ادب جا ڪجھ روايتي پارکو ۽ جديد دؤر جا ليکڪ، هي ڪهاڻي- ڪتاب پڙهي، اها راءِ قائم ڪن، تہ اڄڪلھ سوچيل سمجهيل نتيجن واري فارمولا ڪهاڻي پنهنجي اهميت وڃائي چڪي آهي ۽ روايتي ڪهاڻي لکڻ جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڪري هن ڪتاب جون ڪهاڻيون عام رواجي آهن، جن ۾ رائج trends يعني تجريد ۽ علامت جي اٿاٿ آهي. اسان جي اهڙن دوستن جي سوچ ڀل صحيح بہ هجي، پر اهو بہ سچ آهي تہ گذريل پندرهن ويهن سالن ۾ اسان جي نئين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪار، سنڌي ڪهاڻيءَ جي عظمت ۽ وڌ- پڻ ۾ ڪو خاص اضافو نہ ڪيو آهي. عام پڙهندڙ اڃا بہ 70 وارن ڏهاڪي کان اڳ ورن ڪهاڻيڪارن کي سڃاڻي ٿو ۽ انهن جون نئي ڪهاڻيون، نيون توڙي پراڻيون، ترجيحي طور پڙهي ٿو. انهيءَ جو ڪارڻ اهو بہ ٿي سگهي ٿو، تہ نئين ٽهيءَ جو ليکڪ پنهنجي چوگرد

ڦهليل مسئلن، حالتن ۽ واقعن کان بي نياز ٿي، شعوري طور پنهنجي ذات جي ذهني پيچيدگين ۽ انا جي مونجهارن ۾ ايترو ڦاٿل آهي، جو هو جيڪو به ادب تخليق ڪري پيو، سو عام پڙهندڙن لاءِ به مونجهارا پيدا ڪري ٿو. نئين ٿهيءَ جي ليکڪ جي تجريدي سوچ ۽ علامت نگاري هڪ طرف پڙهندڙ کي ذهني ڪرب ۾ مبتلا ڪري ٿي، ته ٻئي طرف پڙهندڙ نئين ادب کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳي ٿو، ته اهو ادب معاشري جي اجتماعي اذيتن ۽ سهنجن بابت به آهي يا ڪنهن هڪ فرد جي ذهني بي چينيءَ سبب تخليق ٿيو آهي. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر صاحب جون هي ڪهاڻيون اسان جي سوسائٽيءَ ۾ هلندڙ ڦرندڙ ماڻهن جون ڀرپور ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ ڪا تجريد يا ڪا علامت نگاري محسوس نه ٿيندي. بلڪ ڪهاڻيءَ جا گهربل عنصر يعني پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ تاثر جي وحدت(Unity of impression)، بلڪل موجود آهي، جيڪي پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ رکن ٿا ۽ کيس ڪهاڻي يا سموري ڪتاب کي پڙهي پورو ڪرڻ جي ترغيب به ملي ٿي. آءٌ سمجهان ٿو ته ليکڪ جو سمورو فن يا جدت پسندي هڪ طرف آهي ۽ پڙهندڙ جو ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي برقرار رهڻ وارو عنصر نه رڳو ٻئي طرف آهي، پر فن ۽ جدت پسنديءَ کان، حقيقت ۾، مٿيرو به آهي. انهيءَ ڪري هي ڪتاب يقيني طور تي پڙهندڙن کي وڻندو ۽ فني پارکن يا جديد اکرن جي ماهرن کي ٿي سگهي ٿو ته متاثر نه ڪري، جيڪي عام اکرن کي به ڳجهارتن واري انداز ۾ پيش ڪرڻ چاهين ٿا.

جيئن مون مٿي به لکيو آهي ته هي ڪهاڻيون اسان جي چوگرد ڦهليل ماڻهن متعلق آهن، انهن جي ڏکن سورن ۽ خوشين جي ساعتن بابت آهن،

پر ڪن ڪهاڻين ۾ تہ موضوع ۽ ڪردارن جي ايڏي وسعت آهي، جي انهن کي ناول بنائجي ها تہ شايد سنڌي ادب جا بهترين ناول بہ ٿي سگهن ٿا. خاص ڪري هڪ ڪهاڻي 'موئنجي دڙي ۾ قاتل هڪ شخص' تہ پنهنجي موضوع ۽ ڪردارن جي وسيع ڪئنواس ڪري هڪ بهتر ناول جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي. عورت مرد جي لطيف احساسن ۽ تعلقات کي جهڙيءَ طرح، پنهنجي ماحول جي تهيل قاعدن ۽ قانونن مطابق لکيو ويو آهي، تنهن صورت ۾ نہ رڳو پڙهندڙن کي، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌي ادب ۾ هڪ تمام سٺي ڪهاڻي جو اضافو ٿيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ اهڙا غير رواجي واقعا يا ڪردار آيا آهن، تن کي ڪهاڻيءَ جي فارم ۾ پيش ڪرڻ سان، نہ رڳو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ واڌ ٿي آهي، پر هڪ سڄاڻ، حساس ۽ سٺو ڪهاڻيڪار بہ سنڌي زبان ۽ ادب کي مليو آهي.

**غلام نبي مغل** -

حيدرآباد

25 - سيپٽمبر 1991ع

# پنهنجي طرفان

هيءُ منهنجي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، حقيقت اِها آهي تہ اڻ ڳڻ ڪهاڻيون لکڻ جي باوجود بہ، اُن پاڻ کي ليکڪن جي قطار ۾ بيٺل نٿو سمجهان، مان هڪ سڌو سادو ڍا ڪٽر آهيان. البت ادب پڙهڻ سان دلچسپي اٿم، اِج ڪان نہ، شروع کان- اسڪول جي زماني کان اِج ڏينهن تائين.

ننڍي هوندي، جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس، انهيءَ زماني ۾ ئي مون ڪجھ ننڍيون ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا هئا. تڏهن منهنجي رهنمائي مرحوم قاضي علي محمد صاحب ڪئي هئي.

ڪتاب پڙهڻ ۾ دلچسپي مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي ڏياري ۽ ننڍين مضمون لکڻ ڏانهن اُتساهہ پڻ ڏياريائين. جڏهن مون پنهنجي محترم اُستاد عثمان علي انصاري جي ڪهاڻين جو ڪتاب 'پنج' پڙهيو تہ مون کي بہ ڪهاڻين لکڻ جو شوق ٿيو. ۽ 'سنڌو' رسالي جي ايڊيٽر سرڳواسي بولچند راجپال مون کي ترجما ڪرڻ جو شوق ڏيارو.

جن هستين جا مون نالا ڪنيا آهن، اِهي سنڌي علم ۽ ادب جون نامور هستيون آهن، ۽ سچ پچ تہ مون کي فخر آهي، تہ اهڙين عظيم هستين منهنجو لاڙو ادب ڏانهن ڪيو. پر سنڌي ڪهاڻي ڏانهن وڌيڪ شوق تڏهن ٿيم، جڏهن مون

آغا سليم، نسيم کرل، سراج ميمڻ، جمال ابڙو، علي احمد بروهي، غلام نبي مغل، اَمر جليل، حميد سنڌي، ماهتاب محبوب ۽ طارق اشرف جون ڪهاڻيون پڙهيون. ائين بہ ڪونهي تہ مون فقط انهن جون ئي ڪهاڻيون پڙهيون آهن، ٻين ڪهاڻيڪارن کي بہ پڙهيو اٿم، پر جن جي لکڻ جي انداز، بيان ڪرڻ جي نوعيت، جن جي لکڻ جي ٽيڪنڪ کان متاثر ٿيو آهيان، سنڌيءَ جا اهي مٿيان ڪهاڻيڪار آهن. انهيءَ کان علاوه انگريزيءَ جي جڳ مشهور ليکڪ سمرسيٽ ماهم جو بہ منهنجي ذهن تي ڪافي اثر آهي. اڙدوءَ جا ڪهاڻيڪار ڪرشنچندر، سعادت حسن منٽو ۽ شفيق الرحمان بہ منهنجي پسند جا ليکڪ آهن.

مان ڪهاڻي جي Evolution ۽ Development تي لکڻ جي پاڻ ۾ اهليت نٿو سمجهان. پر پنهنجي مطالعي جو تجزيو ڪرڻ چاهيان ٿو. مان سمجهان ٿو سُٺي ڪهاڻي ۾ ٽي وصفون هئڻ گهرجن.

1- موضوع ۽ سچي حقيقت

2- مختصر انداز ۾ بيان ڪرڻ

3- ڪهاڻيءَ ۾ مقصد

مان صحيح آهيان يا غلط، پر مون ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪهاڻيءَ ۾ اهي ٽي ڳالهيون هجن. ڪامياب ٿيو آهيان يا نہ، انهيءَ جو فيصلو تہ ڇاڻو ۽ پڙهندڙ ڪندا. پر منهنجي سوچ اِها آهي تہ معاشري جي سچي ڪهاڻين، سچن ڪردارن، انهن جي مسئلن، خيالن، جذبن ۽ عمل کي مختصر ۽ چڱن لفظن ۾، اهڙي طريقي سان بيان ڪيو وڃي، جنهن سان سماج ۽ معاشري جي ڪنهن ڪمزوريءَ کي بي نقاب ڪري سگهجي، ۽ پڙهندڙن جو ڌيان انهيءَ بُرائي ڏانهن ڇڪائي سگهجي تہ پوءِ ڪهاڻيءَ جو مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو.

منهنجي سڀئي ڪهاڻيون انهن ئي اصولن تي لکيل آهن. اِها ٻي ڳالهہ تہ مان اهو سڀ ڪجهہ لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو هجان يا نہ. اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪي انهن ڪهاڻين تي تنقيد ڪن تہ هنن ڪهاڻين ۾ Incest ۽ Sex جو پهلو گهڻو

آهي. پر انهيءَ کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته اسان جي زندگيءَ ۾ انهيءَ عنصر جو گهڻو فعل آهي، جيڪڏهن اسان کي معاشري جي برائين کي قلور ٿو آهي، ته انهيءَ پهلوءَ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. البت اِهو ضرور آهي ته انهن موضوعن تي لکڻ لاءِ ڏاڍي احتياط کان ڪم ونئو ٿو پوي ته جيئن مقصد کان ٿڙي نه وڃجي، ۽ ڪهاڻيءَ مان مثبت پهلوءَ جي بدران منفي پهلو نڪري.

سچ پچ اهڙن موضوعن تي لکڻ لاءِ همٿ به گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي حقيقتون آهن، ۽ اسان جي معاشري ۾ ئي انهن جنم ورتو آهي. ۽ انهن موضوعن تي هڪ ڊاڪٽر ئي صحيح طريقي سان لکي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر کي ئي اهڙا مجبور ۽ سوسائٽيءَ جا ستايل ڪردار، پنهنجي ضمير جي بيچينيءَ جو اصلي ڪارڻ ٻڌائيندا آهن.

مون کي ڪهاڻين لکڻ جو شوق آهي، اِها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي، پر حقيقت اِها آهي ته مون پهرين چونڊ انهيءَ موضوع جي فقط انهيءَ ڪري ڪئي، ته جيئن پڙهندڙن جي توجه انهيءَ پاسي وڃي ته هن سوسائٽيءَ ۾ اوهان جي اردگرد اهڙا ڪردار به موجود آهن، جيڪي ظلم ۽ درندگيءَ جو نشانو بڻيا. اُهي ڪردار به موجود آهن، جيڪي ظالم ۽ درنده ٿيا، جن انساني رشتن، رت جي رشتن، اخلاقي رشتن کي نظرانداز ڪري، انسانيت کي داغدار ڪيو. اهڙا غير اخلاقي ڪم ڪيائون، جن کي دنيا جي هر سوسائٽي ڌڪاري ٿي. انهيءَ يا انهن موضوعن تي لکڻ جو مقصد اِهو آهي ته- ڪڙي سچائيءَ کي، سچين حقيقتن کي پڙهندڙن جي اڳيان آڻيان. شايد ڪي انهيءَ ناسور جو تدارڪ ڪري سگهن.

منهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل واقعا ۽ ڪردار سچا آهن. پر اِهي ڪردار هاڻ دنيا ۾ موجود ڪونهن. ڪن مظلومن پنهنجو انت پاڻ آندو، ڪن کي موت پاڻ ڳڙڪائي وئي. ظالمن مان به، ڪن تي قدرت طرفان عتاب نازل ٿيو، ۽ ڪي بنا عتاب جي ئي ويا هليا. شايد ڪن پڙهندڙن کي، اهڙا ڪردار

پنهنجي اردگرد نظرا چن. پر مون ڪنهن شخص يا Family جي نشاندهي نہ ڪئي آهي. نہ ئي legally پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذميوار ٺهرايان ٿو. ڇو تہ اهڙا ڪردار فقط مون ئي نہ ڏٺا آهن، ڪيترا اهڙا ڪردار، جتي ڪٿي پکڙيل هوندا.

آخر ۾ آءٌ عبدالحليم شيخ، علي احمد بروهي ۽ طارق اشرف جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هر قسم جي رهنمائي ڪئي ۽ پنهنجي رسالي 'لطيف' ۽ 'سهڻي' ۾ هنن ڪهاڻين کي نمايان جاءِ ڏني ۽ انهن کي انهيءَ قابل ڪيو، جو هاڻي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي سگهيون آهن.

– ڊاڪٽر صالح محمد ميمڻ

12، آڪٽوبر 1991

ڪراچي، سنڌ

# پرَسرّيل فرشتا

روز وانگر، مان اڄ بہ پنهنجي ڪلينڪ ۾ مريضن کي ڏسي رهيو هوس. مريض ڪافي هئا، هڪ ويو ٿي تہ ٻيو پنهنجي واري تي ڪمري ۾ آيو ٿي. ۽ جيستائين هڪ نٿي نڪتو، تيستائين ٻيو اندر اچي نٿي سگهيو. ٻي مريض کي بہ تڏهن اندر اماڻيو هو، جڏهن مون بيل وڄائي، اچڻ جي اجازت ڏني ٿي.

پر انهيءَ وقت مان حيران ٿي ويس، جڏهن او چتو، زور سان منهنجي ڪمري جو دروازو کليو، ۽ هڪ عورت تيزيءَ سان اندر گهڙي آئي. هن

جي چهري تي گهبراهٽ ڇانيل هئي، هوءَ سخت بي چين هئي، سندس منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويو هو، بدن ڏڪيس پي، ۽ اکيون روئڻ ڪري آليون ۽ ڳاڙهيون هيس.

مون ڪي اهو مريض ٿوري دير لاءِ وسري ويو، جنهن ڪان سندس بيماريءَ جو مان احوال وٺي رهيو هوس. منهنجي سڄي توجهه انهيءَ عورت ڏانهن ڪجي ويئي هئي، جيڪا ڏاڍي گهبرايل ۽ پريشان هئي. مون کي هوءَ ڪجهه واقف لڳي، پر مان پوريءَ طرح ڪيس سڃاڻي نه پئي سگهيس. هن عورت مون ڏانهن ڏٺو، ۽ مون کان پڇيائين، ”ڊاڪٽر اوهان مون کي سڃاڻو ٿا ڪونه؟“ ۽ انهيءَ کان اڳ جو مان ڪيس ’نه‘ چوان ها، هن پاڻ ئي ٻڌايو، ”مان نسرين آهيان- نسرين حامد.“

”نسرين!“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ڇرڪ نڪرڻ به گهربو هو. هن نسرين ۽ هُن نسرين ۾ زمين آسمان جو فرق هو، جنهن کي مان هڪ زماني کان سڃاڻان. هوءَ بي انتها خوبصورت هئي. من موهيندڙ مُرڪ سدائين هن جي چپن تي هوندي هئي. هن جي اکين جي چمڪ تجلا ڏيندي هئي. هڪ ڀيرو ڪو ڪيس ڏسي ته پوءِ مٿانس نظر هٽائڻ مشڪل ٿي پوندي هئي. هن جي انگ انگ ۾ مستي سمايل هئي.

پر هيءَ نسرين، جيڪا سامهون ويٺي هئي— هن جون اکيون اندر ڏرا ڏيئي ويئون هيون. چهرو مرجهايل، اکين مان جوت نڪري ويئي هيس، هاڻ اکين ۾ تجلا نه، فقط رحم ۽ همدرديءَ جي تقاضا هئي.

اوچتو مون کي سامهون ويٺل مريض جو خيال آيو، مون ڪائنس معذرت گهري ۽ نسرين کي چيم، ”توهان ٿوري دير لاءِ هلي ٻيءَ واري ڪمري ۾ آرام ڪريو، مان واندو ٿي، توهان کان حال پڇان ٿو.“

نسرين ٻي واري ڪمري ڏانهن ويندي چيو، ”بنا اجازت ائين ڏو ڪي اچڻ تي اوهين ناراض ته نه ٿيا آهيو؟“

مون مُرڪندي ۽ تمام نرم لهجي ۾ چيو، ”بلڪل نه... توهان ٿورو

آرام ڪريو.“

مان مريض مان واندو ٿي، اُٿي پر واري ڪمري ۾ ويس. هوءَ صوفا تي آهلي پيئي هئي. مون کي ايندو ڏسي ائين تہ سڌي ٿي ويئي. مان سندس سامهون واري صوفا تي ويهي ويٺس ۽ ڏانهس ڏسڻ لڳس تہ هوءَ احوال ٻڌاءِ. پر هوءَ ڪنڌ جهڪايو، ننهن سان صوفي کي ڪرڙي رهي هئي، لڳو ٿي تہ اندر ۾ ڪو مانڌاڻ متل هيس. جڏهن ڪافي دير تائين هن ڪجهہ نہ ڳالهايو، تہ مون ئي ڪائنس تمام نرم لهجي ۾ پڇيو، ”ڇا ڳالهہ آهي، نسرين؟“

نسرين تڏهن بہ ماٺ رهي. ڪن رڪي وري پڇيو مانس، ”مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟“

هُن ڪنڌ کڻي مون کي ڏٺو، ۽ روئڻ لڳي.

مون نسرين کي ڪجهہ سالن کان ڪونہ ڏٺو هو، پر منهنجي هن سان پُراڻي واقفيت هئي. واقفيت بہ اهڙي تهڙي نہ، مان پوين ڪجهہ سالن کان سواءِ، هن جي هر ڳالهہ کان واقف هوس. بلڪ سيئي ڳالهيون هن مون کي پاڻ ٻڌايون هيون. هوءَ تمام فارورڊ هئي، ۽ پنهنجي هر وڏي ۾ وڏي ڳالهہ، بلڪل عام نموني ۾ ٻڌائي ڇڏيندي هئي. شروع ۾ مون کي هن جي باري ۾ ڪجهہ فڪر بہ ٿيو هو، پر پوءِ هن جي شادي ٿي ويئي. شاديءَ کان پوءِ بہ هوءَ مون وٽ ايندي رهندي هئي، ڇو تہ مان سندس ڊاڪٽر هوس. ۽ پوءِ ڪيس بہ ٻارـــ ڌيءُ پُٽ ٿيا. ۽ جڏهن ٻار وڏا ٿيا، تڏهن نسرين سان ملاقاتن جو سلسلو ٽٽي پيو. پر پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن وٽان هن جي باري ۾ خبر پئجيو ٿي ويئي. هن جو مڙس سُکيو هو. ۽ هاڻ هُتي هڪ ماٺ هئي، ۽ نہ ڄاڻ ڇو مون کي ائين لڳندو هو تہ اِها ماٺ، اِها خاموشي اُها آهي، جيڪا ڪنهن طوفان جي اچڻ کان اڳ ٿيندي آهي.

نسرين جو جنم هڪ دولتمند ۽ اعليٰ تعليم يافته گهراڻي ۾ ٿيو هو- جتي دولت به هئي، عزت به هئي. جتي گُهرجائو ۽ خوشامندڙين جي به کوٽ نه هئي. نوڪر چاڪر ۽ دنيا جي ٻين نعمتن جي به کوٽ ڪانه هئي. پر سندس ماءُ پيءُ ۾ پوَت گهٽ هئي. ٻين جي اڳيان ته انهيءَ جو اظهار ڪونه ڪندا هئا، جو عزت جو سوال هو. پر جڏهن اڪيلا هوندا هئا ته هڪ ٻئي جي دل آزاري ڪرڻ کان باز نه ايندا هئا. اندر ۾ ٻرندڙ نفرت جي چڻنگ دُکندي دُکندي، نيٺ پڙڪو کاڌو، ۽ ٻئي هڪ ٻئي کان، انتقام وٺڻ لاءِ وجهه پيا ڳولهيندا هئا. سندس ماءُ جو گهڻو وقت هاڻ سندس مڙس جي دوستن سان گذرندو هو. ۽ پيءُ، زال جي نندي نيتين ساهڙين سان چرچا گهبا ۽ هٽ چراند پيو ڪندو هو.

نسرين نندي هئي، اهي ڳالهيون سمجهي نه سگهندي هئي. پر اهڙي ئي ماحول ۾ وڏي ٿي رهي هئي. پهرين ته هن اِهو محسوس ڪيو ته ماءُ هن سان اهڙي محبت نٿي ڪري، جهڙيون ٻيون مائرون پنهنجي ٻارن سان ڪنديون آهن. سندس ماءُ ته ٿوري ڳالهه تي چڙٻون ۽ دڙڪا ڏيندي هئي، خاص ڪري انهيءَ وقت، جنهن وقت پٽس جا دوست يا ٻيا ڪي مڙدوينا هوندا هئا، ۽ هوءَ "چاچا" چئي وٽن ويندي هئي.

پوءِ نسرين محسوس ڪيو ته سندس ماءُ پيءُ به هڪ ٻئي کان بيزار آهن. نسرين جڏهن پندرنهن سالن جي ٿي ويئي ته هڪ ڏينهن پٽس ڪنهن ٻئي شهر ويل هو. روزوانگر ماڻس وٽ سندس دوست وينا هئا. نسرين ۽ ٻيا ٻار پنهنجن ڪمرن ۾ سمهڻ لاءِ هليا ويا هئا، ۽ جلدي سمهي رهيا. نسرين کي به ننڊ اچي ويئي. پر اوچتو اڌ رات جو نسرين جي اک کلي ويئي. کيس ڪجهه آواز محسوس ٿيڻ لڳا. هن کي ڊپ لڳو. هوءَ اُٿي ۽ پنهنجي ڪمري جو در کوليائين. آواز سندس ماءُ جي ڪمري مان اچي رهيا هئا.

هوءَ آهستي آهستي وڏي ماڻس جي ڪمري ڏانهن ويئي، هن آهستي

سان دروازو کوليو. ڪمري ۾ بتي ٻري رهي هئي، ڪمري ۾ اندر ڏسندي ئي، هن جي واتان رڙ نڪري ويئي. پلنگ تي ماڻس ۽ پڻس جو دوست قابل اعتراض حالت ۾ هئا. نسرين جي رڙ تي هنن ٻنهي ڇرڪ ڀري در ڏانهن ڏٺو. ماڻس جلدي ءَ سان گون پاتو ۽ نسرين کي ٻانهن کان جهلي، سندس ڪمري تائين گهليندي آئي، ۽ پوءِ کيس ايتري دير تائين ماريندي رهي، جيستائين نسرين ساڻس وعدو نه ڪيو ته هوءَ ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪندي. ۽ نه ئي آئنده ڪڏهن ماڻس جي ڪمري جي پرسان به ايندي.

۽ پوءِ ماڻس جو رويو نسرين سان ڏينهون ڏينهن خراب کان خراب ٿيڻ لڳو. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تان به ماڻس کيس دڙڪا ڏيندي هئي ۽ ماريندي هئي. ڪجهه وقت ته نسرين برداشت ڪندي رهي، پر نيٺ بيزار ٿي پڻس کي سموري ڳالهه ٻڌايائين. پڻس سندس دلجوئي ڪئي، پر هوءَ سمجهي ويئي ته پڻس کي انهن سڀني ڳالهين جي اڳيئي خبر آهي.

پوءِ نسرين پنهنجي پيءُ ۾ تبديلي محسوس ڪئي، هاڻ پڻس کيس پيائڻ لڳو، کيس ڏاڍيون چميون ڏيندو هو، سندس ڳِٽا پٽيندو هو. ۽ هن سان گڏ بيڊ تي ليٽي پوندو هو. ۽ ماڻس جون مٿس ٿيل زيادتين جي باري ۾ پڇندو هو. نسرين ماڻس جي باري ۾ ڳالهيون وڌائي ٻڌائيندي هئي، ۽ پڻس کيس پيار ڪندو رهندو هو، ۽ سندس هٿ ڌيءَ جي پوري جسم تي ڦرندا رهندا هئا.

پر هڪ ڏينهن هن پيار ٻي شڪل اختيار ڪئي. پڻس ساڻس اهو ئي ورتائو ڪيو، جيڪو ماڻس سان، سندس پيءُ جي دوست ڪيو پئي.

پندرنهن سالن جي عمر ۾، هوءَ پنهنجي ئي پيءُ جي هٿان، پنهنجي عزت وڃائي ويٺي. پر کيس اِهو ڏک جلدي لهي ويو، جڏهن هن ڏٺو ته هاڻ ماڻس جي بدران پيءُ سندس مُٺ ۾ آهي، ڌيءَ کي خوش رکڻ لاءِ هو اڪثر زال سان تمام تکو ٿيڇي ويندو هو. جڏهن ته اڳ ۾ هو زال کان

ڏبجي ويندو هو. ۽ جڏهن بہ پٽس ماڻس سان تڪو ٿيندو هو، تہ نسرين انهيءَ ۾ پنهنجي فتح محسوس ڪندي هئي. ڪيس هڪ قسم جو سڪون محسوس ٿيندو هو. هن ڪي پنهنجي ماءُ سان نفرت ٿي ويئي هئي. هُن چاهيو ٿي تہ سيني جي توجہ جو مرڪز هاڻ هوءَ هجي. ۽ ماڻس کي هر مڙد نظرانداز ڪري.

۽ ماڻس کي نظرانداز ڪرڻ وارو پهريون مڙد، سندس ئي پيءُ هو.

نسرين جي ماءُ هاڻ ڏيءُ مان، پهرين کان وڌيڪ بيزار هئي، ڇا ڪاڻ تہ نسرين هاڻ وڏي ٿي چُڪي هئي، سندس چاهيندڙ هاڻ نسرين ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا هئا. ۽ نسرين ماءُ کي تڙپائڻ ۽ ڪيس شڪست ڏيڻ خاطر، ماءُ جي چاهيندڙن کي اهميت ڏيڻ لڳي هئي. ٻئي پاسي پٽس بہ نسرين مان بيزار ٿي پيو هو، ڇو تہ نسرين جون فرمائشون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پئي ويئون. ۽ هوءَ پٽس جي دوستن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳي هئي.

پر پٽس کيس ڪجهہ چئي نٿي سگهيو، ڇا ڪاڻ تہ انهيءَ رستي تي ڏيءَ کي آڻڻ وارو هُو پاڻ هو. ۽ پوءِ هن سوچيو تہ جيترو جلد ٿي سگهي، نسرين جي شادي ڪرائي ڇڏجي، تہ گهٽ ۾ گهٽ سندس جند ڇٽي.

جلدي نسرين لاءِ مڙس چونڊجي ويو. جيڪو شڪل شبيهہ جو سٺو هو، پڙهيل هو، پر پئسو ڪونہ هو. ڪيس مٿي چڙهڻ لاءِ ڪنهن مضبوط ڏاڪي جي ضرورت هئي. ۽ اهو سهارو نسرين جي پيءُ پنهنجي پوزيشن ۽ دولت جي ذريعي مهيا ڪري ڏنو.

نسرين عمر جي ننڍي هئي، پر دولت مند پيءُ جي رعب ۽ اثر ڪري، جلدي مڙس مٿان حاوي ٿي ويئي. سندس ادنگن افعالن تي ڪُڇڻ جي سندس مڙس ۾ همت نہ هئي. ۽ سندس مڙس کي نسرين کان وڌ، سندس پئسي ۾ دلچسپي هئي.

مڙس جو رويو ڏسي، نسرين پنهنجي راهه اختيار ڪئي. ماءُ جا سپ چاهيندڙ تہ هنجا چاهيندڙ بڻجي ويا هئا، پر ٻيا ڪوڙ چاهيندڙ بہ وٽس اچڻ لڳا هئا.

نسرين جا عاشق هر وقت وٽس ايندا ويندا هئا. ڪيترا ڀيرا مڙس ڪيس ٻين سان اعتراض جوڳي حالت ۾ ڏٺو بہ، پر هن ۾ ايڏي همت نہ هئي جو هو ڪجهہ ڪري يا چئي سگهي.

نسرين جي ماءُ کان اِهو سڀ ڪجهہ برداشت نہ پئي ٿي سگهيو. هوءَ هاڻ لهندڙ سج هئي، جڏهن تہ نسرين ڦوهہ جوان. نسرين جي ماءُ جا سيئي چاهيندڙ نسرين وٽ هئا. نسرين جي ماءُ نانيءَ کي ڀڪائڻ شروع ڪيو ۽ ڪيس همٿائڻ لڳي. ۽ آهستي آهستي مڙس نسرين سان جهيڙا شروع ڪيا ۽ نسرين جي دوستن جي اچڻ تي اعتراض ڪرڻ لڳو.

نئين صورت حال نسرين کي ڪجهہ پريشان ڪيو، پر ڪيس هڪ ترڪيب سُجهي آئي. سندن ڀيڻ جيڪا پندرنهن سالن جي ٿي ويئي هئي، هن کي پاڻ وٽ رهايائين. ڀيڻس بہ ماءُ پيءُ جي هلت کان واقف هئي. نسرين اهڙا موقعا پيدا ڪيا، جو سندس مڙس، ڀيڻس ڏانهن راغب ٿيو، ۽ نيٺ هڪ ڏينهن هن مڙس کي، ڀيڻس سان قابل اعتراض حالت ۾ وڃي پڪڙيو.

مڙس جي اِها اهڙي ڪمزوري نسرين جي هٿ اچي ويئي، جنهن مڙس کي بيوس ڪري وڌو.

ڪافي سال گذري ويا، نسرين جي گهر جو ماحول بلڪل اهڙو ئي هو، جهڙو مائٽن جي گهر جو. هوءَ غير مڙدن سان راتيون گذاريندي هئي، ۽ مڙس ڀيڻس يا ٻين زالن سان ــــ ۽ سندن ٻار اهڙي ماحول ۾ وڏا ٿي رهيا هئا.

منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽو. مون نسرين ڏانهن ڏٺو، جيڪا ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي. مون کيس چيو، ”نسرين، توهان ڪجهه ٻڌائيندا، تڏهن ئي آءٌ توهان جي help ڪري سگهندس.“

هن ڪنڌ کڻي مون ڏانهن ڏٺو، ۽ پڇيائين، ”منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ اوهان کي خبر آهي.“

”گهڻي ياگي.“ مون مختصر جواب ڏنو.

جن ڳالهين جي مون کي خبر نه هئي، هن ٻڌائڻ شروع ڪيون:

”منهنجا ٻار وڏا ٿيڻ لڳا. منهنجي زندگي ائين گذرندي هئي جو آءٌ ڏينهن جو گهڻو حصو سُتي پئي هوندي هيس. پر سڄي رات مستين ۾ گذرندي هئي. ۽ منهنجو مڙس منهنجي نندي ڀيڻ يا منهنجين ساهڙين جي هنج ۾ رات گذاريندو هو. هاڻ اسان هڪ خاموش سمجهوتو ڪري ورتو هو، نه هو منهنجي معاملن ۾ دخل انداز ٿيندو هو، نه مان سندس معاملن ۾ پاڻ کي اڙائيندي هيس.

ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن مان ڏينهن جو سجاڳ هوندي هيس ته سوچيندي هيس ته مون کي زندگي ائين نه گذارڻ کپندي هئي. ڪاش مان شرافت سان زندگيءَ گذاريان ها. منهنجو مڙس مون کي ڀائين ها. مان ٻارن جي ٻه گهور لهان ها، ۽ هنن جي تربيت تي پورو ڌيان ڏيان ها.

پر هاڻ اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ ممڪن نه هو. مان هاڻ اُتي هيس، جتان موٽي نٿي سگهيس. ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهو به احساس ٿيندو هو ته سليم ۽ سليمه هاڻ وڏا ٿي ويا آهن. هنن، انهيءَ ماحول مان ڪهڙو اثر ورتو هوندو.

”پر انهن ڳالهين تي مان گهٽ سوچيندي هيس، ۽ سوچڻ کان لنوائيندي هيس. ڇو ته نه مان، نه ئي منهنجو مڙس پنهنجون عادتون مٽائڻ لاءِ تيار هئاسين.

”اڄ مان هڪ دوست سان ٻاهر ويئي هيس. موٽيس ته سليم جي

ڪمري جي بتي ٻريل ڏٺم. پرسان ويس ته ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جا آواز ٻڌم. در تي هٿ رکيو ته در کُلي پيو. مون ڇا ڏٺو- ڪيئن ٻڌايان."

نسرين چپ ٿي ويئي. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. هن ڳوڙها اگهيا، ٿوري ماٺ رهي پوءِ ٿڌو ساهه ڀري چيائين، "مون اندر ڏٺو ته سليم ۽ سليمه بلڪل اهڙي حالت ۾ هئا، جهڙي حالت ۾، گهڻا سال اڳ مون پنهنجي ماءُ ۽ بابا جي دوست کي ڏٺو هو. ڪُڙڪي ته سليم مُڙي مون کي ڏٺو، پر هن ۾ ڪا به تبديلي نه آئي. مون رڙ ڪري چيو: 'توهان کي شرم نٿو اچي...'

"سليم مُرڪي چيو، 'ممي اغواءِ ڪرڻ ۾ شرم ڇا جو. هلي آ، تون به اچي شريڪ ٿي. ٻن کان ٽي چڱا.'

"مون وٽ ڪو جواب نه هو. مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته مان ڇا ڪريان. ڪنهن وٽ وڃان. پوءِ اوهان وٽ هلي آيس. خبر نه مون کي اوهان وٽ اچڻ گهرجي ها يا نه. هاڻ ٻڌايو مان ڇا ڪريان.؟"

مون نسرين کي ڪو به جواب نه ڏنو. مون وٽ ڪو جواب هو ئي ڪو نه.

---

# ڏُڀڻ

هڪ ڏينهن مان پنهنجي حيدرآباد واري ڪلينڪ ۾ ويٺو هوس. مريض ته سيئي ويجي چُڪا هئا، پر مون کي خط ڏسڻا هئا، ڇو ڪن خطن جا جواب به ڏيڻا هئا، ڇا ڪاڻ ته گهڻن ڏينهن کان خطن جا جواب نه ڏنا هئم. اوچتو هڪ دوست ڪمري ۾ گهڙي آيو، سلام دعا به نه ڪيائين، يڪدم چيائين، ”مهرباني ڪر، مدد ڪر. منهنجي گرل فرينڊ ماءُ بڻجڻ واري آهي، تنهن کي ماءُ ٿيڻ کان بچاءِ. ڪو اهڙو بندوبست ڪر جو سندس بار ضايع ٿي وڃي.“

هو يڪدم ايڏي وڏي ڳالهه، ايڏي آسانيءَ سان چئي ويو، ڄڻ تہ مٿي جي سور جي ڳالهه ڪئي هجي. مون کي نہ هن جي ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگو انداز وڻيو، ۽ نہ ئي مان اهڙا ڪم ڪندو آهيان، تنهنڪري مون کي ڪاوڙ آئي، چيم، "بدناميءَ جي ڳالهه تہ توکي، اهڙي ڪم ڪرڻ کان اڳ سوچڻ گهرجي ها."

هن منهنجي ڪاوڙ محسوس ڪندي يڪدم چيو، "جيڪو ٿيڻو هو، سو تہ ٿي ويو، پر هاڻ تنهنجي مدد جي ضرورت آهي، هو ميڊيڪل جي اسٽوڊنٽ آهي. اهڙي حالت ۾ هوءَ پڙهي ڪيئن سگهندي؟"

اهو ٻڌي مون کي ڏاڍو عجب لڳو. ميڊيڪل جي اسٽوڊنٽ ٿي ڪري ڪيس اِهو احساس نہ ٿيو تہ هو ڪهڙو خراب ڪم ڪري رهي آهي، ۽ انهيءَ جو نتيجو ڇا نڪرندو. مون کي سوچ ۾ ٻڏل ڏسي، هو ٻاهر هليو ويو ۽ پنهنجي گرل فرينڊ کي اندر وٺي آيو. مون ڏٺو. هو ويهن ايڪيهن سالن جي هوندي. ڏسڻ ۾ نهايت خوبصورت هئي. هوءَ ڪنڌ جهڪائي اچي ڪرسيءَ تي ويٺي.

مون دوست کي چيو، "ٻڌ، پهرين تہ مون کي اهو ٻڌايو وڃي تہ اهو ڪم ڇو ٿيو. ڇا ڪاڻ تہ ڇوڪري مون کي چڱي خاندان جي ٿي لڳي، ۽ پيو اِهو تہ ميڊيڪل جي اسٽوڊنٽ بہ آهي. جيستائين غلط ماحول نہ ملي، تيستائين ڪا بہ ڇوڪري ايڏو وڏو قدم کڻي نٿي سگهي."

ڇوڪريءَ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ کي روئيندي ڏسڻ بہ عذاب کان گهٽ ڪونهي.

ڇوڪريءَ ٻڌائڻ شروع ڪيو: "مان ڪراچيءَ جي آهيان. منهنجو پيءُ ڪراچيءَ ۾ هڪ چڱي سرڪاري عهدي تي آهي. اصل ۾ تہ اسين ڪراچيءَ جا نہ آهيون، پر ڪراچيءَ ۾ رهندي ايڏو وقت ٿي ويو آهي جو هاڻ ڪراچيءَ جا ئي ٿا پاڻ کي سمجهون." هوءَ ڪجهہ دير ماٺ ٿي ويئي، وري چيائين، "منهنجي ماءُ ڪجهہ سال اڳ گذاري ويئي آهي.

منهنجو پيءُ ننڍي عمر جو ته ڪونهي، پر ڪيس ٻي شاديءَ جو شوق چڙهيو. هو ٻي عورت پرڻائي وٺي آيو، جيڪا عمر ۾ ڪائنس چڱي ننڍي هئي. بابا جي اِها زال ڪنهن چڱي خاندان جي نه هئي، هن اچڻ سان ئي اهڙو ممڻ مچايو، جو هڪ گهر مان ڏهه گهر ڪري ڇڏيائين. بابا ننڍي نيٽي زال آڻي خوش پئي ٿيو، پر هن بابا کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. ڪجهه وقت تائين بابا سندس ناز برداريون برداشت ڪيون. پر جڏهن ڏٺائين ته هيءَ ته ڪنهن وٽ ۾ ئي نٿي اچي، ته بابا گهر ۾ اچڻ جو وقت ئي ڦيرائي ڇڏيو. پهرين آفيس مان نڪرڻ شرط گهر پهچندو هو، پر هاڻ زال جي ڪٽڪ ڪان بيزار ٿي، آفيس ۾ وڌيڪ دير وهڻ لڳو، ۽ آفيس ما اُٿي، دوستن وٽ هليو ويندو هو.

”امان جي وفات ۽ ٻي زال جي اچڻ کان پوءِ، بابا جا دوست به هاڻ نوان نوان ٿي ويا هئا. پيئندو ته هو پهرين به هو، پر گهٽ، ۽ ڪڏهن ڪڏهن. پر هاڻ ته هو روز پيئڻ لڳو، ۽ تمام گهڻو. ۽ هاڻ بابا دوستي به اهڙن سان رکي، جيڪي به تمام گهڻو پيئندڙ هئا.

”منهنجي ماٽيجي ماءُ جو سلوڪ مون سان به تمام گهڻو خراب هو، مون کي اصل نوڪرياڻي سمجهندي هئي، پر مون ۾ ۽ نوڪرياڻين ۾ فرق اِهو هو ته نوڪرياڻيون ٻن ٽن هفتن کان پوءِ نوڪري ڇڏي هليون وينديون هيون. پر مون کي ته انهيءَ گهر ۾ رهڻو پوندو هو. نوڪرياڻي نه هوندي هئي ته سندس سمورو ڪم به مون کي ڪرڻو پوندو هو.

”بابا سان ملاقات فقط موڪل واري ڏينهن ٿي ٿيندي هئي. پر بابا اُهو بابا ئي نه رِهيو هو، نه گهر جي ڪنهن معاملي ۾ دخل ڏيندو هو، نه ئي ڪيس گهر جو ڪو فڪر ئي هوندو هو. ڪيس آءٌ ڪجهه چوندي هيس ته جلدي بيزارگي ظاهر ڪندو هو. بلڪ چڙي پوندو هو. تنهنڪري مان به بابا جي ويجهو نه ويندي هيس.

”بابا جو گهر کان لاپرواهه ٿيو، ته منهنجي ماٽيجي ماءُ، جنهن جو نالو

بلقيس آهي، سا بہ ڇڙواڳ ٿي ويئي، جڏهن بہ مان ڪاليج کان موٽندي هيس، وٽس ڪو نئون ماڻهو ويٺل ڏسندي هيس، جن لاءِ چوندي هئي تہ- هيءُ منهنجو سوٽ آهي. هيءُ منهنجو ماسات آهي. اڪثر سندس سوٽ ۽ ماسات مون کي اٺين ڏسندا هئا، ڇڻ مان بہ سندس حصي ۾ آيل آهيان.

”منهنجي ماءُ، هن کي ماءُ چوڻ بہ ماءُ جي نالي جي بيعزتي آهي، پر ڇا ڪجي، مجبوريءَ وچان ڪيس ماءُ ئي چوٽو ٿو پوي. هو مون کي اڪثر سڏيندي هئي تہ اچي منهنجي سوٽن ماساتن سان مل، پر مان لنوائي، ويندي هيس.

”انٽر جو امتحان مون سُٺي نمبرن سان پاس ڪيو، ۽ مون ڪراچيءَ کان ٻاهر ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي، تہ جيئن هن ماءُ کان پري رهان. ڇو تہ گهر جي ماحول ۾ مون کي پنهنجو ساهہ ٻوساٽبو محسوس ٿيندو هو. ميڊيڪل ڪاليج ۾ وڃڻ کان پوءِ جڏهن پهريون پيرو وئڪيشن ٿي تہ مون کي پنهنجي ئي گهر ۾ وڃڻ کان ڊپ پي لڳو. پر وڃٽو تہ گهر ئي هو. لاچاروري ڪراچي آيس.

”هن ڀيري مون کي اچا بہ نوان سوٽ ۽ ماسات ڏسڻ ۾ آيا. مون سوچيو تہ مان بابا جو ڌيان انهيءَ پاسي ڇڪائيندس تہ آخر اِهي اوپرا ماڻهو اسان جي گهر ۾ ڇو ٿا اچن. مون بابا سان ٻہ ٽي ڀيرا انهيءَ موضوع تي ڳالهائڻ گهريو، پر مون کي موقعو ئي نہ مليو. بلقيس بيگم بہ شايد سمجهي ويئي هئي تہ مان اهڙي قسم جي ڳالهہ پيءُ سان ڪرڻ گهران ٿي، تنهنڪري هن بہ پنهنجو رويو ڪجهہ تبديل ڪيو، ۽ مون سان مِٺ محبت سان پيش اچڻ لڳي، ۽ اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان مون کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏيندي هئي، جتي سندس سوٽ ماسات ويٺا هوندا هئا.

”هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڪنهن ساهڙيءَ سان ملڻ ويس. موٽي

پنهنجي ڪمري ۾ آيس تہ ڏٺم منهنجي ڪمري ۾ بلقيس بيگم جو هڪ وڻندڙ سوٽ، منهنجي پلنگ تي ليٽي ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو، مان ڪيس پنهنجي پلنگ تي ليٽيل ڏسي، تپي باهہ ٿي ويس. ۽ سندس ڏاڍي چنبڙ پٽيم. هن چيو تہ هو هڪ ڪتاب ڪڻڻ آيو هو ۽ ڪتاب ڏسندي ڏسندي پلنگ تي ليٽي پيو.

"هن مون سان فري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون ڪيس سولو جواب ئي نہ ڏنو. نيٺ هن کي منهنجي ڪمري مان ويڙهو پيو."

۽ پوءِ هوءَ چو ڪري خاموش ٿي ويئي. مان سمجهي ويس تہ اڳيان ڪا اهڙي ڳالهہ آهي، ڪو اهڙو صدمو آهي، جنهن کيس ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. پر هُنَ وري ڳالهايو: "هڪ ڏينهن ٻنپهرن جو مان سُتي پئي هيس، جو اوچتو کُڙڪي تي اک کُلي پيم. ڏٺم تہ هو ساڳيو بلقيس بيگم جو وڻندڙ سوٽ، منهنجي ڪمري ۾ بيٺو هو. مون رڙ ڪندي چيو، 'نڪر منهنجي ڪمري مان.' پر هن ڪمري مان نڪرڻ جي بدران ڪمري جو دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو، مون گهٽيون ئي رڙيون ڪيون، پر مون کي بچائڻ لاءِ ڪير بہ نہ آيو. منهنجون رڙيون بلقيس ضرور ٻڌيون هونديون. پر اِهو سڀ ڪجهہ سندس ئي اشاري تي ٿي رهيو هو، هوءَ بچائڻ لاءِ ڪيئن اچي ها." هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

مان ۽ منهنجو دوست خاموش هئاسين. مون سوچيو تہ پلي روئي من هلڪو ڪري، ۽ جڏهن هن جو من ڪجهہ هلڪو ٿيو تہ هن ٻڌائڻ شروع ڪيو:

"۽ مون کي هوش تڏهن آيو، جڏهن مان پنهنجي عزت وڃائي چُڪي هيس. مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان ڇا ڪريان. بابا جهڙي بي حس کي ٻڌايان ها تہ هو ڇا ڪري ها. ۽ بلقيس خانم پنهنجي وڻندڙ کي بچائڻ خاطر مون تي ئي الزام مڙهي ها. منهنجي حواس ڇڻ ڪم

ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. منهنجا هوش جاءِ تي ڪونہ هئا. مان زنده هوندي بہ جڻ لاش بڻجي وئي هيس. هڪ بہ پيرا همٿ ڪري ويجي بابا جي اڳيان بيٺس تہ شايد هو منهنجو اِهو حال ڏسي مون کان ڪجهہ پُڇي. پر بابا تہ مون کي ڏسي، اڻڏٺو ڪري ڇڏيو.

"پوءِ اِها ڪار مون سان ڪيترا پيرا ٿي. ۽ مان رڳو رتُ جا ڳوڙها ئي ڳاڙيندي رهيس.

"وئڪيشن وارو عرصو پورو ٿيو تہ مان ڪاليج موٽي آيس. پر مون اِهو فيصلو ڪري ورتو هو تہ جنهن گهر ۾، پيءُ جي هوندي منهنجي عزت بچي نہ سگهي، اهڙي گهر ۾ هاڻ رهڻ مان ڪهڙو فائدو. عزت ويئي، ڪيئن پيرا ويئي، هاڻ موٽي نہ ملندي.

"منهنجي پيٽ ۾ هن جو گناهہ پليو پي. مون کي آنڌ مانڌ لڳي پئي هئي. نہ ڏينهن جو سڪون ملندو هو، نہ رات جو ننڊ. هر وقت بي چين رهڻ لڳس، منهنجي اِها حالت ڏسي منهنجي روم ميٽ مون کان انهيءَ جو سبب پڇيو، پهرين تہ مان ٽاريندي رهيس. پر نيٺ سمورو حال انهيءَ سان اوري ويٺس. هوءَ تہ جڻ انهيءَ انتظار ۾ هئي، پنهنجي ڪٽ ڇڏي، اچي مون سان سُتي، شروع شروعءَ ۾ تہ مون کي اِهو سڀ ڪجهہ ناگوار لڳو، پر پوءِ هري ويس، ۽ اُهو سڀ ڪجهہ وڻڻ لڳو.

"هڪ ڏينهن ساهڙيءَ جي چوڻ تي اسان هاسٽل سپرنٽنڊنٽ کان، شهر ۾ ڪنهن بيمار مائٽ کي پڇڻ جي بهاني موڪل ورتي ۽ شهر ۾ هڪ سئينما هائوس تي پهتاسين. منهنجي ساهڙيءَ جو مئنيجر واقف هو، هن انٽرويل ۾ اسان جي چڱي خاطر تواضہ ڪئي، ۽ فلم ختم ٿيڻ کان پوءِ اسين سندس آفيس ۾ وياسين. آفيس جي اندر ئي هڪ ٻيو ڪمرو هو. مئنيجر اسان کي اُتي وٺي هليو. جيڪو سهڻو سجايل هو.

"هاڻ اسين جلدي جلدي، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني موڪل وٺي، انهيءَ سئينما مئنيجر وٽ وڃڻ لڳاسين. ٻين يا ٽئين پيري اوهان جي هن دوست

سان بہ اُتي ملاقات ٿي." هوءَ ڪجهہ دير ماٺ رهي، پوءِ ڏکيو ساهہ کڻندي چيائين، "منهنجي اُها ساهڙيءَ تہ امتحان ۾ فيل ٿي ڪاليج ڇڏي هلي ويئي. مون ڪاليج جو امتحان تہ پاس ڪري ورتو. پر زندگيءَ جي امتحان ۾ فيل ٿي پيس."

هڪ ٻيرو وري ٻڌو هوس جي ڳالهين تان وهڻ لڳا. مون دوست کي ٻڌايو تہ انهيءَ سلسلي ۾ مان اوهان جي مدد نہ ڪري سگهندس. بهتر ٿيندو تہ اوهان ڪراچي وڃو، اُتي ڪيترين اهڙين ڊاڪٽرياڻين اوهانکي ملي وينديون، جيڪي اوهان جي مشڪل آسان ڪري سگهنديون.

ٻئي ڀيري جڏهن هوءَ مون وٽ آئي تہ هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ ڪراچي ويئي هئي، ۽ اُتي هڪ ليڊي ڊاڪٽر هن جو ٻار ڪڍيو.

مون کيس چيو، "امان، جيڪو ٿي گذريو، گذري ويو. اُنهيءَ لاءِ تہ اوهان ڪجهہ نٿا ڪري سگهو. پر اڳتي لاءِ احتياط ڪريو. دل ۾ نہ ڪجو، پر اوهان جيڪو نئون سلسلو شروع ڪيو آهي، اُهو مناسب ناهي، بهتر سمجهو تہ اُهو بند ڪريو. اوهان پنهنجو ڌيان پڙهڻ ڏانهن ڏيو، ۽ انهن ڳالهين کي ذهن مان ڪڍو. جيڪڏهن اوهان کي ڪو اعتراض نہ هجي تہ مان اُوهان جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، تہ جيئن اوهين ايم. بي. بي. ايس آسانيءَ سان پاس ڪري وڃو."

هن مون کي ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ چپ چاپ هلي وئي.

منهنجو ميڊيڪل ڪاليج سان واسطو رهيو آهي، تنهن ڪري مان هن جو ڪريءَ جي متعلق پڇا ڳاڇا ڪندو هوس تہ جيئن پتو پوي تہ هوءَ انهي ڌنڌي مان نڪتي يا نہ، جنهن ۾ ڦاٿل هئي. پر هن جي باري ۾ مون کي جيڪي ڳالهيون پتو پيون، انهن مون کي ڏاڍو ڏک رسايو. هوءَ

پنهنجي زندگيءَ مان ايتري مايوس ۽ بيزار ٿي چُڪي هئي، جو کيس تعليم سان صفا ڪا دلچسپي نه رهي هئي. هن ڏکن جو علاج نشي ۾ ڳولهي ورتو هو، ۽ هاڻ هن کي هيروئن جي عادت به پئجي چڪي هئي. ۽ هاڻ رڳو کيس هيروئن ۽ جسم جي طلب رهجي ويئي هئي، افسوس جي ڳالهه ته اِها آهي ته هن جي پيءُ به ڪڏهن ڌيءَ جي پڇا ڳاڇا نه ڪئي. مون وارو دوست، جيڪو کيس مون وٽ وٺي آيو هو، اُهو به کيس ڇڏي ويو، بلڪ انهيءَ کان پوءِ ڪيئي آيا ۽ ويا. هاڻ ته حالت اِها هيس، جو هيروئن جي طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ، هو هاسٽل کان پريان جهوپڙين ۾ هيروئن حاصل ڪرڻ لاءِ ويندي هئي. جتي سندس جسم جي عيوض هيروئن ملي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن مان ڪلينڪ ۾ مريض کي ڏسي رهيو هوس ته منهنجو اُهو ئي دوست آيو. ڪجهه غمگين ٿي ڏٺو. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين ته "ڪلهه هوءَ اسپتال ۾ گذاري ويئي."

منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته "هن کي سائي هئي. سخت سائيءَ ۾ به هوءَ هيروئن پيئندي هئي. هڪ ڏينهن جيئن جهوپڙين کان هاسٽل موٽي رهي هئي ته بيهوش ٿي رستي تي ڪري پئي. کيس پهرين هتي سول اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، ۽ پوءِ وڌيڪ حالت خراب ٿيڻ تي ڪراچي کڻي ويا. پر هُتي هوءَ گذاري ويئي. سندس پيءُ کي اطلاع ڪيو ويو، پر هو لاش وٺڻ نه آيو. نيٺ هن کي لاوارث پڌرو ڪري، ڪنهن خيراتي اداري جي حوالي ڪيو ويو. جن کيس خاموشيءَ سان دفنائي ڇڏيو." کن رکي چيائين، "ڪاش مون کي خبر هجي ها ته مان ضرور وڃان ها."

---

# خواهش جو موت

گِهندَ پنج ڏک هنيا.

مان سمجهي ويس تہ بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو آهي، جيل ۾ روزاسان کي انهيءَ وقت بند ڪندا آهن. بند ٿيڻ کان اڳ پتو، يعني ماني ڏيئي ويندا آهن. پنجين وڳي مليل اِها ماني دراصل رات جي ماني هوندي آهي. پر جيئن تہ هڪ پيرو بند ٿيڻ کان پوءِ، وري نہ کولبو آهي، تنهنڪري بند ٿيڻ وقت ئي ماني بہ ڏيئي ڇڏبي آهي، بند ٿيڻ کان پوءِ، انهيءَ حالت ۾ تالو کوليو ويندو آهي، جڏهن ڪا سخت مجبوري هجي، يعني او چتو

ڪو سخت بيمار ٿي پوي، يا مري پوي. يا وري او چتو ڪي دير سان خطرناڪ قيدي اچي وڃن.

قيدين کي بند ٿيڻ کان اڳ ڳڻبو آهي، پوءِ بند ڪري، چاٻيون جيل جي ماڙي، يعني آفيس ۾ پهچائي ڇڏبيون آهن. جتي چاٻين کي هڪ ڪٻٽ ۾ بند ڪري، انهيءَ ڪٻٽ کي سيل ڪري ڇڏبو آهي. ۽ ماڙيءَ ۾ هڪڙو وڏو بورڊ لڳل هوندو آهي، جنهن تي جيل ۾ موجود سڀني قيدين جو تعداد لکيل هوندا آهي.

جيڪي ڏوهاري قيدي هوندا آهن، انهن کي بئرڪن ۾ رکيو ويندو آهي. ڏوهاري به ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙا پڪا ۽ ٻيا ڪچا. پڪا اُهي، جن جي ڪيسن جو فيصلو ٿي چُڪو هجي، ۽ انهن کي سزا لڳي چُڪي هجي. ڪچا اُهي، جن جا ڪيس اڃا ڪورٽن ۾ هلي رهيا هجن ۽ کين اڃا سزا نه لڳي هجي. پڪن قيدين کي ڌار رکيو ويندو آهي، ۽ ڪچن قيدين کي ڌار.

مان به ڪچو قيدي آهيان. منهنجو ڪيس اڃا هلي رهيو آهي. مون کي ناهي خبر ته مون کي ڪهڙي سزا ملندي. جيستائين ڪيس هلي پورو ٿئي، فيصلو اچي، تيستائين مون کي انهيءَ ڪوليءَ ۾ رهڻو آهي.

ائين ته ڏوهاري قيدين کي اڪثر بئرڪن ۾ رکندا آهن، پر جيئن ته مان پڙهيل لکيل آهيان، ۽ جيل وارا منهنجي هلت کان به مطمئن آهن، تنهنڪري، بئرڪ ۾ عام ڏوهارين جي بدران مون کي الڳ ڪوليءَ ۾ رکيو اٿن. جيل وارن جا پنهنجا اصول آهن. ڪوليءَ ۾ يا ته ٽي قيدي رکندا آهن، يا وري هڪ. مون جيل وارن کي درخواست ڪئي ته مون کي ٻئي ڪنهن سان نه، بلڪ اڪيلو رکيو وڃي، تنهنڪري مون کي اڪيلو رکيو اٿن. مون سان رويو شايد انهيءَ ڪري به سٺو اٿن جو مان اڪثر جيلرن کان وڌيڪ سٺي انگريزي ڄاڻان ٿو. تنهنڪري انگريزيءَ ۾ جيل ۾ لکت پڙهت اڪثر مون کان ڪرائيندا آهن. ۽ مان به انهيءَ ۾

خوش آهيان.

مون کي ڳالهه شروع ڪان ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اوهان کي پتو پوي تہ مان جيل ڪيئن پهتس. مان اجا ننڍو ئي هوس تہ هڪ ڀئي پنيان منهنجا ماءُ پيءُ وفات ڪري ويا. مان صفا ڇورو ڇنو ٿي پيس. پر قدرت کي اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ مون تي اِهو ڏينهن اچڻو آهي، تنهنڪري قدرت مون تي اِها مهرباني ڪئي تہ مون کي سونهن ڏنائين، مان ڏاڍو سهڻو هوس، تنهنڪري منهنجا ويجها مائٽ مون کي نپائڻ لاءِ آسانيءَ سان تيار ٿي ويا. قدرت مون سان ٻي بہ مهرباني ڪئي، جو مان بيحد اخلاق وارو ٻار هوس، قدرت اها بہ مهرباني ڪئي، جو مان پڙهڻ ۾ بہ تمام گهڻو هوشيار هوس، ۽ هر پيري نمبر ڪٽندو هوس.

مان نہ فقط هيٺين ڪلاسن ۾ نمبر ڪٽندو رهيس، بلڪ مئٽرڪ ۾ بہ پوزيشن کنيم، ۽ اڳيان بہ انهيءَ سلسلي کي قائم رکيم. مان پڙهائيءَ سان گڏوگڏ ٽيوشن بہ پاڙهيندو رهيس، تنهنڪري خرچ پکي لاءِ بہ ڪڏهن تڪليف نہ ٿي. منهنجا دوست بہ سيئي سٺا هئا.

مون جڏهن انجنئرنگ پاس ڪري ورتي، تہ هڪ دوست جي معرفت حيدرآباد جي هڪ امير خاندان ۾ منهنجو سڱ ٿي ويو. منهنجو سهرو فوت ٿي چڪو هو، پوئتي ملڪيت تمام ڇڏي ويو هو. ٻہ زالون ۽ هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي، ڌيءَ پوين زال مان هيس، ۽ پٽ پهرين زال مان. پٽ الڳ پنهنجي ماءُ سان رهندو هو. ماتيجي ماءُ وٽ تڏهن ايندو هو، جڏهن ڪيس زمين ۽ ٻي ملڪيت مان پئسا ملندا هئا، تڏهن هُن جو حصو کين ڏيئي ويندو هو. سندس نالو اصغر هو. ڪيس ماتيجي ماءُ ۽ ڀيڻ وڻنديون ڪونہ هيون. ڇو تہ هو سوچيندو هو تہ جيڪڏهن اِهي بہ نہ هجن ها تہ هو ملڪيت جو اڪيلو وارث هجي ها، پر اِهو ظاهر ٿيڻ نہ ڏيندو هو.

شاديءَ کان پوءِ منهنجي سس زور ڀريو تہ مان اچي وٽن رهان. مون کي

پسند ڪرڻ جو هڪ سبب اِهو به هو ته منهنجي اڳيان پٺيان ڪير هو ڪونه، جو ڪِٽڪِٽ ڪري. هو به اڪيليون زالون هئيون، تن ڪي اهڙي ئي ڇوڪري جي ڳولها هئي. مون ڪي خود به پنهنجو گهر نه هو، تنهنڪري، مان سسُ جو چوڻ ڪري، وٽن وڃي رهڻ لڳس.

شاديءَ جا شروع وارا ڏينهن مون موڪل وٺي گذاريا، ۽ سچ پچ اُهي ڏينهن زندگيءَ جا يادگار ڏينهن هئا، موڪل پوري ٿي ته مون ڪي سکر موٽڻو پيو، ڇاڪاڻ ته نوڪري اُتي هئم. البت، اڪثر ڪراچي ڪم سان وڃڻو پوندو هو. تنهنڪري ڪراچي ويندي رستي ۾ حيدرآباد لهي پوندو هوس. ۽ ڪراچيءَ کان موٽندي به گهران ٿيندو ويندو هوس.

اهڙيءَ ريت سال گذري ويو. اِهو سال ڏاڍي سڪون ۽ خوشيءَ سان گذريو. مان پنهنجي زال مان بلڪل مطمئن ۽ خوش هوس. خود منهنجي زال به ڏاڍي خوش هئي. منهنجي سسُ به مون مان مطمئن هئي، مون هن کي شڪايت جو ڪو به موقعو نه ڏنو هو.

منهنجي خواهش هئي ته منهنجي بدلي حيدرآباد ٿئي ته جيئن گهر ۾ رهان. زال کان پري رهڻ، هاڻ برداشت کان ٻاهر هو، پر بدلي نه ٿي. مان گهر کان پري رهي، پنهنجي ايندڙ زندگيءَ جا خوبصورت سپنا ڏسندو هوس.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي طبيعت خراب ٿي پئي. گهر وڃڻ جا ائين ئي پيو بهانا ڳولهيندو هوس، هيءَ ته سچو پچو موقعو هٿ لڳو هو، سو هفتي جي موڪل وٺي، حيدرآباد پهتس.

گهر آيس ته زال ۽ سسُ ظاهر ۾ ته خوش ٿيون، پر مون محسوس ڪيو ته منهنجي زال ڪجهه مُنجهيل آهي. مون ڪائنس ڪارڻ پڇيو، پر هن کِلي چيو ڪجهه ڪونهي. پر هن جي 'ڪجهه ڪونهي' ٻڌايو ته ڪجهه آهي. مون وڌيڪ زور ڏنو ته هوءَ هيسجي وئي. مان ڏاڍو پريشان ٿيس،

اڳ ۾ تہ ائين ڪونہ ٿيو آهي. منهنجي اچڻ تي زال سدائين خوش ٿيندي هئي. هن جي خوشي، هن جي انگ انگ مان ظاهر ٿيندي هئي. پر هن ڀيري ائين ڪونہ هو. مون کي محسوس ٿيو تہ ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهہ ضرور ٿي آهي، جنهن کي منهنجي زال مون کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. تنهنڪري مون کي وڌيڪ اُڻ تُڻ ٿي. هر ڀيري مان هن ۾ جيڪا گرمجوشي محسوس ڪندو هوس. هن ڀيري مون کي اُها گرمجوشي بہ ڏسڻ ۾ نہ آئي، بلڪ مون اِهو بہ محسوس ڪيو تہ هوءَ منهنجي آڏو اچڻ کان بہ لهرائي پئي، سندس ڪوشش اِها هئي تہ هوءَ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي سامهون اچي.

رات جو جڏهن هوءَ ڪمري ۾ گهڙي، تہ هن سمجهيو تہ شايد مان سمهي چڪو آهيان، ڇاڪاڻ تہ مون لائيٽ بند ڪري ڇڏي هئي. جڏهن هوءَ پلنگ تي ليٽي تہ مون ڪائنس پڇيو، "مون کان ڇا پئي لڪائين؟"

هن وڏو ڇرڪ ڀريو ۽ چيائين، "مان ڇا لڪائيندس."

"ڪجهہ آهي ضرور، جيڪو مونکان لڪايو پيو وڃي." مون ڪيس ڀاڪر پائي چيو، "جيڪو ڪجهہ آهي، مون کي ٻڌائي ڇڏ، نہ تہ مان سوچي سوچي چريو ٿي پوندس."

هوءَ ڪُڇي ڪونہ، اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مون اچا بہ ڪيس ڀاڪر ۾ سوڙهو ڪيو، ۽ چيومانس، "مون کان بہ لڪائين ٿي. مون کان وڌيڪ بہ تنهنجو ڪير آهي ڇا؟"

هن سڏڪن ۾ چيو، "ڊپ ٿو لڳي."

"ڪنهن کان ٿي ڊڄين، مون کان؟ مون کان ڊڄڻ جي ضرورت ڪانهي. جيڪو ڪجهہ آهي، اُهو مون کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ."

"تي سگهي ٿو اوهان غلط مطلب ڪڍو. ٿي سگهي ٿو اوهان مون سان

ناراض ٿي ويو.“ هن ويچارڳيءَ ۾ چيو.

”نه، ائين نه ٿيندو، تون پڏاءِ، مان تون سان وعدو ٿو ڪريان، ڪيڏي به وڏي ڳالهه هوندي. مان تو سان ناراض نه ٿيندس. مون کي تو تي پورو ڀروسو آهي.“

ڪيتري دير منهنجي زال خاموش رهي، پوءِ آهستي آهستي چيائين، ”اصغر منهنجو ماٽيجو ڀاءُ آهي. پر مون ڪيس ڪڏهن به ماٽيجو ڀاءُ نه سمجهيو، پنهنجو سڳو ڀاءُ سمجهندي هيس. آخر منهنجي پيءُ جو اولاد آهي. ماٽن ۾، ماءُ کان سواءِ، پيو ڪنهن سان ايڏو ويجهو سڱ به نه اٿم. هو ڪجهه وقت کان مون سان وڌيڪ فري ٿيندو پي ويو. پر مون ڪڏهن به سندس نيت تي شڪ نه ڪيو. سو چيم ڀاءُ آهي، هيءُ ڪا غلط حرڪت ڪري نٿو سگهي. انهيءَ هوندي به ڪجهه ڀيرا هن اهڙيون حرڪتون ڪيون، جيڪي ڪنهن ڀاءُ کي نه جڳائين. پر مون پوءِ به هن لاءِ غلط نه سوچيو.

”اسان جي نوڪرياڻي هفتي کان ڪم تي نه پي آئي. هڪ ڏينهن امان نوڪرياڻيءَ کي سندس گهر ڏسڻ ويئي. مان گهر ۾ اڪيلي هيس. ٿوري دير کان پوءِ در تي ڪڙو ڪڙ ڪيو. مون وڃي در کوليو. اصغر بيٺو هو. مون کيس چيو ته ’امان گهر ۾ ڪانهي.‘ تنهن تي هن چيو، ’امان ڪانهي، تنهنڪري مان گهر ۾ نٿو اچي سگهان.‘ لاچار مون کي هٽي هن کي جاءِ ڏيڻي پئي. مان کيس امان جي ڪمري ۾ ويهڻ جو چئي، پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ هلي آيس. ٿوري دير ۾ اصغر به منهنجي ڪمري ۾ هليو آيو. مون کي عجب نه ٿيو، ڇاڪاڻ ته هو اڪثر منهنجي ڪمري ۾ ايندو هو. مان پلنگ تي ليٽي پئي هيس. هو ايندي شرط منهنجي پيٽ تي مٿو رکي ليٽي پيو. اِهو سڀ ڪجهه ايڏي تيزيءَ سان ٿيو، جو مان حيران ٿي ويس. مون احتجاج ڪندي چيو، ’اصغر هيءُ ڇا ٿو ڪرين. سڌو ٿي ويهه.‘ پر اصغر منهنجي مٿان ئي ليٽو رهيو ۽ ڏاڍي بيحيائيءَ

سان چيائين، ’چاتيو، آخر تنهنجو پاڻ ئي تہ آهيان.‘ مون ڪاوڙ منجهان چيو، ’پاڻ آهين تہ چاتيو. مان ڪا ننڍڙي ٻار تہ ناهيان. تون اُٽ. توکي خبر ناهي تہ مان شادي شده آهيان،‘ هن نڪ جي ڏاڍائيءَ سان چيو، ’سو ڇا، شادي ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ جو رشتو ختم ٿي ويو؟‘ ائين چئي، هن منهنجي ڇاتين ۾ هٿ وڌا. مون هن کي زور سان لت هنئين. هو وري پٺ تي ڪريو. پر انهيءَ کان اڳ جو مان اُٿان، هن اُٿي منهنجي مٿان ٽپُ ڏنو. مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ گهڻو ڦٿڪيس، پر پاڻ ڇڏائي نہ سگهيس، ۽ هن منهنجي عزت لُٽي ورتي. پاڻ ٿي ڪري، پيڻ جي عزت لُٽي ورتائين.“ منهنجي زال او چنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

مون کي پنهنجي زال جي سچائيءَ تي ذرو بہ شڪ نہ هو. اصغر مون کي شروع کان ئي نہ وڻندو هو. سندس ڪِدن ڪرتوتن جي ڪجهہ ڄاڻ بہ هئم.

مان پنهنجي سسُ جي ڪمري ۾ ويس، هوءَ پڻ هيسيل پئي لڳي. مون کيس چيو، ”چاچي هي سڀ ڪجهہ...“

هن منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي، ”اسان جا پاڳ قتل هئا. ڪڏهن ڪو پاڻُ بہ پيڻ سان ائين ڪري سگهي ٿو. مان تہ سوچي بہ نٿي سگهان.“ پوءِ هوا چي سُڏڪن ۾ پئي.

مان وڏيڪ ڪونہ ڪُڇيس، ماٺ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. انتقام جي باهہ منهنجي اندر ۾ پڙڪي رهي هئي. ٻئي پاسي منهنجي زال جي حالت خراب پئي ٿيندي ويئي. هن کي اِهو ڊپ هو تہ اِهو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ کان پوءِ، ڪٿي مان کيس ڇڏي نہ ويان، حالانڪ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي. آخر هن جو ڏوهہ بہ ڪهڙو هو، جو مان کيس انهيءَ جي سزا ڏيان. البت اصغر کان بدلو وٺڻ لاءِ اندر ئي اندر پچي ڪاميس.

مون چاهيو ٿي تہ هيئنر جو هيئنر ڪائنس انتقام وٺان. پر منهنجي سسُ

مون کي چيو، ”پٽ، انهيءَ باهه ۾ آءٌ به پئي سڙان، جنهن باهه توکي ورائي ورتو آهي. پر سندس گهر وڃي انتقام وٺڻ، حماقت آهي. اصغر ڪجهه ڏينهن ۾ ضرور ايندو، هن کي ٻنيءَ تان آيل پئسن جو حساب ڏيڻو آهي، هو هتي اچي ته کيس قتل ڪري ڇڏ جان. پوءِ پاڻ هن کي اسٽور روم ۾ ڪڏو ڪوٽي دفن ڪري ڇڏينداسين. ڪنهن کي پتو ئي نه پوندو.“

ڪجهه ڏينهن تائين اصغر جو انتظار ڪرڻ مون کان هو نه ڏکيو، پر سسُ جي صلاح به سُٺي هئي. لاچار اصغر جو انتظار ڪرڻو هو. ڇو ته ٻيو ڪو طريقو به نه هو. پوليس ۾ جيڪڏهن رپورٽ ڪجي ها ته وري ڪجهه به نه ها. ڇو ته پوليس شاهد گُهري ها. ۽ اُهو ڪٿان آڻجي ها. ۽ انهيءَ کان علاوه بدنامي جدا ٿئي ها. اِهو سڀ ڪجهه سوچي مون اصغر جي انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

منهنجي سسُ جي ڳالهه صحيح نڪتي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، هڪ ڏينهن اصغر آيو. اچڻ شرط منهنجي سسُ کي پئسا ڏنائين. پر هن پيري، هميشه جي پيٽ ۾ وڌيڪ پئسا ڏنائين. ۽ ڏاڍو مِٺو مٺو ڳالهائڻ لڳو. پوءِ اُتان اُٿي، منهنجي زال وٽ ويو، ۽ هن کان، انهيءَ ڏينهن واري واقعي جي معافي گهريائين ــــ ته هو هوش ۾ نه هو، تڏهن ئي ڪائنس اهڙو ڪڏو ڪم ٿي ويو، تون ڀيڻ آهين، مون کي معاف ڪر.

مان، جيڪو پهرين ئي تيار ٿيو بيٺو هوس، چاقوءَ سان اصغر تي وار ڪيم. منهنجي چاقوءَ اصغر کي زخمي ڪيو، پر هو مون کان وڌيڪ سگهارو هو، تنهنڪري مون کي ڪٽي ٻڪُ وڌائين، ۽ مون کان چاقو ڦري ورتائين ۽ پوءِ وٺي رڙيون ڪرڻ لڳو. سندس رڙين تي پاڙي وارا اچي ويا، ۽ مون کي جهلي ورتائون.

اصغر سيني کي چيو ته ”ڏسو، هي مون کي قتل ڪرڻ ٿا گهُرن. هي چاهين ٿا ته مان مري وڃان ته جيئن سموري ملڪيت جا وارث هي ٿي

وجن.“

اصغر کي زخم لڳل هو. ۽ منهنجا هٿ رت ۾ رڱيل هئا، تنهنڪري پاڙي وارن اصغر جي ڳالهه تي اعتبار ڪري ورتو ۽ مون کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيائون.

مون کي جيل ۾ آئي چار مهينا ٿي ويا آهن. هڪ پيرو شروع ۾ مون کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو. پر انهيءَ کان پوءِ مون کي ايتري عرصي ۾ هڪ پيرو به عدالت ۾ حاضريءَ لاءِ پيش نه ڪيو ويو آهي. مون کي جيل جي هڪ منشيءَ ٻڌايو ته اصغر جيل وارن کي پئسا ڏيئي، منهنجو حاضريءَ تي نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڇو ته ڪيس ڊپ آهي ته مان عدالت ۾ اصلي حقيقت ٻڌائي ڇڏيندس.

منهنجي جيئڻ جي تمنا ته انهيءَ ڏينهن ختم ٿي ويئي هئي، جڏهن پتو پيو هوم ته منهنجي زال جي عزت لُٽي ويئي آهي. پر هاڻ فقط انهيءَ ڪري جيئڻ چاهيان ٿو ته اصغر کان بدلو وٺان. اصغر کان بدلو وٺڻ ۾، منهنجا ڪجهه جيل جا ساٿي به ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. هاڻ فقط مون کي آزاديءَ جو انتظار آهي، جڏهن به جيل مان نڪرندس، اصغر کي ضرور قتل ڪندس. پوءِ پلي مون کي ڦاسي چاڙهين.

---

# اندر ۾ ابليس

اج جڏهن پنهنجي گذريل حياتيءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳس ته اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا. ڪاش اُهو سڀ ڪجهه، جيڪو تي گذريو آهي، نه ٿئي ها. انسان ڇا ڇا نه سوچيندو آهي، پر اڪثر ٿيندو انهيءَ جي ابتڙ آهي.

مان هڪ سُکئي گهر ۾ ڄايس، گهر جا سيئي ڀاتي مون کي ڀائيندا هئا، ۽ جيئن جيئن مان وڏي ٿيندي ويس، تيئن تيئن گهر جي ڀاتين جو پيار مون سان وڌندو ويو. ڇاڪاڻ ته نه فقط مان تمام فضيلت واري هيس،

بلڪ پڙهائيءَ ۾ بہ مان تمام هوشيار هيس. پنهنجي ڪلاس ۾ مان سدائين پهريون نمبر ايندي هيس.

مڊل ڪان پوءِ، جڏهن مان مٿين ڪلاس ۾ آيس ۽ اختياري مضمون طور مون کي فارسي يا عربيءَ مان هڪڙو سبجيڪٽ کڻڻو هو، تہ بابا جي خواهش هئي تہ مان عربي کڻان. جيتوڻيڪ مون کي عربي ڏکي لڳندي هئي، خاص ڪري عربيءَ جا گردان. پر بابا جي ڪري مون عربي کنئين، پر مون کي ڊپ هو تہ متان ڪٿي مان فيل نہ ٿيان يا نمبر نہ گهٽجن. انهيءَ مشڪل جو امان سان ذڪر ڪيم، ۽ کيس چيم تہ عربيءَ لاءِ، ٽيوشن جو بندوبست ڪرائي ڏي.

امان ٻڌايو تہ هڪ ملان جو مڪتب گهر جي ويجهو ئي آهي، جيڪو ٻارن کي قرآن شريف ۽ عربي پاڙهيندو آهي. هن بابا سان ڳالهہ ڪئي، جنهن چيو تہ ملان سان ڳالهائي پوءِ ٻڌائيندس، ٻئي ڏينهن بابا، ملان سان ڳالهايو، جيڪو ٿوري معاوضي تي عربي پاڙهڻ تي تيار ٿي ويو. طي اِهو ٿيو تہ اسڪول مان موٽي اچڻ کان پوءِ، ماني کائي، مان ملان وٽ مڪتب ۾ پڙهڻ ويندس.

بابا ٻئي ڏينهن مون کي مڪتب وٺي هليو، ملان بنهہ سادو هو، مٿي تي اڇي ٽوپي، ململ جو چولو ۽ گوڏ پاتل، ڪاري نندڙي ڏاڙهي. سندس منهن مان شرافت بکي رهي هئي، ۽ هو ڏاڍي شفقت سان اسان سان مليو.

هاڻ مان روز اسڪول کان موٽي، ماني کائي، سڌي مڪتب ۾ عربي پڙهڻ ويندي هيس. منهنجو استاد عربيءَ جو چڱو ڄاڻو هو، ۽ مون کي ڏاڍي توجہ سان پڙهائي رهيو هو. هن جو رويو بہ ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ مون سان وڌيڪ سٺو هو، هو آهستي ڳالهائيندو هو، ۽ نهايت فضيلت سان پيش ايندو هو، مان سندس اخلاق کان ڏاڍو متاثر هيس. مون کي خوشي هئي تہ مون کي هڪ سُٺو استاد مليو آهي، ۽ اِهو بہ تہ هاڻ مان امتحان ۾ سُٺا نمبر کڻنديس.

اُستاد شروع شروع ۾ مون کي ٻه ٽين ٻارن سان گڏ موڪل ڏئي ڇڏيندو هو، پر پوءِ شايد مون تي وڌيڪ توجه ڏيڻ جي خيال کان، ٽين ٻارن کي موڪل ڏيئي ڇڏيندو هو، پر مون کي وڌيڪ ڪم ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته اتي ئي ويهي ڪري ڏيکار. مان پاڻ خوش ٿيس ته اهڙيءَ ريت مان جلدي فارغ ٿي ويندس.

هڪ ڏينهن جيئن مان مڪتب ۾ ويس ته ڏٺم ته هڪ ٻه ٻار ويٺا هئا، ۽ اُستاد ليٽيو پيو هو. مون ڪارڻ پڇيو، ٻڌايائين ته طبيعت نيڪ ڪانهي، مٿي ۾ ڏاڍو سور اٿم. گوريون به ورتيون اٿم، پر سور لهي ئي ڪونٿو.

مون سوچيو: اُستاد به پيءُ جو درجو رکي ٿو. جيئن بابا کي اڪثر زور ڏيندي آهيان، تيئن اڄ اُستاد کي به زور ڏيان ٿي. مان وڃي سندس سيرانديءَ ويٺس ۽ چيم، "ٻانهن هٽايو، مان اوهان کي زور ڏيان ٿي."

استاد گهڻو ئي نه نه ڪئي، پر مان زوري، زور ڏيڻ ويٺيس. انهيءَ ڏينهن استاد مون کي سبق به پورو سارو ڏنو، ۽ جلدي موڪل ڏئي ڇڏيائين.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري اُستاد جي طبعيت خراب هئي، هڪ ٻه ٻار ويٺل هئا، جن کي به منهنجي اچڻ کان پوءِ، موڪل ڏئي ڇڏيائين. مان وري به کيس زور ڏيڻ ويٺيس. استاد وري به نه نه ڪئي، پر مان نه مڙيس.

مٿي کي اجا ٿورائي زور ڏنم ته استاد چيو، "بابا مٿي کان وڌيڪ ٽنگن ۾ سور اٿم، نياڻيءَ کان زور ڏيارڻ چڱو ڪم ته ڪونهي، پر ڇا ڪريان. پيو ڪو آهي به ته نه."

مون چيو، " نه سائين، ڪا ڳالهه ڪانهي. بابا کي به ته ٽنگن تي زور

ڏيندي آهيان."

مون ٿوري دير ئي زور ڏنا هئا تہ استاد روڪي ڇڏيو، "بس بابا بس. اِهو سور تہ لهندو ئي ڪونہ. هرو ڀرو تو نياڻيءَ کي تڪليف ڏنم." هن زوري منهنجو هٿ روڪي ورتو. ۽ ڪيتري دير منهنجو هٿ جهلي رکيو. ۽ پوءِ منهنجي هٿ تي چمي ڏنيدي چيائين، "منهنجي ڪري توکي تڪليف ٿي ٿئي."

مون کي استاد تي ڏاڍو رحم پي آيو. ويچاري جو هتي ڪير بہ ڪونہ هو. مون تہ چاهيو ٿي تہ ڪيس اچا بہ زور ڏيندي رهان، پر هن ئي منع ڪيو.

ٻئي ڏينهن جڏهن مان اُستاد وٽ ويس تہ وٽس ڪو بہ پار وينل ڪونہ هو، مون پڇيو مانس، "سائين، طبيعت ڪيئن اٿوَ؟"

"بس مران ٿو. ٽنگن ۾ ايترو سور اٿم جو، ڄڻ ٽٽن ٿيون. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڪريان."

مان وري بہ ويجي زور ڏيڻ لڳس. جيئن تہ اُستاد چيو هو تہ ڪيس ٽنگن ۾ سور آهي، تنهنڪري مٿي کي ڇڏي، مان سندس ٽنگن کي زور ڏيڻ لڳيس.

مان پنين کي ۽ گوڏن جي هيٺ زور ڏيئي رهي هيس، استاد مون کي چيو تہ- "گوڏن کان مٿي سور اٿم." مان گوڏن کان مٿي زور ڏيڻ لڳس. اُستاد چوڻ لڳو، "اچا مٿي، اچا مٿي."

هاڻ مان ران جي مٿين حصي کي زور ڏيئي رهي هيس. او چتو استاد مون ڏانهن پاسو ورايو. ڪا سخت شيءِ مون جي هٿ کي لڳي، جيڪا اُستاد جي ران نہ هئي، مان ڇرڪي ٿوري هٽيس. استاد پڇيو، "ڇا ٿيو پٽ؟"

مون چيو، "ڪجهہ نہ سائين." ۽ مان وري اُستاد کي زور ڏيڻ لڳيس. استاد اوچتو وري پاسو ورايو. ۽ ساڳي شيءِ سان وري بہ منهنجو هٿ

ٽڪرايو. مون اِهو اتفاق ئي سمجهيو. استاد پورو وقت ڪنجهندو رهيو هو، ڄڻ زورن جو ڪو اثر ئي نہ ٿيو هجي. مان اُٿيس ۽ گهر موٽي آيس.

پن ٽن ڏينهن کان استاد جي بيماريءَ ڪري، پڙهائي نہ پئي ٿي سگهي. مون دعائون بي گهريون تہ اُستاد جلدي ٺيڪ ٿي وڃي تہ منهنجي پڙهائي ٿي سگهي.

ڪجهہ ڏينهن ائين لنگهي ويا. استاد جو سور لهڻ جي بدران ويو ٿي وڌندو. هڪ ڏينهن ويس تہ فقط ٻہ پار ويٺا هئا، جن کي اُستاد منهنجي اچڻ تي موڪل ڏيئي ڇڏي، ۽ مون کي چيائين، "بابا، تنهنجي پڙهائي خراب پئي ٿئي. پر مان ڇا ڪريان. سورهٽي لاهہ ڪدي ڇڏيا آهن."
مون چيو، "ڪا ڳالهہ ڪانهي سائين، اوهان ٺيڪ ٿيو تہ پڙهائي بہ ٿي ويندي." ڪن رکي چيم، "اوهان ڊا ڪٽر کي ڇو نٿا ڏيکاريو؟"
چيائين، "ها، سياٽي ڏيکاريندس. پر هلڻ جهڙو بہ تہ ٿيان."
مون وري پنهنجي ديوٽي سنڀالي ۽ استاد کي زور ڏيڻ لڳس. هان اُستاد فقط ٽنگن تي زور وٺندو هو، جو سندس چوڻ هو تہ ٽنگن ۾ سور آهي.
مان اُستاد کي ٽنگن تي، زور ڏيئي رهي هيس تہ اوچتو استاد پنهنجي گوڏ کولي ڇڏي. منهنجي سامهون اُستاد جو اگهاڙو جسم پيو هو. اُستاد جي اُوگهڙ ڏسي منهنجيون متيون مُنهنجي پيون. منهنجيون پٽيل اکيون پٽيل ئي رهجي ويئون. اوچتو اُستاد مون کي ڇڪي پنهنجي مٿان ليٽائي ڇڏيو. ۽ جهڪي مون کي چميون ڏيڻ لڳو. مون پاڻ ڇڏايو، ۽ وٺي ٻاهر ڀڳس.
گهر جلدي پهتس تہ امان جلدي اچڻ جو سبب پڇيو. پر ڪيس چيم تہ– منهنجي طبيعت خراب آهي، ۽ سڌي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويس. اُستاد جي هن هلت مون کي ڄڻ ڏوندا ڙي ڇڏيو هو. رکي رکي منهنجي

اکين جي اڳيان استاد جو اگهاڙو جسم گهمي ٿي ويو. مون کي اُستاد جي انهيءَ حرڪت تي ڏاڍو افسوس پئي ٿيو، ڇاڪاڻ تہ مون دل سان اُستاد جي عزت ڪئي ٿي، ۽ هن جي خدمت هڪ اولاد وانگر پئي ڪيم. پر هو تہ بنهہ ابتڙ نڪتو.

سڄي رات مون کي ننڊ نہ آئي، ۽ انهيءَ اُڻ تُڻ ۾ رهيس تہ گهر وارن سان اِها ڳالهہ ڪريان يا نہ. صبح هند مان اُٿيو ئي نہ ٿئي، ڪالهہ تہ مڪتب مان موٽندي مهل امان کي چيو هوم تہ طبيعت خراب اٿم، پر اڄ طبيعت واقعي خراب ٿي پئي هئي. تنهنڪري اسڪول بہ نہ وڃي سگهيس. مون رات پنهنجي پاڻ سان اِهو فيصلو ڪري ورتو هو تہ مان گهر وارن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائيندس. پر مڪتب وڃڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. هاڻ اِهو فڪر ورائي ويو تہ عربيءَ ۾ نہ رهجي وڃان.

هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ پتو پيو تہ اُستاد انهيءَ ڏينهن کان غائب آهي. مان سمجهي ويس تہ هن کي اِهو ڊپ ورائي ويو هوندو تہ متان مان بابا سان نہ ڳالهہ ڪري ڇڏيان. انهيءَ ڪري هو مڪتب ڇڏي ويو هليو. پر بيا سيئي انهيءَ ڳالهہ تي حيران هئا تہ هو مڪتب ڇڏي ائين ڇو هليو ويو. پر مون ڪنهن کي ڪجهہ ڪو نہ ٻڌايو.

اُستاد واري ڳالهہ کي گذري ڪافي ڏينهن ٿي ويا هئا، پر انهيءَ ڳالهہ کي مان ذهن مان ڪڍي نہ سگهيس. جيئن اکيون بند ڪريان، اُستاد جو اگهاڙو جسم منهنجي آڏو اچيو وڃي. ڪيترا ڀيرا سُتي سُتي اک پٽجيو پوي، ائين محسوس ٿيندو هوم تہ ڄڻ مان هند تي نہ، استاد جي مٿان سُتي پئي آهيان.

انهيءَ بيچينيءَ طبيعت خراب ڪري وڌي. هر وقت مٿي ۾ سور رهڻ لڳو. گهر وارن جو خيال هو تہ شايد نظر گهٽي آهي. ٻئي پاسي ننڊ ڄڻ منهنجي اکين مان موڪلائي ويئي هئي، مون کي اکيون بند ڪندي ڊپ

لڳندو هو. ڇو ته منهنجي اکيون بند ڪندي ئي، استاد جو اگهاڙو جسم منهنجي اڳيان اچي بيهندو هو، تنهنڪري ڊپ مان اکيون کولي ڇڏيندي هيس.

هڪ ڏينهن جڏهن منهنجي مٿي جو سور تمام گهڻو وڌي ويو، ۽ آءٌ سور ۾ بيحال ٿيڻ لڳس ته امان مون کي هڪ ڊاڪٽر وٽ وٺي هلي. ڊاڪٽر مون کي تپاسي ڪجهه گوريون ۽ مڪسچر ڏنائين.

پر دوا ڪو فائدو نه ڪيو، ويتر طبيعت وڌيڪ خراب ٿي پئي. امان مون کي وري ڊاڪٽر وٽ وٺي هلي. هلندي مهل بابا چيو ته "ڏسو، جيڪڏهن اچو ڪي دوا مان به فائدو نه ٿئي ته ڪنهن اسپيشلسٽ کي ڏيکاريون."

امان کي ڊپ هو ته مون کي ڪٿي السر نه ٿي پيو هجي. مون ڊاڪٽر سان به اِها ڳالهه ڪئي. ڊاڪٽر بيڊ تي ليٽائي، زور ڏيئي منهنجي پيٽ کي تپاسيو، پوءِ ڪجهه پنهنجيون دوائون، ۽ ڪجهه اسٽور جون لکي ڏنائين. انهي ءَ کان علاوه بلڊ ٽيسٽ ۽ اکين جي ٽيسٽ لاءِ به لکي ڏنائين.

مون بلڊ ۽ اکيون ٽيسٽ ڪرايون. اکيون بلڪل ٺيڪ هيون. بلڊ جي رپورٽ مان پاڻ ڪٿي ڊاڪٽر وٽ ويس امان کي ڪجهه تڪليف هئي. مون کي پهچڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي هئي. ڊاڪٽر به اسپتال بند ڪرڻ وارو هو جو مان وڃي پهتس. مون کي ڏسي ڊاڪٽر ترسي پيو ۽ پَرَ وارِي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽڻ لاءِ چيائين.

مان ڪمري ۾ اندر وڃي ويءَ بيڊ تي ليٽي پيس، ڊاڪٽر مون کان پڇيو، "حقيقت ڇا آهي، مون کي ٻڌايو. مان محسوس ڪريان پيو ته اوهين مون کان ڪجهه لڪايو پيا. اوهان جيستائين ڊاڪٽر کي پوري حقيقت نه ٻڌائيندا، هو اوهان جو علاج نه ڪري سگهندو."

تنهن تي مون هٻڪندي ڪيس استاد وارو واقعو پيراتو ڪري ٻڌايو. ڊاڪٽر هن پيري تپاسڻ ۾ وڌيڪ دير ورتي، ۽ پيٽ کان علاوه، جسم

جي ڪجهه پين حصن تي به هٿ ڦيرائين. مون کي اُستاد ياد پيو، ۽ مون يڪدم ڊاڪٽر جو هٿ جهلي ورتو. ڊاڪٽر جي چهري تي ڪا به تبديلي نه آئي، ڏاڍي سُڪون سان چيائين، ”مون ته تفصيل سان تپاسيو پي، اوهين خبر نه ڇو ڇرڪيا.“

مان پاڻ ڦڪي ٿيس ته هرو ڀرو ڊاڪٽر تي شڪ ڪيم. هن دوا ۾ تبديلي ڪئي ۽ چيائين ته ”هن دوا مان به ڪو فائدو نه ٿيو ته پوءِ انجيڪشن هڻڻا پوندا.“

گهر اچي بابا ۽ امان کي ٻڌايم ته ڊاڪٽر چوي ٿو ته ”جيڪڏهن هن دوا مان فائدو نه ٿيو ته پوءِ انجيڪشن هڻڻا پوندا، شايد مان وڏيڪ بيمار ٿي پئي آهيان.“

بابا ۽ امان مون کي تسلي ڏني، مون دوا پيتي ته يڪدم اُلٽي اچي ويئي. پر هڪ ڳالهه ٿي، اُلٽي اچڻ کان پوءِ طبعيت ڪجهه ٺيڪ ٿي ويئي، ۽ ننڊ به آيم.

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر کي ٻڌايم، ته ”دوا مان ته ڪو خاص فائدو نه ٿيو آهي، البت اُلٽي اچڻ کان پوءِ ڪجهه آرام محسوس ڪيو هوم.“

ڊاڪٽر وري بيڊ تي ليٽايو ۽ پيٽ کي زور ڏنائين، ۽ پوءِ مٿي تي هٿ رکيائين، ”اوهان کي ڪجهه بخار به آهي. هاڻ ته انجيڪشن هڻڻ ضروري آهي.“

مون کي بيڊ تي ڇڏي، پاڻ انجيڪشن کڻڻ ويو. موٽي اچي ٻانهن ۾ انجيڪشن هنيائين. انجيڪشن لڳڻ کان ٿوري دير پوءِ، مون تي ننڊ جا گهيرٽ چائنجڻ لڳا. پر ڪجهه سجاڳي به هيم. مون کي ائين محسوس ٿيو ته ڊاڪٽر منهنجي قميص مٿي ڪئي آهي، ۽ شلوار هيٺ، ۽ پوءِ مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ فلش ٻريو.

گهر نه چاڻ ڪئين پهتس، ۽ ويندي ئي گهر ننڊ ۾ پئجي رهيس.

انجيڪشن مان ڪجهه فائدو ٿيو هو، تنهن ڪري ٻئي ڏينهن وري انجيڪشن هڻائڻ لاءِ ڊاڪٽر وٽ ويس. منهنجو وارو ڇهاڙيءَ ۾ هو، تنهنڪري انتظار ڪرڻ لڳس. جڏهن سڀئي مريض ويا هليا ته ڊاڪٽر مون کي بيڊ تي ليٽايو ۽ پوءِ تپاسڻ لڳو. اوچتو مون کي ڪلهوڪي فلش واري ڳالهه ياد آئي. مون ڊاڪٽر کان پڇيو، ”ڊاڪٽر، جڏهن ڪلهه اوهان مون کي انجيڪشن هڻئين هئي، تڏهن مان جلدي گهيرٽ ۾ هلي ويئي هيس. تڏهين مون محسوس ڪيو ته ٻه ٽي پيرا فلش ٻري، ڇڻ ته منهنجيون تصويرون پيئون لهن.“

ڊاڪٽر جي چپن تي شرارتي مُرڪ ڦهلجي ويئي. مان گهبرائجي اٿي ويهي رهيس، ”ڇا واقعي اوهان منهنجيون تصويرون ورتيون آهن.“

ڊاڪٽر جي چپن تي ساڳي شرارتي مُرڪ هئي. مون کيس التجا ڪندي چيو، ”ڊاڪٽر مهرباني ڪري اُهي تصويرون ۽ نيگيٽو مون کي واپس ڪري ڇڏيو.“

”اِهي تصويرون،“ ڊاڪٽر چوڻ لڳو، ”جيڪڏهن اُهي تصويرون مان اوهان جي پاڙي واري کي موڪلي ڏيان يا اوهان جي گهر وارن کي، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟“

”نه ڊاڪٽر، اوهان ائين نه ڪندا. آخر مون اوهان جو ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي. مان اوهان جي مريض آهيان. ڇا ڪو ڊاڪٽر پنهنجي مريض سان ائين ڪري سگهي ٿو.“

”مان ائين نه ڪندس،“ ڊاڪٽر جي چپن تي هاڻ شيطاني مُرڪ هئي، ”بلڪل نه، جيڪڏهن تون منهنجو چيو مڃيندين. ٻي صورت ۾ فوٽو تنهنجي گهروارن ۽ پاڙي وارن کي پهچي ويندا. پوءِ ڇا ٿيندو، اِهو ته تون به سمجهي سگهين ٿي.“

منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ڊاڪٽر سمجهي ويو ته مون هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. هن وڌي اچي مون کي ڳلن تي چُميون ڏنيون، ۽ پوري

جسم تي هٿ ڦيريندو رهيو. مان ڳوڙهن ڳاڙڻ کان سواءِ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. پر هو سڀ ڪجهہ ڪري گذريو. هن مون کي انهيءَ بيڊ تي سمهاريو ۽ ڏاڍي بيدرديءَ سان منهنجي عزت لُٽي ورتي.

هن مون کي روز اچڻ لاءِ چيو، ۽ انجيڪشن هڻي مون کي اماڻي ڇڏيائين.

هاڻ مون کي روز وٽس وڃڻو پوندو هو. هو مون کي آخر ۾ تپاسيندو هو. تپاسيندو ڇا هو، روز منهنجي عزت لُٽيندو هو. ۽ انجيڪشن هڻندو هو. هن هڪ ٻہ ڀيرا وري بہ منهنجيون تصويرون ڪڍيون، جيڪي شايد پهرين تصويرن کان وڌيڪ خطرناڪ هيون.

مون کيس ڪيترا ڀيرا هٿ ٻڌا ۽ منٿون ڪيون تہ مون کي منهنجيون تصويرون ۽ نيگيٽو ڏيئي ڇڏ. پر هو هر ڀيري ٽاريندو رهيو. هڪ ڀيري جڏهن گهڻو زور رکيم تہ چيائين، ”تون منهنجي گهر اچ. مان تنهنجي سامهون تصويرون ۽ نيگيٽو ضايع ڪري ڇڏيندس.“

مون وٽ بي واٽ تہ هئي ڪانہ، لاچار سندس گهر پهتس. مون کي آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ مون کي پنهنجي هڪ تصوير ڏيکاريائين. پنهنجي اُها تصوير ڏسي مان ڏڪي ويس، ۽ شرم ۾ ڪنڌ جهڪي ويم. هن تصويرون ۽ نيگيٽو تہ ڪونہ موٽايا، پر وري بہ عزت لٽيائين. هن ڀيري تہ اسپتال نہ هئي، سندس گهر هو، سو ڏاڍي آزاديءَ سان منهنجي ويچارگيءَ مان فائدو ڪڻندو رهيو.

مون وري بہ سندس ايلاز ڪيا. چيائين- ٻئي ڀيري ايندينءَ تہ ساڙيندس. لاچار مون کي ٻئي ڀيري بہ وڃڻو پيو. هن ڀيري بہ هن منهنجي ويچارگيءَ جو پورو پورو فائدو ڪنيو. منهنجي مجبور ڪرڻ تي تصويرون ڦاڙي ڇڏيائين ۽ نيگيٽو لاءِ چيائين تہ- پوءِ ڪڍهن.

مان سندس ڪوڙڪيءَ ۾ چڳيءَ طرح ڦاسي چُڪي هيس، ۽ هاڻ تہ

ڦٽڪي به نٿي سگهيس. پنهنجي دل جو حال ڪنهن سان اُوري به نٿي سگهيس. اندر ئي اندر ڪامندي، پچندي ۽ پچرندي رهيس. هاڻ هو مون کي دلاسا ڏيڻ لڳو ته مان توسان شادي ڪندس ۽ شادي رات اِهي نيگيٽو ساڙيندس.

اهڙيءَ ريت مان ٻه سال وٽس ويندي رهيس، ۽ هر ڀيري، دل تي هڪ ٻيو داغ پوندو رهيو. هن وچ ۾ مون ميٽرڪ جو امتحان ڏنو، جنهن ۾ فيل ٿيس. سپليمينٽري ڏنم، ته ٿرڊ ڊويزن ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم.

۽ پوءِ مون محسوس ڪيو ته ڊاڪٽر مون کان بيزار ٿي پيو آهي. هاڻ گهرا چڻ تي به زور نه پريندو هو، ۽ اسپتال ۾ به رکائي سان ملندو هو.

هڪ ڏينهن سندس گهر ويس ته وٽس هڪ ٻيو ماڻهو ويٺو هو، سا ٽس تعارف ڪرائيندي ٻڌايائين ته جنهن جاءِ ۾ پاڻ رهندو آهي، هيءُ انهيءَ جو مالڪ آهي. ۽ پوءِ ڏاڍي بيحيائيءَ سان چيائين، "تنهنجي تصويرن جا نيگيٽو هاڻ منهنجي هِنَ دوست وٽ آهن. هاڻ توکي هن سان رابطو رکڻو پوندو."

مون کي خار ته ڏاڍا لڳا. دل ۾ آيم ته ٻنهين کي ماري وجهان، پر مان ڪري ڪجهه نه سگهيس. البت هاڻ هُن کي منٿون ڪيم. هن مون کي چيو ته مان ٻن ٽن مهينن کان پوءِ ٻاهر وڃڻو آهيان. وڃڻ کان پهرين توکي نيگيٽو موٽائي ڏيندس.

مان بنهه لاچار هيس. وٽس نه وڃڻ کان سواءِ، مون وٽ ٻيو ڪو علاج به ڪونه هو. مون هر حالت ۾ هن کان نيگيٽو حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جي ڪري نه فقط مان، بلڪ منهنجو سڄو خاندان بدنام ٿي سگهيو ٿي.

مئٽرڪ کان پوءِ مان ڪاليج ۾ داخل ٿيس. اڃڻ وڃڻ تي ته پهرين به

ڪا پابندي نہ هئي، نہ هاڻ ئي هئي. مون کي هاڻ ڊاڪٽر جي دوست وٽ ويڃڻو پوندو هو. ڊاڪٽر جو اِهو دوست امير ماڻهو هو، ڊاڪٽر بہ مون کي بليڪ ميل ڪري، منهنجي عزت وٺندو هو. هن اِهو ساڳيو ڪم تہ ڪيو تي، پر زوري چڱي خاصي رقم هر ڀيري مون کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

جڏهن هن جي ٻاهر وڃڻ جو وقت آيو تہ مون ڪيس روئي منٿون ڪيون تہ منهنجا نيگيٽو مون کي موٽائي ڏي. پوءِ ڪيس اِهو بہ ٻڌايم تہ ڪيئن نہ ڊاڪٽر مون کي انجيڪشن هڻي، بي ستو ڪري، منهنجيون تصويرون لاٿيون آهن.

هو ڊاڪٽر جي ڀيٽ ۾ چڱو ماڻهو هو. منهنجي ڳالهہ ٻڌي، ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، منهنجا نيگيٽو، جن جي ڪري، ڪيترا سال مان پنهنجي عزت لُٽائيندي رهي هيس. منهنجي سامهون ساڙي ڇڏيائين.

مان ڇڻ ڪوڙ ڪيءَ مان آزاد ٿيس، عزت تي لٽائي چُڪي هيس. پر انهيءَ ۾ منهنجي مرضي شامل ڪا نہ هئي، مان مجبور هيس. پر هاڻ سُک جو ساهہ کنيم، ڇڻ منهنجي مٿي تان ڪا ڇِپَ هٽي ويئي. البت ذهن تي بار هو.

ڪاليج جو پهريون سال پاس ڪري، انٽر ۾ آيس تہ مائٽن کي منهنجي شاديءَ جو فڪر ٿيو. هنن ٻن ٽن ڏُرين کي منهنجي سڱ لاءِ چيو. پر ڪوبہ چڱو سڱ نہ آيو. گهر وارن کي تہ منهنجي متعلق ڪا خبر نہ هئي، ڇا ڪاڻ تہ هر مائٽ وانگر، منهنجي مائٽن کي بہ مون تي پورو ڀروسو هو. پر ٻاهر وارن کي شايد منهنجي متعلق ڪجهہ خبرون هيون، انهيءَ ڪري ڪوبہ چڱو سڱ نہ آيو. منهنجا مائٽ آهستي آهستي مايوس ٿيندا ويا، ۽ نيٺ منهنجي شاديءَ جو آسرو پلي، ماٽ

ڪري ويهي رهيا. مان ڪڏهن تہ ايڏي بد دل ٿيندي هيس تہ دل ٿيندي هئي تہ خودڪشي ڪري وٺان. ڪڏهن منهنجي اندر ۾ انتقام جي باھ ڀڙڪڻ لڳندي هئي تہ وڃي هن ڊاڪٽر جو خون ڪري ڇڏيان، جنهن منهنجي حياتي زهر ڪري ڇڏي هئي، پر مان ڪجھ بہ ڪري نہ سگهيس.

هڪ ڏينهن منهنجو ماسات، جيڪو انجنيئر هو، سو بئي شهر مان بدلي ٿي، اسان جي شهر ۾ آيو. هن کي وڏو بنگلو مليل هو، جنهن ۾ هو رهندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهر ايندو هو. امان ياٽجي سان ملي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي، بابا هڪ ڀيرو ڪيس ماني تي سڏيو. ماني کائڻ کان پوءِ هو ڪافي وقت اسان وٽ ويٺو رهيو، ۽ پنهنجي متعلق ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. هن اڃا شادي نہ ڪئي هئي.

منهنجي ماسات جو اسان جي گهر اچڻ وڃڻ جو سلسلو هاڻ وڌي ويو هو، ۽ هو اڪثر رات جي ماني اسان جي گهر کائيندو هو. ڪڏهن وڃڻ وقت، سيني کان لڪائي مون کي ڪو تحفو بہ ڏيئي ويندو هو. مون سوچيو تہ مون سان جيڪي ذيادتيون ٿيون آهن، شايد قدرت کي انهيءَ تي رحم آيو آهي.

هڪ ڀيري ويندي وقت مون کي پنهنجي بنگلي تي اچڻ جو زور ڀريائين. مان بہ هڪ ڏينهن ڪاليج کان موٽندي سندس بنگلي تي هلي ويس. مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ منهنجي ڏاڍي خاطر تواضع ڪيائين.

۽ انهيءَ وقت منهنجي خوشيءَ جي انتها نہ رهي، جڏهن هن مون کي چيو، رضيہ، آءٌ توسان شادي ڪرڻ ٿو گهران."

مون تہ گهڻو اڳ شاديءَ جو خيال ذهن مان ڪڍي ڇڏيو هو، پر اڄ ماسات اها ڳالھ ڪري، وري دل ۾ شاديءَ جي خواهش جاڳائي ڇڏي. ۽ پوءِ اڪثر ڪاليج مان موٽندي مان سندس بنگلي تي ويندي هيس.

هو گهڻو ڪري مون سان شاديءَ جون ڳالهيون ڪندو هو، جيڪي ٻڌي مان چڙ ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچي ويندي هيس. پوءِ هو مون سان آهستي آهستي فري ٿيڻ لڳو. پر مون کي ڪو اعتراض نہ ٿيندو هو، ڇاڪاڻ تہ پَڪَ هيم تہ شادي تہ هن سان ئي ٿيڻي آهي.

هن جا هٿ منهنجي جسم تي، هر زوائي سان هلندا رهندا هئا. پوءِ هڪ ڏينهن هن جو منهنجو جسم ملي هڪ ٿي ويا. پوءِ اِهو سلسلو هڪ سال تائين هلندو رهيو. مان اڪثر کيس شادي ڪرڻ لاءِ چوندي هيس. هو مون کي دلاسا ڏيندو رهيو.

پر جڏهن شاديءَ لاءِ منهنجو اصرار وڌي ويو تہ هڪ ڏينهن ڪاوڙ ويحان چئي ڏنائين، "رضيہ، تون منهنجي ڪنوار ٿيڻ جي لائق ناهين. تون خبر نہ ڪيترن جي حوالي پنهنجي عزت ڪري چُڪي آهين. هاڻ تو وٽ عزت نالي ڪا شيءِ ئي ڪانهي. مان توسان شادي ڪيئن ٿو ڪري سگهان."

مون تي ڪجھ دير لاءِ چڙ تہ سڪتو طاري ٿي ويو. منهنجي سوچڻ سمجهڻ جي قوت ختم ٿي ويئي، مون پاڻ کي ڏاڍو ڪمزور محسوس ڪيو. ايترو ڪمزور، جو جيڪو چاهي، جڏهن چاهي، مون کي بيعزت ڪري پي سگهيو.

مان اُتيس گهر موٽي آيس.

جڏهن گذريل حياتيءَ جون سوچون پوريون ٿيون، تڏهن اکين مان ڳوڙها بہ بند ٿي چُڪا هئا. پاڻ کان پڇڻ لڳيس: مون سان جيڪو ٿي گذريو آهي، ڇا انهيءَ جي ذميوار مان پاڻ آهيان يا ٻين منهنجي مجبوريءَ مان فائدو ڪنيو، پر پوءِ چيم: هاڻ اِهو سڀ ڪجھ سوچڻ مان فائدو بہ ڪهڙو؟ حياتي برباد ٿيڻي هئي، سا ٿي ويئي.

# باھہ مان رستو

اڄ رات جو واندو ٿي، آيل خطن کي پئي ڏٺم ته هڪ خط، جيڪو بنگلاديش مان آيل هو، ان کي ڏسي حيران ٿيس. سوچ ۾ پئجي ويس ته هيءُ خط ڪنهن لکيو آهي، ياد نه پئي پيم ته بنگلاديش ۾ ڪير اهڙو آهي، جنهن خط لکيو آهي.

مون خط کوليو، ۽ خط پڙهڻ کان اڳ، پهرين نالو پڙهيم، 'نعيم' لکيل هو. مُنجهي پيس ته هيءَ ڪير آهي، پر جڏهن خط پڙهيم ته نعيم ياد اچي ويئي. مونکي اُهو وقت ياد اچڻ لڳو، جڏهن هوءَ مون وٽ آئي هئي.

مريض ايترا مون وٽ آيا آهن، يا ايندا رهندا آهن، جو هرهڪ کي ياد رکڻ ممڪن ئي ڪونهي. پر نعيمہ جن حالتن ۾ مون وٽ آئي هئي. اُهي اهڙيون نہ هيون، جنکي آسانيءَ سان وساري سگهجي.

انهن ڏينهن ۾، مان سول اسپتال حيدرآباد ۾ هوس، ۽ پنهنجي ڏينهن تي O.P. D ۾ ويهندو هوس. مريضن جي هڪ ڊگهي قطار هئي. مان واري واري سان مريضن کي ڏسي رهيو هوس. هڪ ڪان پوءِ بي O. P. D سلپ سامهون آئي تي، هڪ نالو پڙهيم. نعيمہ. ڏنم، ڪٽڪ رنگي ۽ قبول صورت ڇوڪري هئي. منهن ڪجهہ لٿل هيس. ڳالهائين تہ پتو پيو بنگالي آهي.

چيائين، "بيمار آهيان." سندس چوڻ تي کيس تپاسيم. ڪائنس بيماريءَ جي باري ۾ پڇيم بہ. پر کيس ڪابہ ظاهري بيماري محسوس نہ ٿيم. لڳم تہ ٽينشن اٿس. مون کيس ٽينشن گهٽائڻ جون ۽ ڪجهہ طاقت جون دوائون ڏئي اماڻيو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ O.P.D ۾، وري منهنجو وارو هو. نعيمہ وري آئي. هن ڀيري هوءَ ڪجهہ ڪمزور پئي لڳي، مون کيس وري بہ چڱيءَ طرح تپاسيو، ۽ چيو مانس، "ظاهري طرح توهان کي ڪا بيماري ڪانهي. توهان پاڻ بہ ڪا بيماري نہ پيو ڏسيو. اوهانکي ڪنهن ڳالهہ تي ٽينشن آهي. ٽينشن جي ڪري بہ ماڻهو پاڻ کي بيمار محسوس ڪندو آهي. جيڪڏهن اوهان اُها ڳالهہ ٻڌائڻ پسند ڪريو تہ شايد مان اوهان جي ڪا مدد ڪري سگهان. انهيءَ طرح اوهان ٽينشن مان جند ڇڏائي سگهندا. ٻي صورت ۾ مان اوهانجي لاءِ ڪجهہ ڪونہ ڪري سگهندس."

هوءَ ڪنڌ نمايو، ۽ چپ ڪيو ويٺي رهي. مون ڪجهہ دير سندس جواب جو انتظار ڪيو، پوءِ چيومانس، "بهتر ٿيندو، اوهان سوچي وٺو. هينئر نہ ٻڌائڻ گهرو تہ ڪنهن ٻئي ڀيري هليا اچو. جيڪڏهن

ٿوري دير ۾ فيصلو ڪري سگهو تہ پوءِ سامهون واري ڪرسيءَ تي ويجي ويهو، تيستائين مان ٻين مريضن کي ڏسي وٺان ٿو. جيڪڏهن اوهان ٻڌائڻ گهريو تہ پڇاڙيءَ ۾ اوهان جي مسئلي تي ڳالهائي وٺبو.“

هُن ڪنَ رکي مون ڏانهن نهاريو، ڄڻ سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين، تہ مان واقعي همدرد ٿي سگهان ٿو يا نہ. ۽ پوءِ اُٿي سامهون واري ڪُرسيءَ تي ويٺي، يعني هو ڳالهہ ٻڌائڻ تي آماده ٿي ويئي هئي.

مون گهنٽي وڄائي ٻين مريضن کي اچڻ لاءِ چيو، مريض هڪ ٻئي کان پوءِ ايندا ويا، ۽ مان کين تپاسي، علاج ۽ دوائون لکي ڏيندو رهيس. ۽ جڏهن آخري مريض بہ ويو تہ مون پٽيوالي کي چيو تہ ”هاڻ في الحال ڪنهن کي اندر اچڻ نہ ڏجانءِ.“ مون ٻئي ٻانهون ميز تي رکيون، ۽ نعيمہ ڏانهن منهن ڪري چيم، ”هان اوهان پنهنجو مسئلو ٻڌايو. اوهان کي ڪهڙي ڳڻتي ورائي ويئي آهي.“

نعيمہ نظرون کڻي مون ڏانهن ڏٺو. پوءِ ڪنڌ جهڪائي چيائين: ”اوهان جي ڳالهہ شايد صحيح آهي. شايد مان واقعي بيمار نہ آهيان. ڳڻتين جي ڪري ٽينشن ۾ پيو اٿم. انهيءَ ڪري پاڻکي بيمار محسوس ڪرڻ لڳي آهيان. مون کي سڪون ڪونهي. اندر ۾ آنڌ مانڌ مچي پئي اٿم. ڪابہ دوا اثر نٿي ڪري. من ۾ جيڪو مانڌاڻ متل اٿم، اُهو مانو ٿئي ڪو نہ ٿو.“

هوءَ ڪجهہ دير لاءِ ماٺ ٿي ويئي. وري ڳالهائين، ”حالتن مونکي ايڏو مجبور ڪري ڇڏو آهي، جو هاڻ ٻڌائڻ کان سواءِ چارو ئي ڪونهي. ڪا واٽ ئي نٿي سُجهي.“ هوءَ وري ماٺ ٿي ويئي ۽ هن پيري ماٺ ڊگهي ٿي ويئي. مون ڪافي دير سندس ڳالهائڻ جو انتظار ڪيو. مان سمجهي ويس تہ هوءَ ڪنهن وڏي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي ۽ فيصلو نہ پئي ڪري سگهي تہ هوءَ پنهنجو احوال ٻڌائي يا نہ.

مون تمام نرميءَ سان کيس چيو، ”اوهان پنهنجي ڳالهہ جاري رکو.

مان ڏا ڪتر آهيان. مون مان اوهانکي فائدو ئي رسندو، نقصان نہ.“

هن ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ ٿڌو ساهہ ڀريائين، ”مان گورنمينٽ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندي آهيان. منهنجي ننڍي ڀيڻ فهيمہ بہ مون سان گڏ رهندي آهي. منهنجو وڏو ڀاءُ اسسٽنٽ ڪمشنر آهي.“

هوءَ چپ ٿي ويئي ۽ ڇت ڪي تَڪڻ لڳي. سندس ٻيهر ڳالهائڻ مان پتو پيو تہ هوءَ ماضيءَ ۾ هلي ويئي هئي. ”اسانجا ماءُ پي ڏا ڪا ۾ رهن ٿا. منهنجو ڀاءُ تمام محنتي هو. انهيءَ ڪري C.S.S جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويو. جڏهن سندس ٽريننگ پوري ٿي، تہ سندس پوسٽنگ ڪراچيءَ ۾ ٿي. اسان ٻئي ڀينرون ميٽرڪ جو امتحان ڏئي چڪيون هيوسين، ۽ هاڻ نتيجي جو انتظار هو، ڇهن مهينن تائين منهنجو ڀاءُ ڪجهہ رقم خرچ لاءِ باقاعدگيءَ سان مو ڪليندو رهيو، جنهن سان گهر جو خرچ هلندو هو. بابا سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ٿي چڪو هو، ڪيس پنج سؤ روپيا پينشن ملندي هئي. ڀاءُ جيڪڏهن پئسا نہ موڪلي ها تہ بابا جي پينشن مان گذارو مشڪل هو.

”جڏهن اسانجي ڪاليج ۾ داخلا جو وقت آيو تہ ادا زور رکيو تہ اسان بہ ڪراچي هليا اچون. بابا بہ پٽ جي ڳالهہ رکي ۽ اسانکي ڪراچي موڪلي ڇڏيائين. پر اسين ڪراچي پهتيون سين تہ ادا جي بدلي حيدرآباد ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري اسانکي بہ حيدرآباد ئي اچڻو پيو. ادا اسانکي هتي گورنمنٽ ڪاليج ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. اسين رهڻ بہ ڪاليج جي هاسٽل ۾ لڳيون سين.

”اسان ٻنهين کي پڙهڻ سان تمام گهڻي دلچسپي هئي، ۽ اِهو احساس بہ هو تہ ڀاءُ تي ايڏو بوجهہ آهي، تنهن ڪري اسانکي پڙهائي ڏانهن مڪمل ڌيان ڏيڻ گهرجي. تنهن ڪري اسين هاسٽل مان ڪڏهن ڪنهن ساهڙيءَ وٽ بہ نہ وينديون هئيوسين تہ اهو وقت بہ زيان نہ ٿئي. اسان ٻنهين جو خيال هو تہ اسين ايم اي جي ڊگري حاصل ڪري

ليڪچررياڪا ۽ نوڪري ڪري ورتون، تہ جيئن ۽ پاڻ تان ڪجهہ بار هلڪو ٿئي.

"انهن ڏينهن ۾ ادا بہ اسانجو سڄو خرچ برداشت ڪندو هو، بلڪ ڪجهہ پئسا ڏاڪا بابا ۽ امان کي بہ موڪليندو هو.

"اهڙيءَ طرح اسانجا ٻہ سال خير خوبيءَ سان گذري ويا. هڪ ڏينهن اوچتو ادا هاسٽل تي آيو، ۽ ٻڌايائين تہ سندس بدلي لاهور ٿي ويئي آهي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڪيس لاهور پهچڻو آهي. اسين ٻئي ڏاڍيون پريشان ٿيونسين. پر ادا اسانکي تسلي ڏني تہ 'پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي، آءٌ پنهنجي سينئر آفيسر سلطان صاحب کي اوهانجو سنڀاليندڙ مقرر ڪيو پيو وڃان. مان ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ بہ هن جو نالو لکرائي ٿو وڃان.'

"ٻئي ڏينهن ادا اسانکي هاسٽل مان وٺي سلطان صاحب سان بہ ملائي ڇڏيو تہ جيڪڏهن ڪا اوچتي گهرج پئجي وڃي يا ڪم پئجي وڃي تہ اسان سلطان صاحب سان ملون.

"ڳوڙها ڳاڙيندڙن اکين سان اسين ادا کان جدا ٿياسين. ادا لاهور ويو هليو. لاهور مان ادا پئسا موڪليندو تہ هو، پر مس پورت جيترا. پر ڇئن مهينن کان پوءِ ادا پئسا موڪلڻ بند ڪري ڇڏيا. اسان کيس ڪيترائي خط لکيا، پر وٽانس ڪو بہ جواب نہ آيو."

نعيمہ خاموش ٿي ويئي. مون ڏانهس ڏٺو، هن جا چپ ڏندن ۾ پڪوڙجي ويا هئا. محسوس ڪيم تہ هوءَ سخت ذهني الجهن ۾ گرفتار آهي. ڪيتري دير هوءَ ماٺ رهي. هن جي چهري تي ڪيترا رنگ آيا ۽ ويا. ڄڻ هن پنهنجي اندر سان جنگ پي وڙهي، نيٺ هن ڳالهايو:

"اسانجا ڏکيا ڏينهن انهيءَ ڏينهن شروع ٿي ويا هئا، جنهن ڏينهن ادا لاهور ويو. ڇا ڪاڻ تہ لاهور وڃي، هن ۾ اِها تبديلي آئي هئي.

"اسان وٽ نہ هاسٽل جي في ڏيڻ لاءِ پئسو هو، نہ پنهنجي ضرورتن لاءِ.

پهرين سوچيو سين تہ گهر وارن کي ڏا ڪا خط لکون. پر پوءِ چيوسين تہ بابا ۽ امان کي لکنديونسين تہ هو ويچارا بہ پريشان ٿيندا، ڪري تہ هو بہ ڪجهہ نٿا سگهن. ۽ چڱو ٿيو جو اسان کين نہ لکيوسين، ڇا ڪاڻ تہ هنن جي خط مان خبر پئي تہ ادا کين بہ پئسا موڪلڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. ٻي ڪا واٽ نہ ڏسي، اسان سلطان صاحب وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اسين وٽس ويونسين. هو اسان سان سُٺي نموني مليو. ڪيس افسوس هو تہ اسانجي ڀاءُ اسان کي پئسا موڪلڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. هن ٻڌايو تہ اسانجي ڀاءُ لاهور ۾ هڪ وڏگهراڻي ۾ شادي ڪري ورتي آهي. ۽ شايد هاڻ پگهار مان سندس پورائو نہ ٿو ٿئي.

"اسانکي پنهنجي ڀاءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي تہ هو اسانکي هتي گهرائي ائين منهن موڙي ويو. هنکي هِن ڳالهہ جي پرواهہ ئي ڪانهي تہ هاڻ اسين گذارو ڪيئن ڪنديونسين.

"سلطان صاحب اسانکي تسلي ڏني ۽ وڃڻ وقت اسانکي بہ سؤ روپيا ڏنائين. اسين هاسٽل موٽي آيونسين.

"هفتي کان پوءِ اسانکي امتحان جا فارم ڀرڻا پيا. اسانکي ڪپڙن جي ضرورت بہ هئي، ڀاءُ تہ صفا وساري وينو هو. اسان هاسٽل جي سپرنٽنڊنٽ کان اجازت ورتي ۽ پٽيوالو ساڻ ڪري وري سلطان صاحب وٽ ويونسين. هو پنهنجي آفيس ۾ هو، اسان کي ڏسي پهرين تي هبڪيو، پر پوءِ خوش دلي ظاهر ڪري ڪيڪاريائين. وٽس هڪ ڇوڪرو وينل هو. اسين ماٺ ڪري ويهي رهيونسين، هو ڇوڪرو سلطان سان ڏاڍو فري هو، ۽ اسان جي هوندي ڏاڍي پي ساڻس ڪيچل ڪيائين. ٻنهين کي انهيءَ ڳالهہ جي بہ پرواهہ نہ هئي تہ اُتي بہ ڇوڪريون بہ وينيون آهن. اسان کي مجبوري هئي، تنهنڪري هن ڇوڪري جي اڳيان ئي اسان پنهنجو مسئلو ٻڌايو. سلطان مدد جو وعدو ڪيو ۽ اُتڻ وقت آهستي سان منهنجي ڪن ۾ چيائين: هرهفتي

وٽس اڪيلي ايندي ڪريان. يعني پيڻ کي ساٽس وٺي نہ اچان. مان ايڏي مجبور هيس، جو سندس ڳالهہ مڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونہ هيم.

”ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بيماريءَ جو بهانو ڪيم، ۽ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو جو چئي، هاسٽل مان ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ورتم. مان سلطان جي گهر پهتس. سلطان جي ڪمري ۾ پهتس تہ اُهوئي چوڪرو موجود هو. سلطان کيس ’جانو‘ ڪري پئي سڏيو. جانو، سلطان سان اهڙي ڪيچل پئي ڪئي ۽ اهڙيون حرڪتون پئي ڪيون، جو مالي مجبورين نہ هجن، ۽ پرديس ۾ هجڻ جو احساس نہ هجي ها تہ مان هڪ سيڪنڊ بہ نہ ترسان ها. پر مان اُتي ويهڻ تي مجبور هيس. مونکي رکي رکي پنهنجي پاءُ تي ڪاوڙ پئي آئي، جنهن انهيءَ اوڙاهہ ۾ اُڇلايو هو، جنهن مان نڪرڻ جو ڪو طريقو اسان وٽ نہ هو.

جانو مون سان فري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، مون اعتراض ڪيو، پر سلطان جي شهہ تي جانو مون سان زوري ڪئي. جانو، سلطان جي ڪمزوري هو، جيڪو جانو مون سان، منهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪيو. اُهو ئي ڪم، هو سلطان جي رضامندي ۽ خواهش تي ساٽس ڪندو هو. مان پنهنجي لاچاريءَ تي ڳوڙها ڳاڙيندي رهيس، ۽ سلطان اکيون ڦاڙي، جانوءَ کي منهنجي مجبوريءَ مان فائدو وٺندي ڏسندو رهيو.

”جڏهن مان وڃڻ لڳس تہ سلطان منهنجي هٿ تي بہ سؤ روپيا رکيا. مونکي ائين لڳو تہ سلطان منهنجي هٿ تي پئسا نہ، بلڪ ٻرندڙ ٽانڊا رکي ڇڏيا. ۽ انهن ٽانڊن نہ فقط منهنجو اندر، بلڪ روح بہ ساڙي ڇڏيو.

”هاڻ مونکي هر هفتي وٽس وڃڻو پوندو هو، ۽ سندس پاليل جي هوس جو نشانو بڻجڻو پوندو هو، هو مونکي وڏيڪ رقم نہ ڏيندو هو، بلڪ ايترا پئسا ڏيندو هو، جو مونکي هفتي بہ هفتي وٽس وڃڻو پوندو هو.

”هڪ ڀيري مان جڏهن وٽانس واپس وڃي رهيس ته سلطان جي زال کي بيٺل ڏٺم. هن مون کان منهنجي پيءُ جي متعلق پڇيو ۽ کيس وٺي اچڻ لاءِ چيو. مان کائنس موڪلائي هاسٽل وڃڻ لڳس ته پٽيوالي جي ڪوارٽر وٽ، هن چيو ته کيس اُڃ لڳي آهي، هو پاڻي پيئندو ۽ مونکي به ڪوارٽر ۾ هلڻ لاءِ چيائين. مون هلڻ کان انڪار ڪيو ته مونکي دڙڪو ڏنائين ته هو هاسٽل سپرنٽنڊنٽ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي، اسان ٻنهين کي هاسٽل مان ڪيرائي ڇڏيندو. لاچار ٿي مونکي ساڻس گڏ وڃڻو پيو، پوءِ هن به منهنجي مجبوريءَ مان فائدو ڪنيو. پوءِ ته هو پيري هو پنهنجي رازداريءَ جي قيمت وصول ڪندو رهيو.

”سلطان جي زال جي چوڻ تي مان فهيم کي به ساڻ وٺي هليس. مان سلطان جي ڪمريءَ ۾ هلي ويس ۽ فهيم سندس زال وٽ ويئي، هر ڀيري وانگر، مونکي ساڳي باهه مان گذرڻو پيو، سلطان ڪرسيءَ تي ويهي سڀ ڪجهه تڪيندو رهيو، ۽ سندس پاليل منهنجي جسم کي چيٿاڙيندو رهيو. هلڻ وقت مون سلطان کان پنج سؤ روپيا گهريا، جيڪي هن مونکي ڏنا.

”هاسٽل موٽي اچڻ تي مون فهيم کان پڇيو ته تو سان ڇا وهيو واپريو. مان اوهانکي اِهو ٻڌائيندي هلان ته مون سان جيڪو ٿي گذريو هو. مون اُهو سڀ ڪجهه فهيم کي ٻڌائي ڇڏيو هو. ڇا ڪاڻ ته اسانجو پيو هوئي ڪير. فهيم ٻڌايو ته جيئن ته سلطان ۾ ڪو حال ڪونهي، تنهنڪري بيگم سلطان اُهو ڪم مونکان ورتو، ۽ ٻه سؤ روپيا به ڏنائين.

”هاڻ اسين ٻئي پينرون سلطان ۽ بيگم سلطان جي گهر جون پوريون ڪنديون هيونسين ۽ هو پئسا ڏيئي اسانجون گهرجون پوريون ڪندا هئا. ۽ پٽيوالو اسانجي مجبوريءَ مان پنهنجي گهرج پوري ڪندو هو. اهڙيءَ طرح اسين بي اي فائنل تائين پهچي ويونسين.

”هڪ ڏينهن سلطان جي گهر وياسين تہ سلطان پنهنجي بدليءَ جي خبر ٻڌائي. اسان اِها خبر ٻڌي هيسجي وياسين. ڇا ڪاڻ تہ سلطان جو گهرئي اسانجو اڪيلو سهارو هو. سلطان اسانکي ڏڍ ڏنو تہ ـــ فڪر نہ ڪريو. جانو اوهانجي پوري مدد ڪندو.

”مونکي جانوءَ سان سخت نفرت هئي، ڇا ڪاڻ تہ اِهو پهريون شخص هو، جنهن منهنجي عزت ورتي هئي. ۽ وري سلطان سان جيڪو هن جو ناتو هو، اهو سوچي تہ ساڻس وڌيڪ نفرت ٿيندي هئي، پر مان ڪري ڇا ٿي سگهيس. سلطان جانوءَ کي اسانجي پارٽ ڪئي، ۽ جڏهن اسين هلڻ لڳيونسين تہ سلطان هزار روپيا ڏنا. جانو اسانکي پنهنجي جاءِ جو ڏس ڏنو.

”اسان بہ حالتن سان ناهہ ڪري ورتو هو. ڇا ڪاڻ تہ انهيءَ کان علاوه اسان وٽ ڪو ٻيو رستو نہ هو. منهنجي ڀيڻ بيگم سلطان وارو نسخو هاسٽل ۾ ڇوڪرين تي آزمائڻ لڳي، ۽ انهيءَ مان هو پنهنجو خرچ ڪڍيو وٺندي هئي. البت مونکي ساڳي راهہ تي هلڻو پيو.

”هڪ ڏينهن، جيڪو موڪل وارو هو، مان پٽيوالو ساڻ ڪري جانوءَ جي گهرَ جي ڳولها ۾ نڪتس. پر پٽيوالي ڇيو تہ پهرين منهنجي گهرج پوري ڪر، پوءِ جانو وٽ وڃ، مونکي پٽيوالي جي ڳالهہ مڃڻي پئي، ڇا ڪاڻ تہ پٽيوالي جي رضامنديءَ کانسواءِ منهنجو هاسٽل مان، ماٺ ميٺ ۾ نڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. تنهن ڪري پهرين هن جي گهرج پوري ڪيم، ۽ پوءِ جانوءَ جي گهر پهتس، هتي جانوءَ جا ٻہ دوست بہ هئا. جانو مونکي پاسيرو وٺي ڇيو، مون وٽ تہ پئسا صفا ڪونهن. توکي انهن ٻنهين کي خوش ڪرڻو پوندو، پئسا اِهي ئي ڏيندا.

نہ ڪريان ها، تہ پئسا ڪٿان اچن ها. هائي ڪرڻي پئي. منهنجي روح تي روهنڊڙا پوندا رهيا، ۽ مان عذاب برداشت ڪندي رهيس.“

هو ماٺ ٿي ويئي. ڳوڙها سندس اکين مان مينهن وانگر وسڻ لڳا.

نعيم جي ڳالهين مونکي جڻ پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو هو، ڪيڏيءَ مهل مونکي سندس بي حس پاءُ تي ڪاوڙ پئي آئي، ڪڏهن سلطان ۽ جانوءَ تي، ڪڏهن پنهنجي حالي تي.

”برداشت جي به هڪ حد هوندي آهي ڊاڪٽر صاحب،“ نعيم خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ”روح ته پهرين ئي ڇيهون ڇيهون ٿي چڪو هو. هاڻ ته جسم به ٽٽيم ٿو. مونکي ننڊ نٿي اچي، ساري جسم ۾ سور اٿم. انهيءَ کان علاوه خوف جدا، ته خبر نه ڪڏهن ڳالهه کلي پوي. هاڻ اِهو سڀ ڪجهه سهڻ کان ٻاهر ٿي ويو آهي.“ هوءَ وري روئڻ لڳي.

”اوهان پريشان نه ٿيو،“ مون چيو، ”اِهو سڀ ڪجهه ٽينشن جي ڪري آهي. اوهانجي ضرورت جي رقم، پرنسپال جي معرفت اوهانکي ملي ويندي. اوهين مهرباني ڪري آئينده لاءِ احتياط ڪجو.“

هن مون سان وعدو ڪيو ۽ هلي ويئي.

مون ڪنهن ٽرسٽ جي پاران، سندن ضرورت جيترو وظيفو جاري ڪرائي ڇڏيو، جيڪو پرنسيپال جي ذريعي کين ملندو رهيو ۽ انهيءَ وقت مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، جڏهن هو بي- اي پاس ڪرڻ کان پوءِ مون سان ملڻ آيون.

١٩٧٠ع ۾، بنگلاديش لاءِ جيڪا هلچل شروع ٿي هئي، تڏهن مون سندن چوڻ تي کين ڊاڪا موڪلي ڇڏيو. مونکي انهيءَ ڳالهه تي اطمينان هو ته مون کين گندگيءَ مان ڪڍڻ ۾ سهارو ڏنو ۽ کين واپس وطن پهچڻ ۾ مدد ڪئي. هاڻ هو پنهنجي وطن ۾ عزت ۽ آبروءَ سان زندگي گذاري سگهندويون. پاءُ ته لاهور وڃڻ کان پوءِ، پينرن يا ماءُ پيءُ جي پڇاءُ ئي نه ڪئي ته اِهي جيئرا به آهن يا مري ويا.

انهيءَ ڳالهه کي گذري به سال ٿي ويا هئا. مونکي نعيم ۽ فهيم وسري

ويون هيون. پراڄ جڏهن اسپتال مان گهر موٽيس، ۽ آيل خط پڙهيم ته بنگلاديش مان آيل خط تي نظر پيم، جيڪو نعيمہ لکيو هو. نعيمہ جو خط پڙهي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. ڇا ڪاڻ ته ڪين ڍا ڪا موڪلي مان خوش ٿيو هوس ته هنن جا ڏکيا ڏينهن پورا ٿيا، پر جڏهن نعيمہ جو خط پڙهيم ته پتو پيو ته هن جون مشڪلون اڃا پوريون ڪونہ ٿيون هيون.

نعيمہ لکيو هو ته بنگلاديش واري خوني انقلاب ۾ سندس پيءُ، ننڍو ڀاءُ ۽ ٻيا مائٽ مارجي ويا هئا. فوجي لباس ۾ وحشين هڪ ڀيرو وري پنهي ڀينرن کي لويو، ۽ پنهنجي حيوان هجڻ جو ثبوت ڏنو. فهيمہ وڏيڪ خوبصورت هئي، تنهن ڪري هنکي پوڳٽو بہ وڏيڪ پيو، ۽ نيٺ ڪيس پنهنجي جان ڏيڻي پئي. پر نعيمہ اِهو ڏڏڪو بہ سهي ويئي. حالتون ڪجهہ سڌريون ته هوءَ پنهنجي بي- اي جي ڊگري کڻي، ماستريءَ جي نوڪري جي ڳولها ۾ نڪتي. پر ڪيس مايوسيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. ماءُ جي بيماري ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري هتي بہ ڪيس ڪيترن ئي 'جانوئن' سان واسطو پيو، جن سندس مجبوريءَ مان پورو پورو فائدو ڪنيو. حالتن نيٺ ڪيس جسم جو سوداگر بڻائي ڇڏيو.

مون نعيمہ جي خط تي هڪ نظر وڌي ۽ سوچيم ـــ ڪاش نعيمہ مونکي اهو سڀ ڪجهہ نہ لکي ها. گهٽ ۾ گهٽ مان ته انهيءَ خوش فهميءَ ۾ هئس ته هاڻ هو ٻئي ڀينر خوش هونديون.

---

# ٻاهر جي دنيا اندر جي دنيا

جڏهن مريم چوٿون درجو سنڌي پاس ڪيو تہ هوءَ ڏاڍي خوش هئي. کيس انگريزي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو، ۽ کيس خبر هئي تہ پنجين درجي کان انگريزي شروع ٿيندي. انگريزي تہ جڏهن شروع ٿئي ٿئي، هن تہ هاڻ ئي شروع ڪري ڇڏي هئي. هن پنهنجي خرچيءَ مان پئسا گڏ ڪري A.B.C وارو ڪتاب وٺي ڇڏيو هو، ۽ اسڪول ۾ کيس، سندس هڪ ساهڙي A.B.C سيکاري بہ هئي.

پر انهيءَ وقت متا نهس جڻ ڪا ڇِپَ ڪري پئي، جڏهن کيس ٻڌايو

ويو ته هنکي وڏيڪ ڪونه پاڙهيو، هوءَ گهٽوئي رُني پٽي ته ڪيس اَنگريزي پاڙهي وڃي، پر سندس ماٽن سندس ہڏي اٿيڏي ڪري چڏي، چو ته هو پردي جا سخت پابند هئا، ۽ چوڪري ذات کي وڏيڪ پڙهائڻ، سا به انگريزي، انهيءَ جا سخت خلاف هئا.

مريم ڪجهه ڏينهن ته رُني، رني، پر ورپس ڪي به ڪين، نيٺ ماٺ ڪري ويئي. ماٽس ڪيس قرآن شريف پاڙهڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سبڻ ۽ پرڻ جو هنر به سيکارڻ لڳي. سندن گهر جو ماحول نهايت صاف سٿرو ۽ پاڪيزه هو. اهڙي ماحول ۾ ئي مريم وڏي ٿيڻ لڳي.

مريم ايجا سورنهن سالن جي ئي هئي ته سندس ماٽن کي سندس شاديءَ جي ڳڻتي ورائي ويئي. ڪين مريم کي پاڙهٽو يا نوڪري ڪرائٽي ته هئي ڪانه، جو بي فڪرا ٿيو وينا هجن. هنن جي خواهش هئي ته نياٽيءَ جو بار لهي ته هو آجا ٿين.

مريم جا مائٽ انهيءَ معاملي ۾ سيا ڳا ثابت ٿيا، جو مريم لاءِ پنهنجي ئي خاندان جي هڪ چوڪري جو سڱ آيو. هن جو نالو ابراهيم هو، ۽ هو مريم جو سڳو سوٽ هو، وڏي چاچي جو پٽ. ابراهيم نه فقط شڪل جو موچارو هو، بلڪ هڪ اعليٰ عهدو به هئس. مريم جي ماٽن يڪدم ئي ها ڪئي. ڪين سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت ئي نه هئي.

ابراهيم جي ماءُ کي، مريم جي ماٽن کان شاديءَ جي وڏيڪ تڪڙ هئي، تنهن ڪري ڳالهه پڪي ٿيڻ جي ٽن مهينن کان پوءِ، شادي ٿي ويئي ۽ مريم پيءُ جو گهر ڇڏي وڃي چاچي جو گهر وسايو.

شاديءَ جا شروعاتي ڏينهن خوشين پريا ٿيندا آهن. مريم لاءِ به سيني اِهوئي سمجهيو ته سندس اهي ڏينهن خوشين ۾ گذريا آهن، چو ته مريم سيني کي اِهوئي محسوس ڪرايو. ائين به ابراهيم جو ورتاءُ هن سان تمام سٺو هو، ۽ ساٽس تمام اخلاق ۽ نرم ورتاءُ سان پيش ايندو هو.

شاديءَ کي ٻه سال ٿي ويا هئا. پر ڪنهن کي به لکا ڪونه پئي ته مريم جي مُرڪ پٺيان، ڪيترا الڙڪ لِڪيا پيا آهن.

شاديءَ جا ٻه سال ته جيئن تيئن گذري ويا. پر جڏهن ابراهيم جي بدلي ٻئي شهر ۾ ٿي ويئي ته هو مريم کي ساڻ وٺي ڪونه ويو. مريم جڏهن ساڻس هلي رهڻ تي زور پريندي هئي ته لاچار ابراهيم کيس هفتي ڏيڍ لاءِ وٺي ويندو هو، پر وري آني بهاني کيس ڇڏي ويندو هو.

گهر ۾ سندن الڳ ڪمرو هوندو هو، پر ابراهيم ماءُ جي ڪمري ۾ سمهندو هو ۽ زال کي الڳ کٽ تي سمهڻو پوندو هو. ابراهيم انهيءَ لاءِ چوندو هو ته ٿوري وقت لاءِ اچان ٿو، امان چاق ڪانه ٿي رهي، تنهنڪري امان جي ويجهو رهڻ گهران ٿو، ته جيئن سندس خدمت ڪري سگهان. هو مريم کي به ماءُ جي خدمت ڪرڻ جي تاڪيد ڪندو هو.

پر مريم سڀ ڄاڻو ٿي. ابراهيم جو ماٺس جي ڪمري ۾ سمهڻ هڪ بهانو هو. کيس پاڻ سان وٺي نه وڃڻ به بهانو هو، ۽ اهي بهانا فقط مريم کان پري رهڻ لاءِ ٺاهيا پئي ويا. شروع ۾ ته مريم سمجهي نه سگهي هئي. کيس ته شاديءَ جي پهرين رات به عجب لڳو هو. جڏهن مڙس جلدي پاسو ورائي سمهي رهيو هو. پر تڏهن هُن سوچيو هو ته شايد ٿڪ اٿس. پر پوءِ ابراهيم هر رات ئي پاسو ورائي سمهي پوندو هو. ۽ هوءَ سڄي رات اکين ۾ گذاري ڇڏيندي هئي، ۽ قسمت جو لکيو سمجهي خاموش رهندي هئي. البت مڙس جو رويو ساڻس ظاهري طور تمام سُٺو هوندو هو، تنهنڪري به هنکي روئڻ جي بدران کلڻو پوندو هو. پر انهيءَ وقت اندر ۾ وڍيون لڳندا هيس، جڏهن ڪو ٻيو يا سسُس کين ٻي اولاد هئڻ جو طعنو ڏيندي هئي. پر تڏهن به مريم کِلي سسُ کي چوندي هئي ته "امان آءٌ الله جي رحمت مان مايوس نه آهيان." سسُ کيس معنيٰ خيز نظرن سان ڏسندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مريم کي شڪ

پوندو ھو تہ سندس سسُ پٽ جي 'حال' کان اڻ ڄاڻ نہ آھي، پر اڻ ڄاڻ ھئڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

مريم کي پنھنجي چاچي جي ھلت تي بہ عجب لڳندو ھو، جنھن کي گھر جي ڪابہ پرواھہ نہ ھوندي ھئي، اڪثر رات جو آدي ڪري گھر موٽندو ھو، ۽ نشن ۾ ٻڏو پيو ھوندو ھو. گھر ۾ ڇا پيو وھي واپري، ڪيس انھيءَ جي ڪابہ ڄاڻ نہ ھوندي ھئي ۽ نہ ئي پرواھہ.

وقت سان گڏوگڏ سسُ جي طبعيت ۾ ڦيرو ايندو ويو. جيتوڻيڪ مريم سندس تمام گھڻو خيال رکندي ھئي، ۽ ڪيس سُس يا چاچي سمجھڻ بدران ماءُ ئي سمجھندي ھئي، پر ھن جي رويو ساڻس ويو سخت ٿيندو.

ھڪ ڏينھن، جڏھن سسڻس وٽ، سندس ڪي ماٽيا ٽيون وينل ھيون، مريم پنھنجي ماٽن وٽ وڃڻ جي اجازت گھُري. پر سسُ ڪيس ڪتو جواب ڏنو. مريم ماٺ ڪري پنھنجي ڪمري ۾ موٽي آئي. ھنکي سمجھہ ۾ نہ پيي آيو تہ ھوءَ ڇا ڪري. مڙس ۾ حال ڪونہ ھو. سھرو گھر کان ئي لاپرواھہ. سسُ جو رويو ساڻس ڏينھون ڏينھن خراب پيي ٿيندو ويو. ماٽن وٽ وڃڻ جي ڪيس اجازت نٿي ملي.

شام جو سُس جون ماٽيا ٽيون واپس ويون ھليون. مريم گھر جي ڪم ڪار کي لڳي ويئي. مڙس شھر کان ٻاھر ھو. مريم جي اندر ۾ اُڻ تڻ متل ھئي تہ ھوءَ سسُ کان ٻيھر اجازت گھُري يا نہ گھري. رات جو نيٺ ھن فيصلو ڪيو تہ ھن وقت سسُ اڪيلي پنھنجي ڪمري ۾ ھوندي، ھوءَ ھڪ ڀيرو وري موڪل گھُري، شايد ڪيس موڪل ملي وڃي.

مريم سسُ جي ڪمري ۾ ويئي. ڪمري جو دروازو بند ھو، ھن در کڙڪايو، ۽ عين انھيءَ وقت، جڏھن مريم در تي ھٿ ھنيو، ڪيس اندران سسُ کان سواءِ ھڪ مڙد جو آواز بہ آيو، جيڪو ھن يڪدم سُڃاڻي ورتو. اُھو آواز گھر جي نوڪر 'منظور' جو ھو. جيئن ئي ھنکي انھيءَ

ڳالهه جو احساس ٿيو، هوءَ ڏڪي ويئي. ڪيس خوف ورائي ويو. هوءَ يڪدم موٽي پنهنجي ڪمري ۾ آئي، ۽ پلنگ تي ليٽي پئي. ٿوري دير ۾ سسُ سندس ڪمري ۾ اچي پهتي ۽ ڪائنس درُ کڙڪائڻ جو سبب پڇيائين. مريم خوف ۾ اچا پيئي ڏڪي، سو گهبراهٽ مان سندس وات آواز ئي نٿي نڪتو. هوءَ مس مس ٻڌائي سگهي ته هوءَ مائٽن جي گهر وڃڻ جي اجازت گهُرڻ آئي هئي. پر سسڻس کي مريم جي ڳالهه تي يقين نه آيو، ڇا ڪاڻ ته هوءَ ٻنپهرن جو اجازت ڏيڻ ڪان انڪار ڪري چُڪي هئي. هنڪي پُڪ ٿي ته مريم جانچ وٺڻ آئي هئي، ۽ هاڻ بهانو پئي بنائي، تنهنڪري کيس دڙڪا ڏنائين ۽ ڌمڪائيندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. اُها سڄي رات مريم روئيندي رهي.

ٻئي ڏينهن ڪان سسُ جو رويو ساڻس اڃا به وڌيڪ خراب ٿي ويو. ۽ منظور کي به ڇڙوا ڳ ڏنائين. ايتري قدر جو هاڻ هن ادب ۽ احترام به ڪرڻ ڇڏي ڏنو. اِهو انهيءَ ڪري جو منظور سندس سسُ جو منظور نظر هو، ۽ سسُ مريم ڪان ناراض هئي.

هڪ ڏينهن منظور بنا سڏڻ جي مريم جي ڪمري ۾ هليو آيو، ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مريم کي اِها ڳالهه ڏاڍي ناگوار لڳي، هن هڪدم منظور کي پنهنجي ڪمري مان نڪري وڃڻ جو چيو. منظور کيس ڪاوڙ ۾ گهوريندو هليو ويو، پر ٿوري دير ۾ هو مريم جي سسُ کي ساڻ ڪري آيو. سسُ ايندي ئي مريم کي چيو ته، ”مريم توکي ڪهڙو حق ٿو پهچي جو تون منظور جي بيعزتي ڪرين. تون يڪدم منظور ڪان معافي گهرُ.“ مريم عجب ۾ سس کي ڏسڻ لڳي. سسُ اکيون ڦوٽاري چيس، ”جيڪڏهن آئينده ڪڏهن منظور جي بيعزتي ڪئي اٿي، ته پٽ کي چئي توکي گهر مان ڪيرائي ڇڏيندس. منظور کي حق آهي ته هو گهر ۾ جتي وڃي، جنهن به ڪمري ۾ وڃي،

ويجي سگهي ٿو.“

هاڻ مريم کي منظور مان ڊپ لڳڻ لڳو، کيس انهيءَ رات واري ڳالهه ياد آئي، جڏهن هو سندس سسُ جي ڪمري ۾ هو، ۽ در اندران بند هو. کيس اِهو خوف هو تہ ڪٿي منظور ساڻس ڪؤنس نہ ڪري، جنهن جو هنکي عادي بڻايو ويو هو.

مريم لاءِ هاڻ هرڏينهن مشڪل کان مشڪل ٿيندو پي ويو. مڙس کيس پاڻ سان رهائڻ لاءِ تيار نہ هو. ماءُ پيءُ جي گهر کيس سسُ ڇڏيو ڪونہ ٿي. هوڏانهن هاڻ مريم کي منظور مان خطرو ٿي محسوس ٿيو. ڇا ڪاڻ تہ هاڻ مريم سڄي ڳالهہ سمجهي چُڪي هئي. منظور فقط گهر جو نوڪر نہ هو، ۽ سندس سسُ جو 'شغل' ڪهڙو هو. ۽ اهو بہ تہ مڙس ۾ تہ حال ڪونہ هو، سسُ چاهيو ٿي تہ مريم بہ منظور سان اُهي تعلقات رکي، جيڪي سندس هئا. پر مريم اِهو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي، تنهن ڪري سسُ روز بہ روز تلخ ٿيندي پئي ويئي.

ڪجهہ وقت گذريو هو، جو هڪ ڏينهن سسُ ڪاوڙ ۾ مريم کي چيو تہ، ”بس، گهڻو برداشت ڪيو اٿم، مونکي ابراهيم جو اولاد گهُرجي، جيڪو منهنجي پُٽَ جو نالو روشن ڪري. ايندڙ سال جيڪڏهن توکي اولاد نہ ٿيو تہ مان پنهنجي پٽ جي ٻي شادي ڪرائيندس.“

مريم سسُ جي نڪ جي ڏاڍائيءَ تي حيران هئي. ڇا ڪاڻ تہ ماءُ کي پنهنجي پٽ جي باري ۾ سموري خبر هئي، پر پوءِ بہ هوءَ سندس اولاد لاءِ گهُرَ ڪري رهي هئي. دل ۾ تہ آيس تہ چئي ڏي ــ پٽ ۾ تہ حال ڪونهي. اولاد ڪٿان ايندو؟

هن سسُ جي مرضي سمجهي ٿي، پر هوءَ منظور کي پنهنجي لڄ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. يلي مڙس وجي ٻي شادي ڪري يا کيس پنهنجي جان ئي ڇو نہ قربان ڪرڻي پوي. پر هوءَ اهو بيحيائي جو ڪم ڪونہ ڪندي.

جڏهن مريم جي شاديءَ کي ٽي سال ٿيا ته ابراهيم جي ماءُ پٽ جي ٻي شادي ڪرائي. مريم رُني رڙي، پر تنهن وقت ماٺ ڪرڻي پيس، جڏهن سندس مائٽن به ٻي شاديءَ جي اجازت ڏئي ڇڏي. سڀئي انهيءَ خيال جا هئا ته مريم مان جڏهن اولاد نٿو ٿئي ته ابراهيم ڀلي ٻي شادي ڪري، مريم جي مائٽن ايترو چيو ته ”مريم کي طلاق نه ڏجو، هوءَ به ساڳيءَ گهر ۾ رهندي.“

ابراهيم جي ٻي شاديءَ کي ڪجهه عرصو گذريو ته هڪ رات سندس ٻي زال رقيه، مريم جي ڪمري ۾ آئي، ۽ کائنس ابراهيم جي باري ۾ پڇڻ لڳي. پر مريم ڪجهه به نه ٻڌايو، ماٺ رهي. رقيه، مريم جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوشيار هئي، ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هنکي سڀ ڪجهه پتو پئجي ويو. هوءَ سسُ کي سمجهي وئي ته هوءَ ڇا ٿي چاهي. هنکي ٻار جي ضرورت هئي، جنهن سان هوءَ پٽ جي ’حال‘ تي پردو وجهي سگهي. تنهن حالتن سان سمجهوتو ته ڪري ورتو، ۽ کيس ٻئي سال ئي پٽ ڄائو.

مريم سمجهيو ته پٽ ڄمڻ تي ابراهيم پنهنجي زال کي گهران ڪڍي ڇڏيندو، وڏو گوڙ شور ڪندو، ڇا ڪاڻ ته پٽ سندس ڪونه هو. پر انهيءَ وقت مريم کي ڏاڍو عجب ورتو، جڏهن هن ڏٺو ته ابراهيم پٽ ڄمڻ تي خوش هو. ماٺس ته خوشين ۾ ماپي نٿي. سندس ڀاڄ رقيه جو گهرُ ۾ مانُ وڌي ويو. هاڻ هوءَ سڄو ڏينهن ٻار کي کنيو ڪٽ تي ويٺي هوندي هئي. گهر جو سڄو ڪم ڪار مريم ڪندي هئي، پوءِ به هر ڪو کيس طعنا هڻندو هو. ۽ هاڻ ته منظور به کيس ڇڙٻون ڏيندو هو. ۽ ابراهيم جو رويو به ساڻس بدلجي ويو هو، ۽ هو کيس رُخ ئي نه ڏيندو هو.

مريم پاڻکي گهر ۾ بلڪل اڪيلو محسوس ڪندي هئي. ساڻس ڪو سولي واتان ڳالهائيندو به ڪونه هو. کيس هر وقت اِهو به ڊپ لڳو پيو هوندو هو ته سندس اڪيلاپ جو ڪڏهن منظور نه فائدو وٺي، ڇا ڪاڻ هاڻ ته سندس پاسو ويترو وڌي ويو هو. کيس هر وقت اِهو به ڊپ

هوندو هو تہ متان سسُ منظور کي چُرچ ڏي. انهيءَ ڏپ مريم جو ذهنيءَ توازن بگاڙي ڇڏيو.

سال کان پوءِ رقعيہ پيوپٽ بہ ٿي چائو. هاڻ تہ مريم لاءِ ويتر جيئڻ جنجال هو. آئي وئي کي اِهو چئبو هو تہ، مريم ۾ ئي ڪو عيب هو، رقعيہ ڪئين نہ هڪ ٻئي جي پٺيان پٽ ڄڻي ڏنا. مريم سڀ ڪجھ ٻڌو ٿي، پر ڪُڇيو ڪونہ ٿي.

هڪ ڏينهن مريم انهيءَ ويچارن ۾، پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي تہ سندس سسُ ڪمري ۾ آئي. مريم حيران هئي تہ اڄ سسُ وٽس ڪيئن آئي آهي. سسُ ڏاڍي قرب سان همدردي ڪرڻ لڳي تہ هوءَ اولاد کان محروم آهي. هن اِهو بہ چيو تہ رقعيہ کي اولاد آهي تہ هوءَ عيش پئي ڪري، ۽ هيءَ جيڪا پهرين زال آهي، ڪيس ائين نظر انداز ڪيو ويو آهي. پوءِ هن ڏاڍي رازداريءَ مان چيو تہ، هاڻ بہ هوءَ ماءُ ٿي سگهي ٿي، ۽ خوشگوار زندگي گذاري سگهي ٿي، هوءَ بہ اِهوئي ڪري، جيڪو رقعيہ ڪري رهي آهي.

مريم ڪيس هٿ ٻڌا تہ ڪيس معاف رکيو وڃي، هوءَ اهڙو ڪريل ڪم نٿي ڪري سگهي. ڪيس پنهنجي حال تي ڇڏيو وڃي.

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ مريم سان سيني جو رويو اڃا بہ وڌيڪ خراب ٿي پيو، ابراهيم رقعيہ ۽ ٻن ٻارن کي وٺي، پاڻ سان ويو هليو. سهرو سڄو ڏينهن گهران غائب رهندو هو، ۽ اڌ رات جو نشي ۾ ٿڙندو ٿابڙندو اچي پئجي رهندو هو. گهر ۾ مريم کان سواءِ هاڻ فقط منظور هوندو هو، جيڪو نوڪر جي ٻدران گهر جو مالڪ بڻيو هلندو هو.

مريم کي گهر جي ماحول کان خوف ايندو هو، ۽ آهستي آهستي هوءَ Paramoid ideas and delussions جو شڪار ٿي پيئي. هن جي ذهن ۾ اهو خوف گهر ڪري ويو تہ ڪيس سندس دشمن مارڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن هوءَ ڪيس ختم نہ ڪندي تہ پوءِ اُهي

مٿانهنس حملو ڪري کيس ماري وجهندا. اهو شڪ نيٺ هن جي ذهن ۾ پڪ جي شڪل وٺي ويو.

اهڙيءَ ذهني ڪيفيت سببان هڪ ڏينهن ٽيهريءَ مهل کيس پنهنجي ڪمري ٻاهران ڪي ڪڙڪا ٻڌڻ ۾ آيا (Hallvcination) کيس پڪ ٿي ويئي تہ کيس مارڻ لاءِ مٿس حملو ٿيڻ وارو آهي. پنهنجي بچاءُ ۾، هن بورچي خاني مان هڪ ڇُري آڻي اڳ ۾ ئي پنهنجي ڪمري ۾ رکي هئي. هن ڇُري کڻي ۽ ڪمري جو در کولي ٻاهر نڪري وئي، ٻاهر ڪير ڪونہ هو. هوءَ سسُ جي ڪمري ۾ گهڙي، سندس سسُ اڪيلي هئي. مريم تي جنون جي ڪيفيت طاري هئي. هن انهيءَ جنون ۾ سسُ تي ڇُري سان حملو ڪري ڏنو. ۽ ايستائين وار ڪندي رهي، جيستائين هوءَ مري نہ ويئي.

مريم کي پوليس گرفتار ڪري ويئي. گرفتاري دوران سندس ذهني بيماري (Schizophrenia) جي تشخيص ڪئي وئي. ان زماني ۾ انهيءَ بيماري جو علاج بجليءَ جي جهٽڪن (E.C.T) سان ڪيو ويندو هو. عدالت کيس گدوءَ جي چرين جي اسپتال اماڻيو، جتي سندس علاج ڪيو ويو، ۽ پوءِ کيس سينٽرل جيل مو ڪليو ويو. ڊاڪٽر بيماريءَ مان عارضي صحتيابي (Temporary Recovery) جو سرٽيفڪيٽ تہ ڏنو، پر اهڙي خاطري نہ ڏني تہ هوءَ عدالت ۾ پنهنجي بچاءُ ۾ بيان ڏيڻ جي سگهہ بہ رکي ٿي.

مريم سڄو ڏينهن جيل جي ڪوليءَ ۾ ماٺ ڪيو ويٺي هوندي هئي، مشڪل سان ئي هوءَ ڪنهن سان ڳالهائيندي هئي. سندس وڪيل جڏهن بہ ڪيس جي سلسلي ۾ ساڻس ملڻ ويندو هو، هوءَ يا تہ ساڻس ملڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيندي هئي، يا چوندي هيس تہ "هوءَ ٻاهر جي دنيا کان، جيل جي هن ڪوليءَ ۾ پاڪي وڌيڪ محفوظ ٿي سمجهي.

# دل جا درد هزار

شازيہ کي ٻنپهرن جو پيٽ ۾ سور پيو هو. هاڻ اڃي رات ٿي هئي، گهر ۾ جيڪي دوائون هيون، اُهي هن کي ڏنيون ويون، پر سُور گهٽجڻ جي بدران ويتر ويو ٿي وڌندو. شازيہ جو پيءُ سيٺ ڪريم گهر ۾ موجود ڪونہ هو، شازيہ جي ننڍي ڀيڻ فاريہ جڏهن ڏٺو تہ ڀيڻ جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿيندي پئي وڃي، تہ هن هڪ وڏي ڊاڪٽر کي فون ڪئي، جيڪو سندس پيءُ جو چڱو واقف هو. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو تہ هو گهرن تي ڏسڻ نہ ايندو آهي. پر جڏهن فاريہ روئڻهار کي لهجي ۾ چيو،

”ڊاڪٽر صاحب منهنجي پيڻ جي طبيعت تمام گهڻي خراب آهي“ تہ ڊاڪٽر اچڻ تي تيار ٿي ويو.

ڊاڪٽر جڏهن در تي پهتو تہ فاريہ کيس در تي ملي، ۽ ڊاڪٽر کي وٺي شازيہ جي ڪمري ۾ ويئي. فاريہ جڏهن ڊاڪٽر کي شازيہ جي ڪمري ۾ وٺي وڃي رهي هئي، تہ ڊاڪٽر جي نظر اُتي بيٺل هڪ نوجوان تي پئي، جيڪو اُتي بيٺو هو. ڊاڪٽر فاريہ ڏانهن ڏٺو، فاريہ ڊاڪٽر جو مقصد سمجهي ويئي ۽ چيائين، ”هنڪي اسان جو پاڇو چوندا آهن. پر مون هن کي اوهان وٽ موڪلڻ کان بهتر سمجهيو تہ اوهانکي فون ڪريان.“

شازيہ پيٽ جي سور کان لُڇي پي. ڊاڪٽر شازيہ کان سندس پيٽ جي سور جي باري ۾ تفصيل پي ورتو تہ فاريہ هٻڪندي ڊاڪٽر کي چيو، ”ڊاڪٽر صاحب، مان ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿي.“

ڊاڪٽر نظرون کڻي فاريہ ڏانهن ڏٺو، جيڪا سامهون ڪنڌ جُهڪايو بيٺي هئي. ڊاڪٽر ڪجهہ دير فاريہ جي ڳالهائڻ جو انتظار ڪيو، پر جڏهن ڏنائين تہ فاڙيہ ڪُجي ڪونہ ٿي تہ چيائين، ”امان اوهان ڪجهہ چوڻ پئي چاهيو. مهرباني ڪري چئو، ڇا ٿا چوڻ گهرو.“

فاريہ ڪنڌ مٿي ڪونہ ڪنيو، وري بہ هٻڪندي هٻڪندي چيائين، ”دراصل شازيہ کي ٽن مهنن جو پيٽ آهي.“

ڊاڪٽر حيران ٿي ويو، ڇو تہ سيٺ ڪريم کي سُڃاڻن جي ڪري کيس خبر هئي تہ سندس ٻنهين ڌين جي شادي ٿيل ڪانهي. ڊاڪٽر لکيل دوائن کي ڪٽيندي فاريہ کي چيو، ”امان، بهتر آهي تہ ڪنهن ليڊي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، خاص طور تي گائنا ڪالا جسٽ کي.“

”ها ڊاڪٽر صاحب،“ فاريہ نماڻائيءَ سان چيو، ”اسين ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ڪوہ مري وڃڻ وارا آهيون. اُتي ڪنهن ليڊي ڊاڪٽر کي

ڏيڪاربو، اوهان کي گذارش اِها آهي تہ اوهان کي اهڙيون دوائون ڏيو جو تيستائين سور جهلجي وڃي.“
ڊاڪٽر سور جي عارضي روڪ لاءِ ڪجهہ دوائون لکي ڏنيون، ۽ وڃڻ لاءِ اٿيو. جڏهن هو شازيہ جي ڪمري مان ٻاهر نڪتو تہ اُهو نوجوان ڇوڪرو ايجا ساڳي جاءِ تي ويٺو هو. ڊاڪٽر هڪ نظر هن تي وڌي ۽ گهر کان ٻاهر نڪري آيو.

سيٺ ڪريم کي ٻہ ڌيئرون هئيون، شازيہ ۽ فاريہ. فاريہ، شازيہ کان ٻہ سال ننڍي هئي. سيٺ ڪريم جي زال پاڻ سان تمام گهڻي دولت آندي هئي. دراصل سيٺ ڪريم، سيٺ ئي زال جي پئسن سان ٿيو هو. شازيہ ۽ فاريہ جڏهن جوان ٿيون تہ سندن ماءُ بيمار ٿي پئي. گهڻو ئي سندس علاج ڪرايو ويو، پر هوءَ چاق نہ ٿي، نيٺ بيماريءَ وگهي گذاري ويئي. سيٺ ڪريم کي پنهنجي زال يا ڌيئرن جي ڪا پرواهہ نہ هئي، نہ ئي کيس زال جي مرڻ جو ڪو ڏک ٿيو، کيس تہ فقط زال جي ملڪيت وٺندي هئي.
زال جي بيماريءَ جي دوران ئي، سيٺ ڪريم وڃي شراب ۽ ڪباب ۾ پيو، ۽ سندس تعلق هڪ ٻي مائي سان ٿيو. جنهن جو پهريون مڙس مري چڪو هو، مائيءَ کي انهيءَ مڙس مان هڪ ڇوڪرو نديم هو، جيڪو هاڻ جوان ٿي چڪو هو. جنهن کي ڊاڪٽر انهيءَ گهر ۾ ويٺل ڏٺو هو. مائيءَ سان سيٺ ڪريم خبر نہ نڪاح ڪيو هو يا فقط ويهاريل هئس، پر سيٺ ڪريم سيني کي اِهو ٻڌايو تہ هِن هُنَ سان گهٽا ڏينهن اڳ نڪاح ڪيو هو. ڪڏهن ۽ ڪٿي؟ اِها ڪنهن کي بہ خبر ڪا نہ هئي.
شازيہ، فاريہ جي ماءُ کي مُئي ايجا گهڻو وقت نہ ٿيو هو، جو سيٺ ڪريم هن مائيءَ کي آڻي ڌيئرن سان گڏ رهايو. مائيءَ جو پٽ رهندو تہ جدا هو

پر ماءُ سان ملڻ اڪثر ايندو رهندو هو. شازيہ ۽ فاريہ جيئن تہ ڪيس پياءُ ئي سمجهنديون هيون، تنهنڪري هُن سان ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ فري ٿي ويون. پر هُن فري ٿيڻ جو ناجائز فائدو کڻڻ چاهيو، ۽ ڪيترا پيرا نازيبا حرڪتون ڪيون. سيٺ ڪريم تہ پنهنجي عيش عشرتون ۾ مشغول هوندو هو، ۽ ڌيئرن کان بلڪل غافل. شازيہ، فاريہ، پنهنجي ماٽيجي ماءُ کي سندس پُٽ جي دانهن ڏني، پر هن بڌو اڻ بڌو ڪري ڇڏيو، پاڻ چيائين، ”منهنجو پٽ اهڙو ڪونهي. توهان هنُن سان سڙو ٿيون.“

هڪ ڏينهن جڏهن فاريہ پنهنجي ساهڙيءَ وٽ ويل هئي، ماٽيجي ماءُ ڪنهن مائٽ جي گهر ۽ سيٺ ڪريم حسب معمول گهر ۾ نہ هو، شازيہ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي تہ نديم اچي ويو، شازيہ نديم کي پنهنجي ڪمري ۾ ڏسي ڇرڪ پريو، نديم چپن تي هلڪي مُرڪ آڻي چيو، ”ڇو شازيہ، مون سان ناراض آهين ڇا؟“

”تون منهنجي ڪمري ۾ ڇو آيو آهين؟“ شازيہ ڪاوڙ ۾ پڇيو، ”انهيءَ جي معنيٰ تہ تون واقعي ڪاوڙيل آهين.“ نديم شازيہ جي ڳالهہ کي نظر انداز ڪندي چيو، ۽ وڌي شازيہ جي پلنگ جي ڪنڊ تي ويهي رهيو.

شازيہ جيڪا پلنگ تي اڌ ليٽل هئي، گهبرائجي اُٿي ويهي رهي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، ”مون توکي چيو تہ منهنجي ڪمري ۾ ڇو آئين. ۽ تون بيحيائي ڪري منهنجي پلنگ تي ويهي رهيو آهين. مان چوان ٿي اُٿ ۽ وڃ.“

نديم وري بہ چپن تي مُرڪ آندي ۽ ڪجهہ اجابہ شازيہ ڏانهن وڌي وڃي ويٺو ۽ چيائين، ”مان تنهنجي ڪاوڙ لاهڻ آيو آهيان. اڄ تہ پاڻ سمجهوتو ڪري ونون. پلا مان ڏاريو تہ ڪونہ آهيان.“

شازيہ تپ ڏيئي پلنگ تان اُٿي، ۽ ڊوڙي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي. پر انهيءَ کان اڳ جو شازيہ ڪمري مان نڪري ها، نديم اُچانگ ڏيئي وچي دروٽ بيٺو.

”هٽ هتان.“ شازيہ رڙ ڪئي.

”رڙين ڪرڻ جي ضرورت ناهي، گهر ۾ هن وقت ڪير بہ ڪونهي. اڄ تہ پاڻ ۾ نہ ڀي وچون.“

نديم در بند ڪري، اندران ڪڙو ڏئي ڇڏيو. شازيہ ايڏي گهبرائجي ويئي جو هن کان رڙ بہ نہ ڪئي ويئي. نديم وڌي اچي ڪيس قابو ڪيو ۽ گهليندو اچي پلنگ تي سٽائين. شازيہ گهڻا ئي هٿ پير هنيا، پر پنهنجي عزت لٽجڻ کان بچائي نہ سگهي.

جڏهن فاريہ ڪمري ۾ گهڙي تہ ڪمري ۾ اونداهہ هئي، هن سڏ ڪيو، ”شازيہ.“ پر ڪيس ڪو جواب نہ مليو. هن بجليءَ جو بٽڻ آن ڪيو ۽ ڪائنس دانهن نڪري ويئي. شازيہ جنهن حالت ۾ پئي هئي، اها حالت ڪوبہ ڏسي ها تہ ڪائنس دانهن نڪري وڃي ها. هو وڌي شازيہ جي پرسان آئي ۽ پلنگ تي ٿي ويٺي. شازيہ جو منهن وهاڻي ۾ هو، فاريہ زور ڏيئي، شازيہ جو منهن پنهنجي پاسي ڪيو تہ هوءَ روئي رهي هئي. فاريہ. شازيہ جا ڪپڙا ٺيڪ ڪيا.

فاريہ کي جڏهن سموري ڳالهہ جي خبر پئي تہ هوءَ تپي باهہ ٿي وئي، ۽ جڏهن ماٽيجي ماءُ آئي تہ پٽس جي افعالن جي دانهن ڏنائين. پر ماٽس شرمسار ٿيڻ جي بدران، اُلٽو فاريہ کي ئي دڀائڻ لڳي، ”منهنجي پٽ کي ڏوهہ نہ ڏي. هن جو ڪهڙو ڏوهہ. هو تہ نوجوان ڇوڪرو آهي. توهان ئي ڪيس پنهنجي ڄار ۾ ڦاسايو آهي. اڄ جڏهن گهر ۾ ڪير نہ هو تہ شازيہ ئي موقعي کان فائدو کنيو هوندو ۽ هاڻ ڳالهہ کُلي وڃڻ جي ڊپ کان، الزام وري منهنجي پٽ تي هٽي ڇڏيو.“

فاريہ ماٺ ڪري موٽي آئي. پٽس کي چوڻ مان تہ ڪو فائدو نہ هو، ڇو

تہ هنکي ڏيئرن جي بلڪل بہ پرواهہ نہ هئي، ۽ ٻيو اِهو تہ جيئن زال چوندي، هو انهيءَ تي اعتبار ڪندو.

مريءَ ۾ شازيہ، فاريہ ۽ سندس ماٽيجي ماءُ مهينو رهيون. سيٺ ڪريم بہ ساڻس ويو هو، پر ڪاروبار جي ڪري هفتي کان پوءِ موٽي آيو. ماٽيجي ماءُ، شازيہ کي اُتي هڪ ليڊي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، ۽ اتي ٻئي ٻار کي ضائع ڪري، پوءِ تئي واپس وريون.

موٽي اچڻ تي فاريہ تہ ضد ڪري وڃي هاسٽل ۾ رهي، ۽ شازيہ پنهنجي گهر جي بدران مامي جي گهر رهڻ لڳي. شازيہ جي ماروٽ سندس ئي عمر جي هئي ۽ سندس ساهڙي پڻ هئي. شازيہ سندس ئي ڪمري ۾ رهڻ لڳي.

هڪ رات ڳالهيون ڪندي، سندس ماروٽ، شازيہ جي پلنگ تي هلي آئي، ۽ شازيہ کي چنبڙي پئي. شازيہ کي ٿوري دير لاءِ آئين لڳو تہ سندس ماروٽ ڪا ڇوڪري نہ بلڪ نديم آهي. پر هوءَ نديم نہ، بلڪ سندس ماروٽ هئي، ۽ هن مان ڪيس ڪو ڊپ ڊاءُ نہ هو. ۽ پوءِ هوءَ ماروٽ جي رنگ ۾ رنگجي پئي.

هڪ ڏينهن شازيہ پنهنجي ماروٽ زبيده کان پڇيو، "زبيده، توکي اِها عادت ڪڏهن کان پئي، ۽ ڏي ڪنهن؟"

"بابا." زبيده جواب ڏنو.

"ڇا!" شازيہ کان رڙ نڪري وئي.

"صحيح پئي چوان." زبيده بي فڪريءَ سان جواب ڏنو.

"تون ماما تي الزام پئي مڙهين." شازيہ ڪاوڙ ۾ چيو.

"ڪا بہ ڌيءَ، پنهنجي پيءُ تي الزام هڻي نٿي سگهي. مون جيڪو ڪجهہ چيو آهي صحيح چيو آهي."

پوءِ زبيده تفصيل سان ٻڌايو، "هڪ ڏينهن بابا شراب پي آيو ۽ اچي

منهنجي ڪمري ۾، پلنگ تي ليٽي پيو. مون ڪو اعتراض نہ ڪيو، جو سو چيم تہ پيءُ آهي، ننڊ ي هوندي بہ تہ ساڻس گڏ سُتي هيس. مونکي ننڊ اچي ويئي هئي جو بابا کي وحشي ٿيندي محسوس ڪيم، مون گهڻو ئي پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پنهنجي عزت بچائي نہ سگهيس. ۽ پوءِ هر رات مون سان بابا اِهائي ڪار ڪندو هو. هاڻ تہ هن مونکي ڪٿي جو نہ ڇڏيو آهي. هاڻ تہ زندگي ائين ئي گذارڻي پوندي.“

زبيده جي ڳالهين، شازيہ کي ڏونڌاڙي وڌو هو. هن تہ سمجهيو هو تہ نديم ڏاريو هو، تنهن ڪري سندس عزت لُٽيائين. پر هوءَ اِهو سوچي بہ نٿي سگهي تہ ڪو پيءُ ايترو بہ ڪري سگهي ٿو. هن فيصلو ڪري ورتو تہ هوءَ سياڻي پنهنجي گهر موٽي ويندي. جنهن گهر ۾ ڌيءَ جي عزت پيءُ لُٽي ٿو، اُتي هوءَ ڪئين ٿي بچي سگهي. هن زبيده کي بہ اِهو ٻڌائي ڇڏيو تہ هوءَ سياڻي پنهنجي گهر هلي ويندي.

شازيہ جي زبيده سان اِها آخري رات هئي، تنهنڪري زبيده اِها سڄائي ڪرڻ پي گهُري. اوچتو اڌ رات جو سندن ڪمري جو دُر کليو، ۽ بتي ٻري، سامهون شازيہ جو مامو، زبيده جو پيءُ بيٺو هو. ٻئي اهڙي حالت ۾ هئيون جو اُٿي نٿي سگهيون، ڪمبل ڇڪي مٿان وڌائون. زبيده جو پيءُ وڏي وٺن آيو، ۽ ڇڪي مٿائن ڪمبل لاهي ورتائين. ۽ پوءِ زبيده کي ٻانهن کان وٺي، ڌڪو ڏيئي ڪمري مان ڪڍي ڇڏيائين. ۽ پاڻ شازيہ کي چنبڙي پيو. شازيہ گهڻوئي ڦٿڪي، پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڇڏائي نہ سگهي ۽ مامي جي درندگيءَ جو نشانو بڻجي ويئي.

شازيہ کي اندر ۾ پهرين ئي خرابي ٿي ويئي هئي، ٻئي پيري سان خرابي ايجا وڌي ويئي، ۽ هوءَ تمام گهڻي بيماري ٿي پئي. وري ساڳئي ڊاڪٽر کي گهرايو ويو. شازيہ ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي. ڊاڪٽر ڪجهہ

ٽيسٽون ڪرائڻ لاءِ چيو، دوائون لکي ڏئي هليو ويو.

ٽيسٽن جي رپورٽ ڏسڻ کان پوءِ ڊاڪٽر ٻڌايو ته آپريشن ٿيڻ ضروري آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شازيه جو آپريشن ٿيو. پر اپريشن ٿيڻ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، هڪ رات جيئن شازيه سُتي ته وري نه اُٿي.

---

# اندر ۾ اوڙاهي

اج جڏهن واندو ٿيس. ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ آيس ته رات جا سوا ڏهه ٿيا هئا. مون کي عجب لڳو، مون ڀانيو هو ته اج مان جلدي واندو ٿي ويو آهيان. پر ڪمري ۾، گهڙيءَ ۾ سوا ڏهه ڏسي پتو پيم ته هي ته روزوارو ئي وقت آهي.

مان روز ڪلينڪ مان اٺين وڳي اُٿندو آهيان. روز مان ايترن مريضن کي ٽائم ڏيندو آهيان، جو رات جو اٺين وڳي فارغ ٿي وڃان. پر ڪڏهن ڪڏهن اٺ کان وڌيڪ به وقت لڳي ويندو آهي، جو ڪي اوچتا مريض

اچي ويندا آهن، جنکي ضروري ڏسڻو پئجيو وڃي.

اڄ مان انهن کان ڪجهه اڳ ئي واندو ٿي چڪو هوس. ڪي اهڙا دوست ۽ دل گهريا آهن، جنکي سندن گهر وڃي ڏسندو آهيان، تنهن ڪري گهر پهچندي پهچندي سادا نوَ پوڻا ڏهه لڳيو ويحن.

اها منهنجي عادت آهي تہ مان روز ڊائري لکندو آهيان، ۽ خاص واقعن کي نوٽ ضرور ڪندو آهيان. اهڙيون نہ چاڻ ڪيتريون ڊائريون، نہ چاڻ ڪيترن اهم ۽ خاص واقعن سان ڀريون پيئون آهن. ڪڏهن انهن ڊائرين مان، ڪا ڊائري ڪڍي پراڻن واقعن کي پڙهندو بہ آهيان. اڄ بہ مون هڪ ڊائري ڪڍي، جيڪا ڪافي سال اڳ جي هئي. پنا اٿلائيندي، هڪ پني تي نظر ڄمي پئي. انهن پنن تي مون جيڪو واقعو لکيو هو، اهو فقط واقعو ئي ڪونہ لکيو هو، بلڪ انهيءَ کي مون ڪهاڻيءَ جي صورت ڏني هئي.

ڳالهہ حيدرآباد جي آهي. صفيہ ۽ اياز جي. ٻنهين جو تعلق حيدرآباد جي معزز ۽ پراڻي خاندانن سان هو. ٻئي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ ڪو ايجو ڪيشن هوندي هئي. ٻئي ڏاڍا سهڻا هئا، ۽ ٻئي فيشن ايبل بہ. فيشن جڻ شروع ئي هنن کان ٿيندو هو. تقريري مقابلن ۾ بہ هميشہ انهن ٻنهين کي موڪلبو هو، ۽ هي سدا ئين کٽي ايندا هئا.

شايد انهن سيني ڳالهين، جن ۾ هڪجهڙائي هئي، هنن ٻنهين کي، هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. اِها ويجهڙائي پهرين نوٽس جي مٽا سٽا تي ٿي. پوءِ انهن نوٽس تي بحث مباحثي جي بهاني، ڪين اچا بہ ويجهڙائپ ميسر ٿي.

اياز، صفيہ جي سونهن ۽ ذهانت کان اڳ ۾ ئي متاثر هو، ۽ هاڻ صفيہ بہ اياز کان آهستي آهستي متاثر ٿيڻ لڳي. پوءِ ٻنهين جي دل هڪ ٻئي جي

لاءِ ڏڙڪڻ لڳي. ڪڏهن جيڪڏهن پنهنجي ماءُ کي ڪو هڪ ڪاليج نه ايندو هو ته پيو پريشان ٿي ويندو هو، ته نه چاڻ ڇو غير حاضري ٿي آهي.

ڪلاس روم کان ٻاهر يا ته اڪثر لائبريريءَ ۾ ويجهي ويهندا هئا، جتي ڪتاب پڙهڻ جي بدران هڪ ٻئي جي نظرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، يا ڪيفي ۾، جتي چانهن يا ٿڌي جا ڍُڪ ڀرڻ سان گڏوگڏ پيار جا ڍُڪ به ڀريندا هئا.

سندن پيار جي خوشبو سڄي ڪاليج ۾ پکڙجي ويئي هئي، سيئي سندن پيار جو ذڪر ڪندا هئا، پر هنن کي ڪنهنجي به پرواهه نه هوندي هئي. هنن جي پيار ۾ خلوص هو. هو ٻين جي ڳالهين ڏانهن توجه ئي نه ڏيندا هئا.

هنن پاڻ ۾ اِهو طي ڪري ڇڏيو هو ته بي-اي ڪرڻ کان پوءِ، هو پاڻ ۾ شادي ڪري وٺندا. اياز، صفيه کي اِهو يقين ڏياريو هو ته هو چڱي نوڪري هٿ ڪرڻ کان اڳ ئي پنهنجي پيءُ کي، سندس سڱ گهرڻ لاءِ سندس مائٽن ۾ موڪليندو. اياز کي انهيءَ ڳالهه جو ڏک هو ته سندس ماءُ، پٽ جي خوشي ڏسڻ کان گهڻو اڳ ئي گذاري ويئي هئي.

صفيه به اياز جي انهيءَ ڳالهه سان متفق هئي، پر کيس ڊپ هو. ڇو ته کيس خبر هئي ته پٽس ڏارين ۾ نياڻين جي شادي ڪرائڻ جي خلاف هو، هڪ ڏينهن ته صفيه، پنهنجي ڪُنن سان ٻڌو، پٽس ماٽس کي چئي رهيو هو، "مان نياڻين کي خاندان ۾ ئي پرڻائيندس. مان نياڻين کي ڏارين ۾ ڏيڻ جي سخت خلاف آهيان. ڏارين جو پتو ئي نٿو پوي. پنهنجا ته پنهنجا آهن. پراون ۾ پرڻائجي ته ته سندن ڏک سور جو پتوئي نٿو پوي. نياڻيون ويچاريون ڪُڇن ڪو نه. پنهنجن ۾ هونديون ته سڀ خبر ته هوندي."

صفيه کي اِها به خبر هئي ته ماءُ جي، پيءُ جي اڳيان ڪجهه به نٿي هلي.

پڻس نہ فقط پراڻي خيالن جو ھو، بلڪ نھايت ضدي بہ ھو. تنھنڪري ماءُ، سندس پيءُ کي ڪجھ نہ چوندي آھي.

صفيہ کي اھا تہ پڪ ھئي تہ پيءُ ٻاھر رشتو ڏيڻ ڪو نہ قبوليندو، پر ھن اياز کي اھا ڳالھہ ٻڌائڻ نہ پي گُھري، تہ متان اياز بد دل ٿي پوي. صفيہ اھو بہ سوچيو ھو تہ ايجا تہ وقت پيو آھي، ۽ شايد پڻس سمجھائڻ سان سمجھي وڃي، اياز کي ڏسي ۽ سندس خاندان جي باري ۾ پتو پوي تہ راضي ٿي وڃي، ڇو تہ اياز ھر لحاظ کان آئيڊيل نوجوان ھو، سندس خاندان بہ سٺو ھو. ٿي سگھي ٿو تہ سندس پيءُ مڃي وڃي.

بي- اي جا امتحان آيا ۽ ٿي گذري ويا. اياز ۽ صفيہ تمام گھڻي محنت ڪئي ھئي. امتحانن کان ڪجھہ پھرين ۽ امتحان ٿي وڃڻ کان پوءِ، جڏھن ڪاليج بند ھئا، اياز ۽ صفيہ پاڻ ۾ ملي ڪو نہ سگھيا ھئا. البت سينٽر ساڳيو ھئڻ ڪري، امتحانن جي ڏينھن ۾ ٿوري دير لاءِ ملاقات ٿي ويندي ھئن. صفيہ جي گھر وارا ڪجھہ وڌيڪ ئي پراڻي خيالن جا ھئا، تنھن ڪري صفيہ کي بنا ڪنھن ڪارڻ جي گھران نڪرڻ جي اجازت نہ ھئي. تنھنڪري اياز سان ملڻ جو سوال پيدا نٿي ٿيو.

ٽن چئن مھينن کان پوءِ بي- اي جو رزلٽ کُليو. اياز ۽ صفيہ ٻئي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيا. پنھنجي منھن ٻئي ڏاڍا خوش ٿيا، پر خوشي پاڻ ۾ ونڊي نٿي سگھيا. جيئن تہ ھنن پھرين ئي فيصلو ڪري ورتو ھو تہ بي- اي ڪرڻ کان پوءِ شادي ڪندا سين. تنھنڪري اياز سوچيو تہ ھو پيءُ سان اِھا ڳالھہ ڪري. ھن وقت کيس ماءُ ڏاڍي پي ياد آئي، جيڪڏھن ھوءَ جيئري ھجي ھا تہ شايد سندس مشڪل آسان ٿي وڃي ھا، شايد ھوءَ پڻس کان ميحرائي وٺي ھا. اياز جو، پيءُ کي چوڻ بہ ھڪ مسئلو ھو. ڇو تہ جڏھن کان ماءُ مُئي ھئي، پڻس جي ڪن خراب ماڻھن سان دوستي ٿي ويئي ھئي، جن سان ھو روز رات جو شراب جون محفلون سجائڻ لاءِ،

انهن دوستن وٽ ويندو هو، ۽ اڌي ڪري موٽندو هو. هن کي هر رات شراب ۽ عورت جي ضرورت هئي. موٽڻ وقت هو پنهنجي هوش ۾ نہ هوندو هو، جو ساڻس ڪا ڳالهہ ڪجي. ڏينهن جو پٽس پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ مشغول رهندو هو، ۽ ڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن، سانجهيءَ تائي، اياز کي پيءُ گهر ۾ مِلي ويو. هو پنهنجي دوستن ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. اياز همت ڪري پيءُ جي ڪمري ۾ ويو. پٽس کيس ڏسي ڪجهہ حيران ٿيو، ڇا ڪاڻ تہ اياز اتفاق سان ئي سندس ڪمري ۾ ايندو هو. ڪيتري دير تہ اياز ڳالهہ ڪرڻ جو سَتُ ئي ساري نہ سگهيو، پر پوءِ پوري سگهہ گڏ ڪري، پٽس کي چيائين تہ هو صفيہ سان شادي ڪرڻ ٿو گهري.

پٽس جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ اکين مان چڻ اُلا ٿي نڪتا. پر اياز اِهو ڏسي نہ سگهيو هو، ڇو تہ پٽس جو منهن ٻئي پاسي هو. نہ تہ شايد هو پنهنجي ڳالهہ جاري نہ رکي سگهي ها.

اياز صفيہ جي سونهن جي بہ تعريف ڪئي، ۽ سندس قابليت جي بہ، سندس سُٺي خاندن جي باري ۾ ٻڌايو. ۽ اهو بہ تہ هو صفيہ کي چاهي ٿو. جڏهن اياز ڳالهہ ڪري پوري ڪئي تہ پٽس مڙي کيس ڏٺو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، ”توکي همت ڪيئن ٿي اِها ڳالهہ ڪندي. توکي خبر ڪانهي تہ اسان ۾ شادي خاندان ۾ ڪندا آهن، ۽ تنهنجي مڱيندي بہ ويٺي آهي. سا بہ منهنجي ڀاءُ جي ڌيءُ، تنهنجي سوٽ.“

انهيءَ کان اڳ جو اياز وڌيڪ ڪجهہ چئي، پٽس ٻاهر هليو ويو. پٽس جي اهڙي ڪُٺي جواب تي بہ اياز همت نہ ڇڏي. گهڻي سوچڻ کان پوءِ هن کي هڪ حل سُجهيو، سندس ڪاليج جو هڪ استاد کيس ڏاڍو ڀائيندو هو. اياز وٽس ويو، ۽ پنهنجي مسئلو ٻڌائي، اياز کيس چيو تہ جيڪڏهن هو سندس پيءُ کي صفيہ جي شرافت، قابليت ۽ اعليٰ خاندان جي هجڻ جو يقين ڇڱي نموني سان ڏياري تہ شايد پٽس اها ڳالهہ قبول ڪري وٺي.

اُستاد کي اِها ڳالهہ ڏکي تہ لڳي، پر اياز جي زور ڀرڻ ۽ سندس خوشيءَ خاطر آمادگي ڏيکاريائين.

اياز کي وري روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو نظر آيو. هڪ ڏينهن اُستاد اياز جي پيءُ سان ملڻ آيو، ۽ اياز جي پيءُ کي صفيہ جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌائين، ۽ زور رکيائين تہ اياز جي شادي صفيہ سان ڪري. دنيا ترقي ڪري ويئي آهي. اِها تائين پراڻن ريتن رسمن تي هلڻ عقلمندي ڪانهي.

اياز جي پيءُ، اياز جي اُستاد کي تہ سهڻي نموني انڪار ڪري ڇڏيو. پر پٽ تي ڏاڍو ڪاوڙيو. هنکي انهيءَ ڳالهہ تي وڌيڪ ڪاوڙ هئي تہ اياز جي چوڻ تي، هڪ ڌارين ماڻهوءَ سندن ذاتي مسئلي ۾ دخل ڏنو آهي. اياز جي پيءُ کي پنهنجي خاندان تي ايڏو ناز هو، جو هو ٻي هر خاندان کي پاڻ کان گهٽ ڪري سمجهندو هو، هن اياز کي صاف طور چئي ڇڏيو تہ هو مغز مان اِها هوا ڪڍي ڇڏي. هو ڪنهن بہ صورت ۾ صفيہ سان شادي ڪرڻ جي ڪيس اجازت نہ ڏيندو.

اياز کي پيءُ جي ڳالهہ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. پيءُ سدائين سُٺي خاندان، وڏي خاندان جون ڳالهيون ڪندو هو، پر پاڻ اُهي ڪم ٻي ڪيائين، جيڪو ڪو بہ شريف نہ ڪندو. خواب دوست، روز شراب ۽ روز عورت ڇا خانداني ماڻهو اِهوئي سڀ ڪجهہ ڪندا آهن؟

۽ تڏهن ئي هن ۾ پيءُ کان، خاندان کان بغاوت پيدا ٿي، هن صفيہ کي هڪ خط لکيو:

صفيہ،

اميد تہ خوش هوندين.

هاڻ تہ گهڻو عرصو ٿي ويو آهي، پاڻ ملي نہ سگهيا آهيون. هاڻ تہ ڪاليج وڃڻ بہ ڪونہ ٿو ٿئي، جو اُتي ملي سگهجي. مون بابا سان پنهنجي شاديءَ جي ڳالهہ ڪئي. مون بابا کي تنهنجي قابليت ۽ خاصيتن بابت

تفصيل سان ٻڌايو. مون ڪيس اهو به ٻڌايو ته مان توکي پسند ڪريان ٿو، ۽ فقط توسان شادي ڪرڻ گهران ٿو.

پر بابا جا اُهي دقيانوسي خيال ته شاديءَ پنهنجن ۾ ڪبي. پوءِ ڀلي پنهنجون سيئي جاهل ڇو نه هجن. بابا پنهنجو آخري فيصلو ٻڌائي چڪو آهي. هاڻ پاڻکي آخري فيصلو ڪرڻو آهي. تنهنجا مائٽ به پراڻي خيالن جا آهن. ظاهر آهي ته هو به پنهنجي شاديءَ لاءِ رضامند نه ٿيندا. تنهنڪري هاڻ منهنجي آڏو هڪ ئي حل آهي، ۽ اُهو حل آهي پنهنجي مرضيءَ سان شاديءَ ڪرڻ. انهيءَ کان اڳ جو اسانکي ڪنهن اوڙاهه ۾ اُڇلايو وڃي، پاڻ پنهنجي زندگي، پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ لاءِ نڪري هلون. مونکي اُميد آهي ته تون مون سان متفق ٿيندين ءَ. شاديءَ کان پوءِ مائٽن کي پرچاڻ ڪو گهڻو ڏکيو مسئلو نه ٿيندو.

تنهنجو اياز

اياز خط ته لکيو، پر صفيه کي پهچائجي ڪئين. انهيءَ سوچ ۾ به ٽي ڏينهن گذري ويا. سوچي سوچي نيٺ اياز جي ذهن ۾ هڪ ترڪيب آئي. هو ڪاليج جي پٽيواليءَ وٽ ويو، جنهن کي عام طور تي 'ماسي' چوندا هئا. اياز ڪجهه پئسا ڏيئي هنکي خط پهچائڻ تي راضي ڪري ورتو.

صفيه کي جڏهن اياز جو خط مليو ته هوءَ خط پڙهي پريشان ٿي ويئي. ايتري وڏي قدم کڻڻ جي هن ۾ همت نه هئي ۽ مائٽن جي عزت جو به کيس خيال هو. هن ايازکي لکي موڪليو ته تڪڙ ڪرڻ جي ضرورت

ناهي، ڪجهہ انتظار ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ ڳالهہ کي ٿئي اڃا ڪجهہ ئي وقت گذريو هو، جو هڪ ڏينهن صفيہ جي ماءُ کيس ٻڌايو تہ سندس لاءِ پاڻٽي جو رشتو آيو آهي، جيڪو وڏو شاهوڪار آهي. صفيہ اعتراض ڪيو تہ هوءَ پڙهيل لکيل آهي، جڏهن تہ سندس پاڻٽيو صفا جاهل آهي، اهڙي شخص سان هوءَ ڪين ٿي شاديءَ ڪري سگهي.

پر تڏهن صفيہ کي ڏاڍو عجب لڳو، جڏهن خبر پيس تہ سندس رشتو ماٽس جي پاڻٽي سان پڪو ٿي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ رشتي تي پٽس کي ڪو بہ اعتراض نہ هو.

هاڻ صفيہ لاءِ ٻہ رستا هئا، يا تہ هوءَ ماءُ پيءُ جي رضا تي راضي رهي ۽ جاهل ماروٽ سان شاديءَ ڪري. يا اياز جي ڳالهہ تي عمل ڪري. هن انهن ٻنهين ڳالهين تي گهڻو غور ڪيو. پر پوءِ هن پوين ڳالهہ تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڇو تہ هڪ جاهل سان شادي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار نہ ڪري سگهي. هنکي اِهو خيال بہ هو تہ هوءَ اياز کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. نيٺ هن پنهنجي فيصلي تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پنهنجي هڪ رازدار ساهڙيءَ جي معرفت اياز کي پنهنجي رضامنديءَ کان واقف ڪرايو.

اياز، صفيہ جي نياپي پهچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو. صفيہ وٽان ايترا ڏينهن جو جواب نہ آيو هو تہ اياز، صفيہ مان مايوس ٿي ويو هو. اياز پنهنجي ڪن دوستن سان صلاح ڪئي، ۽ انهيءَ استاد کي، جيڪو پٽس وٽ اياز لاءِ ويو هو، کيس صفيہ جي سرپرستيءَ لاءِ چيو. استاد پهرين تي انڪار ڪيو، پر پوءِ اياز جي تمام گهڻين منٿن کان پوءِ راضپو ڏيکاريو.

هڪ رات صفيہ جي ڪنهن ساهڙيءَ جي شادي هئي. صفيہ ماٽس سان گڏ شاديءَ ۾ ويئي. پر شاديءَ جي هُل هنگامي ۾، انهيءَ رازدار ساهڙيءَ

سان چپ چپات ۾، انهيءَ گهر مان نڪري، ٻاهر بيٺل ڪار ۾ چڙهي، جنهن ۾ اياز ويٺل هو، ۽ اياز جي دوست جي گهر هلي ويئي.
ٻئي ڏينهن دوستن ۽ استاد جي موجودگيءَ ۾ نڪاح جي رسم اداٿي، ۽ ٻيون به سيئي قانوني ضرورتن کي پورو ڪيو ويو، ته جيئن اڳتي هلي ڪو مسئلو پيش نه اچي.
استاد جو هڪڙو فليٽ ڪراچي ۾ خالي پيو هو، جيڪو هن عارضي طور تي اياز کي رهڻ لاءِ ڏنو.

ٻئي ڏينهن اياز ۽ صفيه ڪراچي هليا ويا ۽ انهيءَ فليٽ ۾ رهڻ لڳا. ڪراچي ۾ ايندي شرط اياز نوڪريءَ جي تلاش ۾ لڳي ويو. اياز وٽ ايترو ڪجهه هو جو هو مهيني تائين آرام سان وقت گذاري سگهيو ٿي. ۽ اياز کي مامن جو سهارو به هو. اياز جا ٻه ماما هئا، جيڪي پيٽوي ۽ خاندان جي ناراضگي سبب اياز جي نڪاح ۾ ته نه ويا، پر هر قسم جي مدد جو يقين ڏياريون.
صفيه جو، ساهريءَ جي گهران اهڙيءَ ريت غائب ٿي وڃڻ ڪري، صفيه جي ماءُ پيءُ مٿان جڻ چپ ڪري پئي. عزتدار ماڻهو هئا، دنيا کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهيا هئا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هنن کي به خبر پئجي ويئي ته صفيه اياز سان شاديءَ ڪئي آهي. پر هاڻ هو ڪري ڇا ٿي سگهيا، ماٺ ڪري ويهي رهيا. ٻئي پاسي جڏهن اياز جي پيءُ کي خبر پئي ته هو ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ شراب ڏانهن ڪجهه وڌيڪ مائل ٿي ويو.
اياز جي ڏُڪَ ڊوڙ کان پوءِ، هنکي نيٺ هڪ خانگي اداري ۾ نوڪري ملي ويئي. پر پگهار گهٽ هئس. ۽ جڏهن هن صفيه سان گهٽ پگهار جي ڳالهه ڪئي ته صفيه ڪيس مُرڪي جواب ڏنو:
”ڪهڙو فرق ٿو پوي، پاڻ آهيون به ته ٻه ڄڻا. فليٽ جي مسواڙ به پاڻکي اجا ٿوري ڏيڻي پوندي، جو سائين اسان سان خاص رعايت ڪئي

آهي. سچي مهيني جي رٿابندي ڪنداسين ۽ انهيءَ حساب سان خرچ هلائينداسين. الله مالڪ آهي، سُٺي نوڪري به ملي پوندي.“

”۽ هڪ ٻئي ڳالهه به.“ اياز جي چهن تي شرير مُرڪ ڦهلجي ويئي.

”اُها ڪهڙي؟“ صفيه اٽڪاٽائي ۾ پڇيو.

”ٻار به پئدا نه ڪبو.“ اياز، صفيه کي ڀاڪر پائيندي چيو. صفيه شرمائي ڏنو.

هن واقعي اولاد ٿيڻ به نه ڏنو. جيتوڻيڪ شاديءَ کي ٽئي تي سال ٿي ويا هئا ڇا ڪاڻ ته ٻار ٿيڻ سان خرچ وڌي ويجي ها. ۽ اياز کي سخت ڳولهه جي باوجود به چڱي نوڪري ملي نه سگهي هئي. اياز جو هڪ دوست دبئي جي هڪ سُٺي فرم ۾، نوڪري منجهه هو. اياز هنکي برابر نوڪريءَ لاءِ لکندو رهندو هو، ۽ هو به سدائين جواب ۾ لکندو هو ته هو ڪنهن چڱي نوڪريءَ جي تلاش ۾ آهي، جڏهن به ڪا نوڪريءَ جي جاءِ خالي ٿي ته هو کيس سڏائي وٺندو.

۽ هڪ ڏينهن اياز کي اهو خط مليو، جنهن جو هو زماني کان انتظار ڪري رهيو هو. اياز جي دوست دبئيءَ مان کيس خط لکيو هو ته هو دبئي اچي، هڪ جاءِ خالي ٿي آهي.

هاڻ اياز لاءِ مسئلو صفيه جو هو، دبئي في الحال هو کيس وٺي نٿي ويجي سگهيو، ۽ اڪيلو ڪراچيءَ ۾ ڇڏي نٿي سگهيو.

اياز پنهنجي مامن سان صلاح ڪئي، جن کيس صلاح ڏني ته بهتر آهي ته هو پيءُ وٽ ويجي، آخر پيءُ آهي، کيس معاف ڪري ڇڏيندو، هن کيس اِهو به چيو ته بهتر آهي ته هو صفيه کي سندس ماٽن وٽ وٺي ويجي. صفيه جي ويڃڻ کان پوءِ، سندس ماءُ بيمار ٿي پئي آهي. هو جيڪڏهن وٺي ويندا ته هو ضرور کين معاف ڪري ڇڏيندا.

اياز جڏهن صفيه سان اِها ڳالهه ڪئي ته هو ڏاڍي خوشي ٿي، هن جي دل ۾ پڻ ماڻهن سان ملڻ جي خواهش تمام شديد هئي.

پر اياز کي نه پنهنجي پيءُ سان سامهون ٿيڻ جي همت پئي ٿي، ۽ نه ئي صفيه اهڙي همت ساري پئي سگهي. اياز جي مامن ۽ ڪجهه دوستن پنهنجي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه چوري. پهرين ته ٻئي ڪاوڙيا، اياز ۽ صفيه تي چوهه چنڊيا پر مائٽ هئا، نيٺ ملڻ تي تيار ٿي ويا. صفيه جي پيءُ اِهو شرط رکيو ته اياز ڪانئس معافي گهُري. جيتوڻيڪ ڏوهه ۾ صفيه به شامل هئي.

اياز جڏهن اِهو شرط ٻڌو ته يڪدم تيار ٿي ويو. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ اياز صفيه کي ساڻ ڪري، صفيه جي ماڻهن وٽ ويو، ۽ سُهري ڪان پيرين پئي معافي ورتائين. سسُ کي به پيرين پيو. صفيه ساڻن ملي ته ماٽس اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

انهيءَ کان پوءِ اياز، صفيه کي وٺي پنهنجي پيءُ وٽ ويو. پي پهرين ته ڪاوڙيو، پر پوءِ ننهن جي مٿي تي هٿ رکيائين. ۽ ٻئي ڏينهن پٽ ۽ ننهن سان گڏ، ننهن جي ماڻهن جي گهر مانيءَ تي به ويو.

اياز پيءُ کي ٻڌايو ته هو ڪجهه ئي ڏينهن ۾ دبئي ويندو ۽ ٽن چئن مهينن کان پوءِ صفيه کي پاڻ وٽ گهرائي وٺندو. پيءُ پنهنجن عيش عشرتن ۾ ايترو مشغول رهندو هو، جو پٽ جي ملڪ مان وڃڻ تي ڪيس ڪو اُلڪو نه ٿيو.

صفيه جي ماڻهن جي خواهش هئي ته، صفيه اهو عرصو سندن گهر رهي. اياز به پنهنجي پيءُ جي افعالن کان باخبر هو، هنجو خيال به اهو هو ته صفيه پنهنجي ماڻهن وٽ رهي. چو ته سندس گهر ۾ فقط پيءُ آهي، جيڪو آڌيءَ رات جو گهر ۾ گهڙندو آهي. ۽ باقي آهن نوڪر. پر صفيه، جنهن کي اياز جي پيءُ ۽ سندس خاندان وارن ايترو وقت قبوليو نٿي، هن سُهري سان گڏ رهڻ کي ترجيح ڏني. هن جو چوڻ هو ته هو سُهري سان رهي،

سُهري جي خدمت ڪري سگهندي. صفيہ جي اهڙي مرضي ڏسي اياز بہ انهيءَ جي حامي ڀري.

نيٺ اياز جي ويڃڻ وارو ڏينهن بہ آيو، اياز کي صفيہ سان پري ٿيڻ جو ڏک تہ هو. پر هنجي اڳيان هڪ سهڻو مستقبل هو. هنکي آسرو هو تہ جلدي ئي هڪ خوشگورا زندگي گذارڻ جي قابل ٿي ويندا.

اياز سيني کان موڪلائي دبئي پهتو، اياز جو دوست ڪنهن ڪنسٽرڪشن فرم ۾ سُٺي عهدي تي هو، ۽ سندس آفيس ۾ چڱو اثر رسوخ هو. انهيءَ جي باوجود اياز کي نوڪري ملڻ ۾ پورو مهينو گذري ويو.

اياز کي بہ ساڳي فرم ۾ هڪ چڱي نوڪري ملي ويئي، ۽ اياز تمام محنت سان ڪم ڪرڻ لڳو. فرم جو مئنيجر اياز جي محنت ۽ قابليت جي ڪري جلدي مٿس مهربان ٿي پيو. هن اياز کي يقين ڏياريو تہ ٿن مهينن جي آزمائشي مُدي گذرن کان پوءِ، کيس رهڻ لاءِ جاءِ، ۽ زال لاءِ ويزا ملي ويندي، مئنيجر چيو تہ اِهو فرم جو قاعدو آهي، نہ تہ هو ڪائنس ايترو مطمئن آهي، جو يڪدم گهر ۽ ويزا ڏيس ها. اياز ٽيسٽائين دوست وٽ رهندو هو. جيستائين آزمائشي مدو پورو ٿئي ۽ صفيہ اچي. اياز هنکي وڌ ۾ وڌ خط لکندو هو تہ جيئن هوءَ مطمئن رهي، اياز خطن ۾ ايندڙ خوشگوار زندگي، ۽ خوشين جي باري ۾ لکندو هو. موٽ ۾ صفيہ بہ کيس پيار ۽ خوشين ڀريا خط لکندي هئي، ۽ کيس همٿ ڏياريندي هئي.

اوچتو صفيہ جي خطن مان اياز کي مايوسي محسوس ٿيڻ لڳي. خطن ۾ نراسائي، زندگيءَ جون محروميون ۽ زندگيءَ کان بيزارگي جو ذڪر ملڻ لڳس. اياز پهرين تہ پريشان ٿيو. پوءِ سمجهيائين تہ سندس پري رهڻ ڪري ۽ اڪيلائيءَ سبب شايد هوءَ زندگيءَ کان ايتري بيزارگيءَ

جو اظهار ڪري رهي آهي. يا شايد بيمار آهي، پر پنهنجي بيماريءَ جو ذڪر مون سان نٿي ڪري ته متان مان پريشان ٿيان.

صفيہ تي ڇا پيو وهيو واپريو، انهيءَ جي اياز کي ڪا بہ خبر نہ هئي. بلڪ هو اِهو سوچي بہ نٿي سگهيو. اياز جي وڃڻ کان پوءِ، مهينو کن تہ صفيہ لاءِ تمام سٺو گذريو. اياز جو پيءُ پوري هفتي جو خرچ هنڪي ڏيئي ڇڏيندو هو. هفتو پوري ٿيڻ تي بہ هفتي جو. وڏيڪ ڪا ڏيکھ نہ ٿيندي هئي. سهُرو ساڳيو اَڌيءَ رات جو گهر ۾ گهڙندو هو، نوڪر پهرين هليا ويندا هئا، رات جو در صفيہ ئي کوليندي هئي. هڪ بہ پيرا هن سُهري کي، ڪيس گهوريندي ڏٺو. ڪيس ائين لڳو تہ ڄڻ سندس سُهري جون نظرون سندس جسم جي اندر گهڙي ويون آهن. پر پوءِ هن اِهو خيال ئي پنهنجي دماغ مان ڪڍي ڇڏيو، ڇو تہ سُهرو بہ پيءُ جي برابر آهي، ڪيس اهڙي ڳالهہ سوچڻ بہ نہ گهرجي.

هڪ ڏينهن جيئن ئي هوءَ سُهري لاءِ در کولي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي، تہ ڏٺائين سهرو سندس ڪمري ۾ گهڙي آيو آهي. هوءَ اٿي ويهي رهي، ۽ ڊپ ۾ سُهري کي ڏسڻ لڳي. سُهرو ڏانهنس وڌندو پي آيو، هو شراب جي نشي ۾ ٿڙيو ٿي پڙيو پي. ۽ او چتو هُن صفيہ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ چيائين، ”تو منهنجي پٽ کي مونکان ڦري ورتو آهي. هو مونکي ڇڏي هليو ويو. هن منهنجي پاڻ تي ڇڏي ڏني، جيڪا هاڻ سڄي ڄمار ڪنواري ويٺي هوندي. ۽ تون ڪنوار بڻي آهين. مان توکي انهيءَ جي سزا ضرور ڏيندس.“

صفيہ گهٽيون ئي رڙيون ڪيون، ”چاچا مان توهانجي ننهن آهيان، توهان جي پُٽ جي زال آهيان. مان توهانجي ڌيءَ آهيان. مون تي رحم ڪريو.“

پر سُهري جي اڳيان سندس وس نہ هليو، ۽ سُهري پنهنجي ئي ننهن جي

”اياز، مونکي پَڪَ هئي تہ تون مون تي ئي شڪ ڪندين. تون ڀلي مون تي يقين نہ ڪر. پر اِها حقيقت آهي، جيڪا مون توکي ٻڌائي آهي. مون تہ جيئرو رهڻ نٿي گهريو. پر سوچيم توکي نہ ٻڌائيندس تہ تون مونکي ئي ڏوهاري سمجهندين. هاڻ منهنجي پيٽ ۾، تنهنجي پيءُ جو ٻار پيو پلجي. پر مان هنکي پاليندس ڪونہ، مان جيئري نہ رهندس. مان جيڪڏهن جيئري رهيس تہ اهو راز بہ راز نہ رهندو. مونکي پنهنجو انت آڻڻو ئي پوندو.“

اِهو سڀ ڪجهہ ٻڌي اياز آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو. هو سوچي بہ نٿي سگهيو تہ سندس پيءُ ايترو بہ ڪِري سگهي ٿو. هن جو مغز ڦرڻ لڳو، هو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

صفيہ چيو، ”اياز، شايد توکي اڃا بہ منهنجي ڳالهين تي يقين نہ آيو هوندو، هاڻ رات ٿي آهي، اڄ رات جو تنهنجو پيءُ موٽندو. پوءِ شايد تون پاڻ بہ حقيقت اکين سان پسي سگهين.“

اياز ڪُڇيو ڪونہ، ٻاهر نڪري ويو، ۽ ڪو تيز اُوزار کڻي پاڻ سان، وري اچي ڪمري ۾ ويهي رهيو. پر هن پيري سامهون نہ ويٺو، ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو تہ جيئن ٻاهران ايندڙ جي نظر يڪدم مٿس نہ پوي.

اڌ رات ٿي ويئي هئي، اياز اُتي ئي ڪنڊ ۾ ويٺو هو. صفيہ پلنگ تي چپ چاپ ليٽي پئي هئي. اياز ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌو. هو سمجهي ويو تہ پٿس هوندو. پٿس ٿڙندو ٿاٻڙندو ننهن جي ڪمري ۾ آيو، اڃا نُنهن جي مٿان جهڪيو ئي هو تہ اياز اُٿيو ۽ پٿس طرف وڌيو. کڙڪو ٻڌي پٿس ڪنڌ ورائي ڏٺو. پٽ کي ڏسي نشو ئي لهي ويس. پٽ جي هٿ ۾ چاقو ڏسي ڏڪي ويو، سمجهي ويو تہ ننهن سڀ ڪجهہ پٽ کي ٻڌائي ڇڏيو آهي، ٻي ڪا وات نہ ڏسي، پٽ جي اڳيان هٿ ڪٺي جوڙيائين، ”پٽ

مونکي معاف ڪر، مان تنهنجو خطا وار آهيان، پر پوءِ بہ تنهنجو پيءُ آهيان. تون مونکي معاف ڪر.“ هو پٽ جي پيرن تي ڪري پيو. پر اياز تي خون سوار ٿي چڪو هو، هن جي اکين مان نفرت منجهان نسورا باهہ جا اُلا پي نڪتا. هن قدمن ۾ پيل پيءُ جي پٺن ۾ زور سان چاقوءَ جو وار ڪيو، ۽ ايڏو زور ڏنائين تہ چاقو ويجي دل جي اندر لڳو. پٽس اُتي ئي، ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏنو.

جڏهن اياز ڏٺو تہ پيءُ مري چڪو آهي تہ چاقو ڪڍي، رت هاڻي چاقوءَ سان ٿاڻي پهتو، ۽ ٻڌايائين تہ هن پنهنجي پيءُ جو خون ڪيو آهي. سبب ٻڌايائين تہ ملڪيت تان جهيڙو ٿيو آهي، ۽ پٽس جي ڪائنس لاپرواهيءَ ڪري.

انهيءَ رات صفيہ بہ ننڊ جو گهٽيون گوليون کائي پنهنجو انت آندو تہ جيئن راز، راز ئي رهي.

اياز تي صفيہ جي ٻڌايل ڳالهہ جو، ۽ پيءُ کي قتل ڪرڻ جو اڳ ۾ ئي ڏاڍو اثر هو، وري جو اوچتو صفيہ جي موت جي خبر پيس تہ هوش حواس مان نڪري ويو. ۽ جڏهن ڪيس ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون تہ هو صحيح طرح ڳالهائي نہ سگهيو، تنهنڪري ڪيس دماغي علاج لاءِ چريـن جي اسپتال موڪليو ويو.

مون ڊائري بند ڪري وهاڻي جي پرسان رکي، ۽ پلنگ تي ليٽي پيس، مان سوچڻ لڳس تہ اياز هاڻ ڪٿي هوندو، مون تہ ڊائريءَ منجهہ ايتروئي لکيو هو. نہ ڄاڻ اياز کي ڦاسي آئي، يا اڃا چرين جي اسپتال ۾ آهي، يا نہ ڄاڻ آزاد ٿي ويو.

مون سوچيو، هن ڀيري حيدرآباد ويندس تہ اياز جي پڇا ضرور ڪندس.

# منهنجي ڊوسٽ سچ چيو هو

## پڇاڙي

منهنجي پياري-

خدا ڪري جتي بہ هجين خوش ۽ آباد رهين. آءٌ بہ ڪيڏو نہ بدقسمت اِنسان آهيان، جو سڪون جي تلاش ۾ گذريل ويهن سالن کان رُڃن ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان. ۽ ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري سگهيو آهيان. آءٌ- جيڪو هميشہ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ اعتبار رکندڙ هوس، پر حالات

هاڻي مونکي تقدير جو قاتل بنائي ڇڏيو آهي، مون پنهنجي زندگيءَ کي خوشگوار بنائڻ لاءِ ڪيتريون ڪوششون ۽ تدبيرون ڪيون، پر ناڪامي منهنجي پلئه پئي.

مِني، مَرّدن کي روئڻ نه سونهين، اهو فطرت جي خلاف آهي. پر مرّد به آخر پٿر جا بُت ته ڪونهن !- پندرنهن سال اڳ مون دل کولي رُنو هو. تڏهن مونکي پيار ۾ پهرين ناڪامي تي هئي. ۽ آءٌ انهيءَ لاءِ بلڪل تيار نه هوس. پر شروعاتي ذهني پريشاني ۽ صدمي تي پنهنجي شخصي همتّ ۽ استقامت سان قابو پائي ورتم ـــ انهيءَ وقت آءٌ جوان هوس. جسماني ۽ ذهني طور تي پنهنجي جذبن ۽ خواهشن کي اندر جي اُونهاين ۾ دفن ڪري، پيو رُخ اختيار ڪيم، جيڪو منهنجي طبيعت جي قطعي خلاف هو. انهن رستن جو واٽهڙو ٿيس، جن کان نفرت هئم. جذبن، خاص ڪري زخميل جذبن جي وهڪري کي نئون موڙ ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. انهيءَ لاءِ پنهنجي اصولن ۽ عادتن جي قرباني ڏيڻي پئي. نئين موڙ ۽ نئين ماحول ۾ پاڻکي جذب ڪرڻو پيو. شروع ۾ ذهن ۽ ضمير سخت مخالفت ۽ ملامت ڪئي. پنهنجي آدرشن جو پنهنجي هٿان خون ٿيندو ڏسي، رتُ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳس. پر منهنجي حالت هڪ هارايل جواريءَ وانگر هئي ۽ مونکي هارايل موڙي واپس وٺڻ لاءِ هڪ پيرو وري ڪوشش ڪرڻي هئي. مون وٽ وڏيڪ داءُ تي لڳائڻ جا اسباب - جواني - جذبا ۽ همت جي صورت ۾ موجود هئا ۽ اهو ڇڙو ڇڙ ٿي ويل سرمايو ڪنو ڪري، هيڪر بازي جيتڻ لاءِ تيار ٿيڻو هو. اُميد تي جهان زنده آهي. آءٌ هڪ بلڪل نئين دنيا ۾ داخل ٿيس، جنهن لاءِ مونکي نه ذوق هو ۽ نه شوق. اها دنيا مون لاءِ زهر هئي، پر نندين نندين وزنن ۾ زهر به امرت جو ڪم ڏيندو آهي. لڳاتار ڏهه سال انهيءَ ماحول ۾ رهيس، پر انهيءَ جو جَز بنجي نه سگهيس. اهو رستو ته فقط زنده رهڻ لاءِ ذريعو (scape goat) هو، ۽ نه منزل. منهنجي منزل منهنجي سامهون

هئي ۽ فقط هڪ ساٿيءَ جي ضرورت هئي، جنهنجي ملندي ئي هن ماحول کي خيرباد ڪرڻ ايا منهنجي وس ۾ هو.

اهو وقت هو جڏهن تون منهنجي زندگيءَ ۾ اڻ لکي تيزيءَ سان گهڙي آئينءَ. آءٌ ڊڄي ويس. تو ۾ اهي سڀ صلاحيتون موجود هيون، جنجي مونکي گهرج هئي. منهنجي زندگيءَ جي حقيقت کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ مونکي تنهنجي رفاقت شدت سان محسوس ٿي. آهستي آهستي قدم وڌايم. انساني ڪمزوريءَ کي مدنظر رکندي، توکي ذهني طور تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پاڻکي انهيءَ ماحول (جنهن مان هاڻي تنگ اچي چڪو هوس) مان آزاد ڪيم. زندگي وري خوشين جا خواب ڏيکارڻ لڳي ۽ انهن بهارن جي اميد تي پنهنجي چمن ۾ عجيب ۽ غريب خيالي بوٽا ۽ گل لڳايم. بي رقت خزان جي ڊپ کان طرح طرح جا اُپاءُ ڪيم. پنهنجي هارايل بازي جيتڻ لاءِ جلدي بازي کان پاسو ڪيم. مستقل مزاجي ۽ پڪائيءَ سان سڀ سرمايو ڪٺو ڪري، هڪ نئي داءُ ۾ پنهنجي وڃايل موڙي هٿ ڪرڻ لاءِ رٿون سوچيم. سيڪجهه رٿيل منصوبي مطابق ٿي رهيو هو ۽ پنهنجي خوشقسمتيءَ تي نازان ٿي، مشڪندو پنهنجي ڪاميابيءَ جا ڏينهن ڳڻڻ لڳس. آخر اهو وقت به اچي ويو، جڏهن پنهنجي پوري عقل، هوش ۽ قوت سان ڀرپور داءُ لڳايم، پر ذهي قسمت! زندگيءَ جي ٻي ٽڪر ۾ به شڪست کاڌم. شڪست. ناقابل فراموش ۽ ناقابل برداشت. اڄ منهنجو اها حال آهي، جهڙو ڪنهن هارايل جواريءَ جو، جنهن پنهنجي سارو سرمايو هڪ نئي داءُ ۾ ختم ڪيو هجي ۽ وري هنکي راند جي ميدان تي وڃڻ جو نه حوصلو، نه همٿ ۽ نه ئي وسيلا هجن.

اڄ وري پندرنهن سالن کان پوءِ خوب رُنس. فرق فقط ايترو آهي ته اڳي جواني، جذبات ۽ بلند حوصلي سان صدمي کي برداشت ڪرڻ جي

قوت هئي ۽ زندگيءَ کي نئين موڙ تي آڻي زنده رهي سگهيس. پر هاڻي ايتري همت نه آهي. پنهنجي لاءِ نئين راه ڳولهي لهڻ مشڪل آهي، ۽ پنهنجي اڳئين دنيا ۾ موٽي وڃڻ ناممڪن. هن وقت آءٌ Dead end تي بيٺو آهيان. نه منزل - نه راهه. حسرتون منهنجو تعاقب ڪري رهيون آهن ۽ اميدون مون کان سؤ ڪوهه دور. هاڻي گذريل وقت جون يادون ۽ آئيندي جا ارمان منهنجو سهارو آهن.

اڄ آءٌ پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪونه ٿو چوان. قدرت شايد مونکي اِهو ڏينهن ڏسڻ لاءِ زنده رکيو هو. منهنجو پنهنجو پاڻ مان، عورت ذات مان ۽ خود خدا مان به اعتبار نڪري چڪو آهي. مونکي توسان پيار آهي ۽ هميشه رهندو. جيڪڏهن منهنجي ناچيز زندگيءَ جي ڪا گهڙي ۽ رت جو ڪو ڦڙو به تنهنجي ڪم آيو، ته پاڻ کي خوشنصيب سمجهندس.

پر پياري، جيڪي تو مونسان ڪيو، سو توکي نه ڪرڻ گهربو هو. انهيءَ طرح ڪنهن کي بي موت مارڻ ۽ زنده قبر داخل ڪرڻ مناسب نه هو. مان ايڏي وڏي سزا جو مستحق نه هوس. تو ائين ڇو ڪيو؟ تو مونکان ڪهڙو انتقام ورتو؟ مونکي انهيءَ سوال جو جواب نٿو ملي! جڏهن اسين هر خطري جو مقابلو ڪري منزل مقصود تي بلڪل پهچي ويا هئاسون، تڏهن هي ڪهڙو طوفان آيو، جنهن منهنجي ڪشتيءَ کي وچ سير ۾ لوڙهي ڇڏيو؟

پياري، آءٌ اڃا زنده آهيان، پر مُئلن کان بدتر حالت ۾. خدا ٿو ڄاڻي، توسان ايترو ته پيار اٿم، جو اِهو ممڪن ئي نٿو لڳي ته توکي ڏسڻ کان سواءِ مري به سگهندس. تنهنجو ۽ منهنجو دنيوي رشتو ته ٽٽي چڪو آهي، پر مرڻ گهڙيءَ تائين تنهنجو نالو منهنجي دل، دماغ ۽ زبان تي حاوي رهندو. تون شايد هينئر محسوس نه ڪندينءَ ته تو ڪهڙي بي بها هيري جي بيقدري ڪري، هنکي اُڇلائي ڦٽو ڪيو، پر منهنجي دعا آهي ته شل توکي وسريل هُجان.

مون کي هاڻي زنده رهڻ جي ڪا بہ تمنا ڪانهي. سچ پچ اها هڪ جذباتي آرزو ڪانهي، پر هڪ تلخ حقيقت آهي. زندگيءَ جو قيمتي حصو گذري چڪو آهي، پر مونکي ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيو. تون مونکي ملي نہ سگهينءَ، انهيءَ ۾ تنهنجو ڏوهہ ڪونهي، منهنجي بدقسمتي جي ستم ظريفي تہ ڏس! دل ڪولي روئي بہ نٿو سگهان تہ متان منهنجا لڙڪ ۽ آه زاري اجايو ڪنهن کي شڪ ۾ وجهن ۽ توتي ڪو آگُر کڻي يا بيوفائي جو الزام ڏي. ها، البت هڪ تمنا ضرور اٿم. توکي ڏسان ۽ پوءِ اکيون ۽ وات هميشہ لاءِ بند ٿي وڃن، جيئن توکي ڪا شڪايت يا ميار ڏيئي نہ سگهن.

باقي هاڻي آءٌ ڇا ڪريان؟ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. نئين زندگي شروع ڪرڻي آهي. ڪٿان ڪريان؟ ڪيئن ڪريان؟ ڪيڏانهن وڃان؟ ڪجهہ معلوم نہ آهي.! فقط هڪ التجا آهي، مونکي ۽ منهنجي 'يادن' کي بلڪل وساري ڇڏ. ائين جو انهنجو 'پاڇو' بہ توتي نہ پوي. اڄ آءٌ تقدير ۽ پاراتي جو قائل آهيان. ڪنهن دوست ناراض ٿي هڪ ڀيري مونکي چيو هو: "ياد رکجانءِ، ڪو وقت ايندو جو تون بند ڪمري ۾ رُئندين، رڙندين ۽ دانهون ڪندين، پر توکي ڪو بہ ٻڌڻ وارو نہ هوندو ۽ نہ پرچائڻ وارو." ڪيترو نہ سچ چيو هو، منهنجي دل گهرئي دوست!

## ڪهاڻي

هنجا قدم بي اختيار ڪلب ڏانهن مُڙيا. شراب فقط خوشيءَ جي خوراڪ ٿي نہ آهي، پر غم مِٽائڻ وارو ساٿي بہ آهي.
هن بار (Bar) ۾ پهچڻ سان چؤطرف نظر ورائي. طرح طرح جا چهرا هنکي نظر آيا. ڪي دنيا جي ڏکن کان بي پرواهہ پنهنجي رنگ رلين ۾ رُڌل، ڪي اڪيلا، ڪنڊ پڪڙيو، پنهنجي من مستيءَ ۾ مگن. هنکي

انهيءَ ماحول ۾ گهُٽ محسوس ٿيڻ لڳي. دل چاهيس ته ڀڄي وڃي دنيا جي اهڙي گوشي ۾ پناهه وٺي، جتي ڪير نه ڪو ڏسڻ وارو هجي، ۽ نه ئي سڃاڻڻ وارو، هُو دل کولي روئي سگهي.

هنجي همت جواب ڏيئي ويئي. هو ٿڪل قدمن سان، چپ چاپ هڪ اڪيلي ڪُنڊَ ۾ وڃي ويٺو، ۽ آبدار ڪي ڊبل وسڪيءَ جو آرڊر ڏنائين، ۽ جيستائين ٽي چار پيگ نه چاڙهئين، تيستائين دماغ ڪجهه سوچڻ لاءِ تيار نه هو. 'غزاله ساڻس ائين ڪيئن ٿي ڪري سگهي.' اهو خيال ايندي ئي، سندس سوچڻ جون سڀ صلاحيتون ۽ قوتون جواب ڏيئي ٿي ويون.

آهستي آهستي مدهوشيءَ جي عالم ۾، ماضيءَ جون يادون هنجي ذهن جي پردي تي تصويرن وانگر اُڀرڻ لڳيون ـــ هنکي اُها شام ياد آئي، جڏهن هو ٻئي اڪيلا ڪلفٽن بيچ تي هٿ هٿ ۾ ڏيئي سئر ڪري رهيا هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪرفيو لڳل هو، انهيءَ ڪري هنن 'پاس' جو چڱو فائدو ورتو هو. سج پنهنجي شهنشائي آب وتاب کان بيزار ٿي، پنهنجي محبوب جي وصال ۾ محو، غوطن کائڻ جي تياري ۾ هو. غزاله پنهنجو مرگهه نيني اکيون مٿي ڪري، هٿ هٿن ۾ جهلي، هنجي منهن ۾ ڏسندي چيو، "پيارا، تون دنيا جو ڏنگيل ۽ ڏکويل آهين. دنيا ۾ سڀئي عورتون هڪ جهڙيون نه آهن. مونکي موقعو ڏي، مونکي پنهنجي پيار ۽ خدمت جو شرف بخش. هن زندگيءَ جي سفر ۾ مونکي ساٿي بناءِ، مان تنهنجي لاءِ دنيا ڪي بهشت بنائي ڇڏيندس. مونکي آزمائي ڏس."

هو ته اڳيئي قرب جو ڪُٺل ۽ محبت جو متوالو هو. هن ڪٺي پنهنجي ياڪر ۾ ورتس ۽ چيائين، "غزاله، مونکي توسان بي انتها پيار آهي. ايترو پيار، جو خود مونکي پنهنجي پيار کان وحشت ۽ ڊپ ٿو لڳي. مونکي توتي اعتبار آهي، پر دنيا کان ڊڄان ٿو. زندگيءَ جا ويران لمحا، پيار ۽ محبت جي خيالي تصورات تي گذاري سگهجن ٿا، پر مون ۾ دلي صدمي جي برداشت ڪرڻ جي قوت ڪانهي. غزاله، مونکي زندگي ۾ سڀ ڪجهه حاصل آهي سواءِ هڪ پياري ساٿيءَ جي، جيڪو منهنجي

صلاحيتن کي اُجاري سگهي. تون جوان آهين، خوبصورت آهين، امير آهين، پر تنهن سان گڏ جذباتي بہ آهين. ڏس، متان اهي جذباتي وعدا ۽ وفا جا بندڙن هنن سامونڊي ويرن وانگر لهي وڃن.“

غزالہ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ هن سندس چپن تي چپ رکي، وڏيڪ لفظن کي پنهنجي پيار ۾ گم ڪري ڇڏيو.

اوچتو هن ڇرڪ ڀريو ۽ ڏٺائين تہ آبدار حڪم جي انتظار ۾ سندس خالي گلاس ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي ۽ هن ڏٺو تہ غزالہ جي بدران شراب جو خالي گلاس سندس چپن سان ڇُهيو پيو هو.

هو پيئندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو: غزالہ باوجود پنهنجي وعدن جي دنيوي ۽ جذباتي طوفان جو مقابلو نہ ڪري سگهي، پر اڃا تائين پنهنجي پيار ۾ ڀروسو هوس. دنيا اميد تي زنده آهي، هن پنهنجي جدوجهد جاري رکي. اوچتو وسڪيءَ جي گلاس ۾، شراب جي بدران هڪ تصوير اُڀري بيٺي ۽ هو نهاريندو رهيو. غزالہ! جر ڪندڙ، چڻ تہ ڏوتل پوتل هڪ نئين ادا ۾ نمودار! ارادي جي پختگي ۽ وصل جا واعدا. ولين ۽ مقبرن تي دعائون ۽ عزم. وفا جون نشانيون ۽ آئينده جا اقرار.

هنجي چهري تي هڪ خوبصورت مُشڪ تري آئي ۽ جيئن ئي غزالہ کي ڳراٽڙيءَ لاءِ هٿ وڌائين، گلاس ٺاَ ڪري ڀڄي پيو. ۽ تنهن سان گڏ اهو خوبصورت تصور ۽ عڪس پڻ.

هاڻي هنجون اکيون ڳوريون، دماغ ڀاري ۽ دل مغموم هئي. آٿڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر طاقت جواب ڏئي چُڪي هيس. هو ويهي رهيو، ۽ ويو پيئندو. شراب بہ ڪيتري نہ نعمت آهي. انهيءَ جو احساس هنکي اڄ ٿيو. غزالہ جي خط جو هڪ هڪ لفظ سندس اکين اڳيان شفاف آئيني جي عڪس وانگر نظر آيو:

’مان هڪ عجيب قسم جي طوفان ۾ گهير جي ويس...

پاڻکي بچائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪيم، پر ڪو

اهڙو اونهو غار هو، جو نڪرڻ محال... مان پاڻکي
توهانجي لائق نٿي سمجهان...اڄ توهان کي عورت تان
بلڪل اعتبار کڄي ويو هوندو.... مان ڇا ڪيان،
مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي....مون توهان جي دل
ٽوڙي آهي، تنهن جو مونکي اندازو آهي...ٿي سگهي ته
مونکي معاف ڪندا.... اڄ مان قسمت جي قائل ٿي
ويئي آهيان...'

هن سوچيو ته اِنسان پنهنجي خود غرضيءَ جو ڏوهه ڪيئن نه قسمت تي ٿو مڙهي. جيڪي ڪجهه هو ڪري ٿو، سمجهي پروڙي، پنهنجي جذبات ۽ خواهشات جي پورائي لاءِ ڪري ٿو ۽ جڏهن ڪيس پنهنجي غلطين ۽ نتيجن جو احساس ٿئي ٿو ته ڪوڙي تسليءَ خاطر قسمت کي ڏوهاري سمجهي ٿو.اها انسان جي فطري ڪمزوري آهي.

رات جا سوا يارنهن لڳي چڪا هئا.Bar بند ٿيڻ جو نوٽيس مليو.هو اجا پياسو هو، پر اها پياس شراب سان پوري ٿيڻي نه هئي. هو ٿڙندو ٻاهر نڪتو.هن محسوس ڪيو ته ڪائنات جو ذرو ذرو هن تي ٺٺولي ڪري رهيو هو.هوا جا جهوٽا، بلب جي جهڪي روشني، آسمان جا جرڪندڙ ستارا،ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ جا هارن.

اڄ هن محسوس ڪيو ته هو واقعي اڪيلو... بلڪل اڪيلو آهي... شراب جي مدهوشي هنجي اندر جي اُڌمن کي وڌيڪ اُڀاريو ۽ هن پنهنجي ورهين جي سانديل جذبن کي قلم جي سپرد ڪيو.شايد غمن کان فرار پائڻ جو هڪ ذريعو!

# مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص

مون ڪلينڪ ۾ مريض پئي تپاسيو تہ مونکي ڪمپائونڊر هڪ وزٽينگ ڪارڊ ڏنو، مون ڏٺو، لکيل هو- سيد شفقت شاهہ.

مون ڪمپائونڊر کي چيو، ”سندس واري تي موڪلجانءِ.“

ڪمپائونڊر نوڙت سان چيو، ”پر سائين، هن جو چوڻ آهي تہ سندس

طبيعت ڏاڍي خراب آهي. پهرين مونکي ڏنو وڃي.“

مونکي اِها ڳالهه وڻندي ڪانهي ته جيڪي ڪلاڪن کان انتظار ۾ ويٺا هجن، انهن کي ڇڏي، پوين آيل کي ڏسجي. پر مونکي اِهو خيال ٿيو ته متان واقعي هن جي طبيعت وڌيڪ خراب هجي. تنهڪري مون ڪمپائونڊر کي چيو، ”هِن مريض کي تپاسي وٺان ته پوءِ هُن کي موڪلجانءِ.“

جنهن مريض کي ڏٺم پي، اُهو ٻاهر نڪتو ته مون شفقت شاهه کي سڏايو.

هڪ بيحد خوش شڪل، ڇويهن ستاويهن سالن جو جوان اندر لنگهي آيو. خانداني ماڻهن ۾ جيڪو رکُ رکاءُ ۽ فضيلت هوندي آهي، سا سندس ۽ ڳالهائڻ مان يڪدم محسوس ڪيم. مون هنکي پرسان ويهاريو ۽ پيشاوارانه مُرڪَ چپن تي آڻيندي ڪائنس پڇيم، ”ڪهڙي تڪليف محسوس ڪريو ٿا؟“

”لڳي ٿو، دل جي بيماري آهي.“ هن ٿورو ساٿائيءَ سان چيو.

مون بلڊ پريشر جاچڻ لاءِ پٽو ڪيس ٻڌو ۽ اسٽس اسڪوپ سان دل جي رفتار جاچڻ ڪانپوءِ پڇيم، ”اوهانجي عمر ڇا آهي؟“

”ڇوٽيهه يا شايد پنجٽيهه.“ هن جواب ڏنو.

مونکي تعجب ٿيو. هو مونکي ڇويهن ستاويهن سالن جو محسوس ٿيو هو. مون بلڊ پريشر جانچيو. بلڪل نارمل هوس. مٿيون 130 ۽ هيٺيون 80 دل جي رفتار به صحيح هئس. هارٽ بيٽ به صحيح هئي. مون ڪائنس پڇيو؛

”اوهان ڪئين ٿا چئو ته اوهانکي دل جو مرض آهي. ڇا پهرين ڪنهن ڊاڪٽر چيو آهي؟“

”نه، چيو ته ڪونهي، پر مونکي شڪ آهي.“ هن چيو.

”اوهانکي غلط فهمي ٿي آهي. اوهانکي شايد ٽينشن آهي، تنهنڪري

اوهين ائين محسوس پيا ڪريو.“
مون هن کي دوائون لکي ڏنيون. پر مونکي محسوس ٿيو ته هو منهنجي ڳالهه کان مطمئن ڪونه ٿيو آهي.

ڪجهه ئي عرصو گذريو هوندو ته هڪ ڏينهن ڪلينڪ ۾ پهريون مريض جيڪو پنهنجي واري تي داخل ٿيو، سو شفقت شاهه هو. هو مونکي چهري مان پريشان پريشان لڳو. مون پڇيو:
”خير ته آهي؟“
مُرڪي چيائين، ”خير هجي ته ماڻهو ڊاڪٽر وٽ ڇو اچي. اوهين مهرباني ڪري منهنجو E. C. G ڪريو.“
هُن ايڏو اصرار ڪيو جو مونکي E. C. G ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نه سُجهي. E. C. G ڪيم. بلڪل صحيح هو. بلڊ پريشر چيڪ ڪيم، اُهو به صحيح هو.
مون کيس ٻڌايو، هن کي جڻ مون تي اعتبار ئي نٿي آيو. هن سمجهيو ته شايد مان کانئس حقيقت لِڪائي رهيو آهيان. پر جڏهن مون کيس چيو:
”اوهين پنهنجي تسلي لاءِ ٻين ڪنهن به ڊاڪٽر کي هيءَ E. C.G ڏيکاري سگهو ٿا.“
منهنجي انهيءَ چوڻ تي کيس اعتبار اچي ويو.
مون وري به کيس ٽينشن دور ڪرڻ جون دوائون ڏنيون، ۽ چيومانس، ”هرو ڀرو پريشان نه ٿيو. اوهان کي دل جي بيماري في الحال هرگز ڪانهي.“
هُن مُرڪي ڏنو ۽ هليو ويو.

ايڇا ٿورو ئي عرصو ٿيو هوندو، مون مريض پي تپاسيا ته مونکي سندس ڪارڊ مليو. هاڻ سندس طبيعت کان واقف ٿي چڪو هوس،

مون سوچيو تہ ٿوري بہ دير ڪيم تہ وڌيڪ پريشان ٿيندو، تنهنڪري، جيئن ئي وينل مريض اُٿيو، مون ڪيس سڏايو.

هو آيو تہ مون مُرڪي پڇيو، ”خير تہ آهي؟“

”خير ئي تہ ڪونهي،“ هن بہ مُرڪي ڏنو. ”مهرباني ڪري جلدي منهنجو E. C. G ڪيو. رات کان طبيعت ڏاڍي خراب اٿم. صبح سان ڳوٺان پڳو آهيان، اوهانکي ڏيکارڻ لاءِ.“

مون ڪيس بيڊ تي ليٽايو ۽ E. C. G ورتم. بلڪل صحيح هو. بلڊ پريشر بہ نارمل هو.

مون ڪيس پرسان وهاريو ۽ چيم، ”شاهہ صاحب، ڪم آئين ڪونہ هلندو. اوهانکي پنهنجي متعلق ٻڌائڻو پوندو. مان اوهانجو ڊاڪٽر آهيان، جيستائين مونکي اوهانجي حالتن جو پوريءَ طرح علم نہ هوندو، مان اوهان جو مرض پوريءَ ريت سمجهي نہ سگهندس. ۽ نہ صحيح علاج ڪري سگهندس.“

هو ماٺ ڪيو وينو هو.

پڇيو مانس، ”اوهانجي شادي ٿيل آهي؟“

”ها.“ هُنَ مختصر جواب ڏنو.

”ٻار اٿوَ؟“

”ها.“ هُنَ وري بہ مختصر جواب ڏنو.

”پڙهن ٿا يا نہ؟“ مون پڇيو.

”پڙهن ٿا.“ هن جواب ڏنو.

”هوشيار آهن، يا.....“

”نہ نہ، هوشيار آهن.“ هن منهنجو سوال اڌ ۾ ڪٽي چيو.

”شادي پسند جي اٿوَ؟“ مون پڇيو.

هو ڪجهہ دير ماٺ رهيو. پوءِ چيائين، ”نہ.“

”ماٽن زوري ڪرائي؟“

”ائين ئي سمجهڻ گهرجي. منهنجي ڇهه ڪان پهرين ئي اِهو سنگ طي ٿي چڪو هو. چاچي جي ڌيءَ آهي. اسان سيدن ۾ ٻاهر ته واٽ هوندي ڪانهي.....هوءَ مون کان وڏي آهي.“

”گهر ۾ اٽبت آهي؟“ پڇيم.

”نه.اٽبت ته نٿو چئي سگهجي.پر....“ هو ماٺ ٿي ويو.

”پر ڇا.“ مون سوال ڪيو.

”محبت به ڪانهي. بس ڇڪتاڻ وارو ماحول آهي. گهر واري ۽ ٻار عزت ڪن ٿا، تمام گهڻي عزت ڪن ٿا. پر شايد محبت نه.“

مان سمجهي ويس ته گهر جي ڇڪتاڻ واري ماحول جي ڪري، شفقت شاهه کي ٽينشن آهي. هِن ڀيري مون دوا سان گڏوگڏ کيس تسلي به ڏني، ۽ سمجهايو ماڻس ته ـــ رڳو ٽينشن اٿؤ. دماغ تي بوجهه آهي. ڪوشش ڪري، ذهن کي ٻين ڳالهين ڏانهن متوجه ڪريو.

شفقت شاهه سان هاڻ دوستي ٿي ويئي هئي. ڪيس مون وٽ ايندي به يارنهن ٻارنهن سال ٿيا هئا. پر ايا به هن جي عادت نه مٽي. هر ڀيري اچڻ سان ئي چوندو هو:

”ڊاڪٽر صاحب، جلدي ءَ سان منهنجي E. C. G ڪڍو.“

۽ هر ڀيري وانگر E. C. G صحيح هوندي هو، البت پوين سال کان بلڊ پريشر ڪجهه وڌيل رهڻ لڳو هوس.

هڪ ڏينهن هو جڏهن مون وٽ آيو ته مان واندو هوس ۽ بس اٿڻ ئي وارو هوس. مون سندس E. C. G ڪڍيو ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪيو. E. C. G ته صحيح هو، بلڊ پريشر ڪجهه وڌيل هوس.

مون شفقت شاهه کي چيو، ”مون وٽ توهان کي ايندي ايترا سال ٿي ويا آهن. هاڻ ڪجهه وقت کان اوهانجو بلڊ پريشر، ڪجهه وڌيل ٿو رهي،

پر اوهان کي سدائين اِهو فڪر ٿو رهي تہ اوهانکي دل جي بيماري آهي،“ مون سندس منهن ۾ نهاريندي چيو، ”ڄاڻان ٿو اِهو ٽينشن جي ڪري آهي. پر آخر ايترو ٽينشن ڇو آهي. شادي اوهان جي پسند جي نہ ٿي. پر انهيءَ کي بہ ورهيہ گذري ويا. توهان ڀڌايو هوتہ ٻار بہ توهان جا فرمانبردار آهن. پر توهان جي چوڻ مطابق، توهان سان ايتري محبت نٿا ڪن، جيتري ڪرڻ گهرجي. پر هاڻ تہ توهان انهيءَ تي بہ هري ويا هوندا. مون اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪئي آهي تہ جڏهن بہ مون وٽ ايندا آهيو، اڪثر ڪراچيءَ مان ايندا آهيو. اِهو ٽينشن ڳوٺ جو آهي يا ڪراچيءَ جو. ۽ ڇو آهي؟“

شفقت شاهہ منهنجي ڳالهہ ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ مُرڪي چيائين، ”ها ڊاڪٽر توهانکي ٻڌائڻو ئي پوندو. ڪو تہ رازدار هجي، شايد انهيءَ بهاني ٽينشن گهٽجي.“

پوءِ شفقت شاهہ مونکي پيرائتي ڪهاڻي ڪري ٻڌائي؛

”هِن وقت منهنجي عمر اچي پنجاهہ کي پهتي آهي. جڏهن مان پهريون ڀيرو اوهان وٽ آيو هوس، انهيءَ وقت منهنجي عمر پنجٽيهہ کن سال هئي. مون اوهان کي اِهو تہ ٻڌايو هو تہ منهنجي شاديءَ جو فيصلو منهنجي ڄمڻ کان اڳ ئي ٿيل هو، شادي بہ ننڍي هوندي ٿيل هئي.

مونکي جيئن تہ پڙهڻ جو شوق هو، تنهنڪري مان يونيورسٽيءَ تائين پهتس. مان جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس، ۽ تڏهن پاڻ سان گڏ پڙهندڙ ڇوڪرين کي بہ پڙهندي ڏسندو هوس تہ خواهش ٿيندي هئي تہ ڪاش منهنجي بہ ڪنهن اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ٿيل هجي ها، جيڪا پڙهيل هجي ها، ماڊرن هجي ها.

پر ائين ٿيو ڪونہ. منهنجي زال بنهہ پڙهيل ڪانہ هئي. ۽ فيشن جي تہ ف مان بہ واقف ڪانہ هئي. ۽ نہ اسان جا خيال ملندڙ هئا. ٻار تہ مونکي هُنَ مان ٿي ويا، پر هُن سان دلي يا ذهني وابستگي نہ ٿي سگهي. ۽

منهنجي لاڳيتي دوري ۽ بيزارگيءَ کي جڏهن هن پوريءَ طرح محسوس ڪري ورتو، تہ هوءَ بہ مونکان پري رهڻ لڳي.

مان اِهو ضرور چوندس تہ انهيءَ ۾ ڏوهہ هن جو ڪونہ هو، بي رُخيءَ وارو رويو سائس مون ئي پهرين اختيار ڪيو هو، جيڪڏهن هُنَ ۾ تبديلي آئي، تہ اِهو رد عمل هو منهنجي رويئي جو. البت هوءَ مون سان هميشہ عزت سان پيش ايندي هئي. ٻار جيئن جيئن وڏا ٿيندا ويا، تيئن تيئن پري ٿيندا ويا. شايد انهن بہ اِهو محسوس ڪري ورتو هو تہ اسان جو پيءُ اسان جي ماءُ کان پري آهي. البت ٻار بہ منهنجي عزت ڪندا هئا، بلڪ اڄ بہ ڪن ٿا. ۽ اِهو تربيت جو اثر آهي، جيڪا شروع کان اسانجي گهراڻي ۾ ڏني ويندي آهي.

پر مون چاهيو ٿي تہ منهنجا ٻار مون سان محبت ڪن. زال مون سان محبت ڪري. پر زال کان پري تہ مان پاڻ ئي ٿيو هوس. ڪڏهن دل چاهيندي هئي تہ زال جي ويجهو وڃان، شايد اهڙيءَ طرح هوءَ بہ منهنجي ويجهو اچي. پر ڪجهہ ديرکانپوءِ ئي مان پاڻ کي انهيءَ جي لاءِ تيار ڪري ڪونہ سگهندو هوس. جهڙي پڙهيل لکيل زال مون چاهي ٿي، اهڙي هوءَ هئي ڪانہ. تنهڪري آءُ گهر ۾ هڪ فاصلي تي ئي رهيس.

جڏهن مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن اسانجي گهر کان ڪجهہ پريرو هڪ ڇوڪري رهندي هئي - عنبرين. بيحد سهڻي هئي، ۽ بيحد فيشن ايبل. مان هُن ڏانهن ڇڪبو ويس. دراصل منهنجي تصور ۾، جهڙي منهنجي زال هئڻ گهرجي، عنبرين اهڙي ئي هئي. عنبرين نہ فقط سهڻي ۽ فيشن ايبل هئي، بلڪ فارورڊ بہ هئي. مونکي هن جي انهن سڀني ڳالهين سان پيار هو.

هوءَ بہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي، ۽ مونکان جونيئر هئي. اڪثر اسين ساڳي بس ۾ چڙهندا هئاسين.

آءُ شروع کان سُٺن ڪپڙن پائڻ جو شوقين آهيان. شڪل بہ چڱيرڙي

هئي. نيٺ مون هنڪي پاڻ ڏانهن راغب ڪري ورتو. انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏيون هوٽلون گهٽ هونديون هيون. ۽ هوٽلن ۾ عورتن جي وڃڻ جو رواج بہ گهٽ هو. اسين پئي ڪڏهن ڪڏهن ريسٽارنٽ ۾ ويندا هئاسين تہ فئملي روم ۾ وڃي ويهندا هئاسين. يا پوءِ سئنيمائن ۾ فلم ڏسڻ ويندا هئاسين.

مون ايم- اي ڪري ورتي تہ ڪار ورتم. مونکي تہ يونيورسٽي وڃڻو نہ هوندو هو، پر عنبرين کي ڇڏڻ ۽ وٺڻ مان ويندو هوس. انهن ڏينهن ۾ اسانجو بنگلو سولجر بازار ڏانهن، پٽيل پارڪ جي بلڪل سامهون هوندو هو. عنبرين سولجر بازار جي مين روڊ تي، هڪ فليٽ ۾ رهندي هئي، ترام سندن گهر جي سامهون اچي بيهندي هئي.

هاڻ عنبرين سان فقط يونيورسٽي ڇڏي اچڻ، وٺي اچڻ يا سئنيما ۾ ئي ملاقات نہ ٿيندي هئي. بلڪ اڪثر مان کيس پنهنجي گهر بہ وٺي ايندو هوس. ۽ صحيح ملاقات اُهائي هوندي هئي. گهر ۾ پراڻن، ڳوٺ مان آندل نوڪرن کانسواءِ ٻيو ڪير ڪونہ هوندو هو.

شروع شروع ۾ ڊرائنگ روم ۾ وهبو هو، پر پوءِ عنبرين سان ايتري ويجهڙائپ ٿي ويئي، جو اڪثر اسين بيڊ روم ۾ وينا هوندا هئاسين. ۽ عنبرين آزاديءَ سان منهنجي گهر ۾ ايندي ويندي هئي. منهنجا نوڪر کيس ڏسندي ئي ٻڌائيندا هئا، تہ مان پنهنجي بيڊ روم ۾ آهيان، اوهان اوڏانهن وڃو.

عنبرين جي ممي ۽ پاپا فارورڊ نہ هئا. بلڪ انهيءَ دور ۾ تمام گهٽ خاندان فارورڊ هوندا هئا. تڏهن زالن جو وڏو تعداد برقعن منجهہ هوندو هو. پر انهن ڏينهن ۾ عنبرين ٻين کان مختلف هوندي هئي.

عنبرين جو پيءُ هڪ وڏو آفيسر هو، ۽ اهڙي کاتي ۾ هو، جتي رشوت جام هئي. پر هو نهايت ايماندار شخص هو، ۽ پاڻکي انهيءَ نوڪريءَ ۾ مِس فٽ (Misfit) محسوس ڪندو هو. ۽ نيٺ انهيءَ نوڪريءَ کان

بيزار ٿي ويجي هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيو. ڪيس علم ۽ ادب سان ڏاڍي دلچسپي هئي. تنهنڪري هن چاهيو ٿي ته سندس اولاد به علم پرائي. عنبرين پيٽن پائرن ۾ سڀ کان وڏي هئي. پٽس نه فقط ڪيس پڙهڻ لاءِ همٿ افزائي ڪئي، بلڪ ڪيس پردو به نه ڪرايائين.

عنبرين جي پيءُ جي بدلي حيدرآباد جي هڪ ڪاليج ۾ ٿي ويئي، پر سندس گهر وارا ڪراچي ۾ ئي رهيا.

هاڻ منهنجي توجه جو سارو مرڪز عنبرين هئي. جنهن منزل جي ڳولها ۾ آءٌ ڀٽڪندو رهيو هوس. اُها منزل مونکي ملي ويئي هئي. جنهن محبت جي تلاش ۾ آءٌ هوس، انهيءَ جي پورائي عنبرين ڪري ڇڏي هئي.

پر جڏهن ڳوٺ ويندو هوس ته گهر ۾ پارن ۽ زال جو ٿڌو رويو ڏسي، مان پاڻکي ڏاريو محسوس ڪندو هوس. زال کي ته مان ايتري اهميت نه ڏيندو هوس، پر پارن جو ٿڌو رويو منهنجي ذهن کي ڏونڌاڙي ڇڏيندو هو. ۽ آءٌ ٽينشن ۾ مبتلا ٿي ويندو هوس. پر جيئن ڪراچي پهچندو هوس ته پاڻکي هڪ نئين دنيا ۾ پائيندو هوس. ڇا ڪاڻ ته اُتي عنبرين هئي. عنبرين جو ساٿ هو، عنبرين جي محبت هئي.

عنبرين ايم- اَي ڪري ورتي ته ليڪچرر لاءِ درخواست ڏنائين. هڪ ته عنبرين سُٺي پوزيشن ڪنئين هئي، ٻيو مون به پنهنجي ڄاڻ سُڃاڻ کان ڪم ورتو، تنهنڪري عنبرين کي جلدي نوڪري ملي ويئي.

منهنجو گهڻو وقت هاڻ ڪراچيءَ ۾ گذرندو هو. مان ڳوٺ گهٽ ويندو هوس. عنبرين ڪاليج مان موٽندي وقت اڪثر منهنجي گهر هلي ايندي هئي. ڪڏهن ٿوري دير ۽ ڪڏهن گهڻو وقت ويٺي هوندي هئي. هر شام ۽ رات جو ڪجهه حصو به منهنجو عنبرين سان ئي گذرندو هو. اسين ڪڏهن سمنڊ جي ڪناري هليا ويندا هئاسين. اُتي سج کي لهندي ۽

رات جي اونداهه کي ڦهلجندي ڏسندا هئاسين. ۽ ڪڏهن ڪنهن ريسٽارنٽ جي ڪنڊ ۾ ويهي وهندا هئاسين.

هڪ شام اسين سمنڊ جي ڪناري هلندا پري تائين نڪري وياسين، جڏهن ٿڪجي پياسين تہ اُتي ئي پٽ تي ويهي رهياسين. سج پري، تمام پري لهڻ وارو هو. ائين پيي لڳو تہ بس هاڻ سمنڊ ۾ ٻڏڻ وارو آهي. آسمان تي ڳاڙهاڻ ڦهلجي ويئي هئي، لهرن ۾ آهستي آهستي تيزي پيي آئي. مون عنبرين ڏانهن ڏٺو. عنبرين ٻڏندڙ سج کي ٽِڪَ ٻڌي ڏسي رهي هئي. سِجَ جي ڳاڙهاڻ عنبرين جي گلابي چهري ۽ سونهري وارن تي پئجي رهي هئي. مون کي ائين لڳو، ڄڻ عنبرين هڏ ۽ ماس جي نہ، سونَ جي ٺهيل آهي. هوءَ سون وانگر پيي جرڪي. هوا ۾ هن جا وڪريل وار اُڏاڻا پيي.

مون عنبرين کي سوين نہ، هزارين ڀيرا ڏٺو آهي. سِجَ جي روشنيءَ ۾، چنڊ جي روشنيءَ ۾، تارن جي جَهڪي روشنيءَ ۾، ٽيوب لائٽس جي روشنين ۾. مونکي عنبرين هر روشنيءَ ۾، هر لباس ۾، هر زاويئي ساڻ وڻي آهي.

پر انهيءَ ڏينهن وارو عنبرين جو ڏيکُ نرالو هو. ڄڻ ڪا حورَ هجي، ڄڻ ڪا پري هجي. پر نہ، اُهو عنبرين جو حسن هو، هر حورَ ۽ پريءَ کان وڌيڪ وڻندڙ. مون جُهڪي کيس ڳَلَ تي چُمي ڏني. عنبرين ڇرڪ ڀريو، ۽ مون ڏانهن ڏسي مُرڪي ڏنائين. پر وري سِجَ کي ڏسڻ لڳي. جيڪو اڌ کان وڌيڪ سمنڊ ۾ ٻڏي چڪو هو.

مون سوچيو: عنبرين ڪهڙن خيالن ۾ مگن هوندي. هوءَ ڇا سوچيندي هوندي. پر مان عنبرين جي اندر ۾ پيهي نٿي سگهيس. تنهنڪري مان سوچن ۾ گم ٿي ويس. مونکي خيال آيو تہ ـــ هاڻ عنبرين ۽ منهنجي تعلقات کي ڪيترا سال ٿي ويا آهن. اڪثر دوست ۽ ملڻ وارا اسانکي زال مڙس ئي سمجهندا آهن. ۽ ائين سمجهڻ جو هنن کي

حق بہ آهي. ڇو تہ نہ فقط ريسٽارنٽ يا ٻين تفريحي جڳهين تي ، بلڪ ڪيٽرن فنڪشنن ۽ شادين ۾ اسين ٻئي گڏ ويندا هئاسين. ڪن هنڌن تي منهنجي اڻ ڄاڻ دوستن اسانجو ٻين سان 'مسٽر اينڊ مسز شفقت شاهہ' چئي تعارف ڪرايو. اهڙن وقتن تي مون يڪدم عنبرين جي چهري ڏانهن ڏٺو. پر هن جي چپن تي فقط هلڪي وٽندڙ مُرڪَ هوندي هئي.

عنبرين ۽ منهنجي تعلقات جي هاڻ منهنجي گهر وارن کي بہ خبر پئجي ويئي هئي. پر منهنجي لاءِ انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿي پيو.

منهنجي سوچن جو سلسلو انهيءَ وقت ٽُٽي پيو، جڏهن او چتو عنبرين چيو، "هلون."

مان اُٿيس ۽ هٿَ جو سهارو ڏيئي عنبرين کي بہ پٽَ تان اُٿڻ ۾ سهارو ڏنم.

سجُ هاڻ ٻُڏي چُڪو هو. بلڪ سجَ کي لٿي ڪافي دير ٿي ويئي هئي. هر طرف ڇڳي اونداهہ ڦهلجي ويئي هئي. سجَ جي بدران هاڻ سمنڊ ۾ پري پري بيٺل جهازن مان روشنيون ڏسجڻ ۾ آيون پي. هڪ جهاز ڪٺان اڇي رهيو هو، ڇو تہ تمام پري واريون روشنيون آهستي آهستي ويجهيون ٿينديون پي ويون. مون مُڙي ڪلفٽن ڏانهن ڏٺو. ڪناري کان ٿورو پريان، ڪيترائي پيٽروميڪس ٻريا پي. پريان انهن پيٽروميڪس جون روشنيون ائين پي لڳيون، ڄڻ ڪا موتين جي مالها ٽٽي وکري ويئي هجي. اهي روشنيون انهيءَ ننڍين جُهڳين نما دڪانن يا ٿلهن جون هيون، جن تي ننڍيون وڏيون سپن مان هار، ٽاپس، ائرينگ ۽ ڪنگڻ ٺهيل هوندا هئا. وڏين سپن ۽ ڪوڏن مان پيپر ويٽ يا ڪي ٻيون شيون ۽ ڪن ڪوڏن تي ڪلما يا ڪي ٻيون آيتون ڏاڍي نفاست سان ڪوتيل هونديون هيون.

عنبرين بہ ڪڏهن ننڍين سپن مان ٺهيل ٽاپس يا مالهائون

وٺنديھئي.

عنبرين اڄ ماٺ ماٺ هئي، مونکي ٿوري حيراني ٿي، ڇو تہ روزانئين نہ هوندو هو. اوچتو مون عنبرين کي چيو، ”مان توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو.“

عنبرين هلندي هلندي بيهي رهي. مان ڪجهہ قدم اڳتي وڌي ويو هوس. جڏهن محسوس ڪيم تہ عنبرين مون سان گڏ ڪانهي، تہ مون مُڙي پوئتي ڏٺو. مان کن لاءِ بيٺس، پر جڏهن ڏٺم تہ عنبرين اُتي ئي بيٺي آهي تہ مان پٺيان وريس، ۽ عنبرين جو هٿ پڪڙي چيم، ”ڇو، تون اِتي ڇو بيهي رهي آهين. ڇا مون ڪا ناگوار ڳالهہ ڇئي؟“ مان عنبرين جو هٿ جهلي ڪيس پاڻ سان وٺي هلڻ لڳس. عنبرين خاموش هئي. مون ڪائنس پڇيو، ”مون توکي ڪجهہ چيو هو.“

”ٻڌو هوم.“

”پر انهيءَ ڳالهہ جو جواب تہ توڪونہ ڏنو.“

”تو ڳالهہ ئي اهڙي ڪئي. جنهن جو جواب ڏيڻ مون ضروري نہ سمجهيو.“ عنبرين بيپرواهيءَ سان چيو.

”ناراض آهين، يا مون ڳالهہ غلط ڪئي؟“ پڇيو مانس.

”ناراض جي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي.“ عنبرين چيو، ”البت ڳالهہ غلط ڪيئي.“

”ڇا مون سان شادي ڪرڻ تي توکي اعتراض آهي؟“

”ڇا مان تنهنجي انهيءَ ڳالهہ کي لطيفو سمجهان.“ عنبرين مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”مان، جيڪا ڪنواري هيس، ۽ اڃا تائين انئين ئي سمجهيو وڃي ٿو. ايترن سالن کان تو ساڻ آهيان، ۽ پوين ڪجهہ سالن کان توسان وڌيڪ ئي گڏ آهيان. توکي خبر نہ هوندي، پر منهنجي لاءِ ڪيترائي رشتا آيا آهن. ممي ۽ پپا مون کي ڪيترا ڀيرا زور رڪيو تہ سُٺا رشتا پيا اچن. قبول ڪري وٺ، پر مون ڪو بہ رشتو قبول نہ ڪيو.

ڇا ڪاڻ تہ مون توسان رشتو جوڙيو آهي، منھنجي دل مان فقط هڪ رستو نڪري ٿو، جيڪو توڏانھن وڃي ٿو. شفقت، فقط توڏانھن. مون ٻيا سيئي رستا بند ڪري ڇڏيا آهن. توکان سواءِ مون کي ڪنھن جو تصور بہ نٿو اچي سگهي.

”انهيءَ کان علاوه هڪ ڳالهہ ٻي بہ آهي تہ تون شادي شده آهين. ٻارن ٻچن وارو آهين. مان سيڪنڊ وائيف(Second wife)ٿيڻ ڪانہ قبوليندس. انهيءَ مان اِهو مقصد نہ ڪڍجانءِ تہ مان چاهيان ٿي تہ تون پهرين زال کي طلاق ڏين، يا ڇڏي ڏين. نہ، هرگز نہ. مان ڪنھن عورت جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ پسند نہ ڪندس.

”مون کي جيڪڏهن شاديءَ جو خيال هجي ها تہ مان گهڻا سال اڳ توکي اِها ڳالهہ چوان ها، جنھن ڏينھن پهريون پيرو مان تنھنجي بيڊ تي سُتي هيس.

”آخر شاديءَ جي ضرورت توکي ڇو محسوس ٿي. ٻڌاءِ، جيڪي ايترا سال گذري رهيا آهيون، ڇا ٻڌاءِ کي هاڻ هڪ سرٽيفڪيٽ جي ضرورت آهي؟ ڇا مُلي جي هٿ جو لکيل هڪ ڪاغذ يا ڪنھن مئجسٽريٽ جو لکيل تہ ـــ ’هي زال مڙس آهن.‘ ڇا انهن جو ڏنل اِهو سرٽيفڪيٽ ئي پنھنجي محبت جو ثبوت هوندو. ڇا شادي ٿيڻ کانپوءِ ئي محبت ٿيندي؟ تنھنجي پهرين شادي تہ ٿيل آهي نہ؟ پوءِ آهي توکي انهيءَ سان محبت؟

”ٻڌ شفقت. ايترا سال گذري رهڻ کانپوءِ توکي هاڻ جيڪڏهن بدناميءَ جو خوف ٿيو آهي، تہ مون کي انهيءَ لاءِ افسوس آهي. عورت جي ناتي، اهو خوف اهو ڊپ تہ مونکي ٿيڻ گهرجي ها. پر ناهي مونکي ڊپ. ناهي مونکي دنيا جي پرواهہ. مان نٿي چاهيان تہ توسان شادي ڪري، مان انهيءَ احساس ۾ پاڻ کي مبتلا ڪريان تہ ايترا سال جيڪو ٿيو، اُهو ناجائز هو. جيڪڏهن ايترا سال پنهنجا تعلقات ناجائز هئا، تہ هاڻ مان

انهن کي سرٽيفڪيٽ جي ذريعي جائز ڪرڻ پسند ڪا نه ڪنديس.

”پر اِهو به ٻڌي ڇڏ. منهنجا توسان جيڪي تعلقات هئا، ۽ آهن، مان انهن کي جائز سمجهان ٿي. ۽ اهي جائز ئي رهندا. آخر شاديءَ کانپوءِ ڇا ٿيندو آهي، جيڪو هاڻ نٿو ٿئي؟“

”پر ـــــ ....“ مون چوڻ چاهيو.

اڌ ۾ منهنجي ڳالهه ڪٽيندي عنبرين چيو، ”ڪو به ايسڪيوز (Excuse) نه ڏي. منهنجي سوچڻ لاءِ اِهو ڪافي آهي ته تون منهنجو آهين، ۽ مان تنهنجي آهيان. مونکي نه تومان وارث گهرجي، نه ئي تنهنجي دولت مان حصو. منهنجي نزديڪ سڀ کان وڏي دولت پيار آهي. جيڪو مونکي توکان حاصل آهي.

”مونکي انهيءَ ڳالهه جو ڊپ ڪونهي، ته تون ڪڏهن مون کي ڇڏي هليو نه وڃي. مون کي ڇڏي وڃڻ چاهين ته ڀلي هليو وڃجانءِ. تون مون سان پيار ڪرين يا نه ڪرين، مان ته توسان پيار ڪندي رهندس.“

عنبرين خاموش ٿي ته مون ڪيس ڇڪي پاڪر پاتو ۽ پوءِ چپن تي هڪ ڊگهي چُمي ڏنم. عنبرين کلندي چيو، ”دڪانن جي پرسان اچي ويا آهيون پوليس ڏسي وٺي ته وڃي لاڪ اپ ۾ هٽي. ۽ ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ خبر ڇپجي ته ـــ ايڪ عورت اور مرد ڪو سمندر ڪي ڪناري بوس و ڪنار ڪرتي اور فحش حرڪتين ڪرتي هوئي پڪڙا گيا.“

”بدنام هونگي تو ڪيا نام نه هوگا.“ مون به کلندي چيو.

انهيءَ وقت ته عنبرين جي ڳالهين مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو هو. پر مان هڪ پيرو وري ٽينشن ۾ مبتلا ٿي ويس. منهنجي خواهش هئي ته عنبرين مون سان شادي ڪري. منهنجي زال ٿئي. ڇا ڪاڻ ته مون جهڙي زال تصور ۾ چاهي هئي، عنبرين اهڙي نه، بلڪ انهيءَ کان به

وڏيڪ هئي. عنبرين جي اِها ڳالهه به سچ هئي ته شاديءَ کان پهرين ڇا نه ٿيو آهي، جو هاڻ شاديءَ کانپوءِ ٿيندو. هُن مون کان ڪجهه به لڪايو ڪونه هو. ڪجهه به نه بچايو ڪونه هو. پر عنبرين جو سڀ ڪجهه حاصل هوندي به، عنبرين منهنجي زال ڪانه هئي.

انهيءَ ڳالهه مونکي ايترو پريشان ڪيو، جو منهنجي راتين جي ننڊ اُڏامي ويئي. ڪيترا ڀيرا بيڊ تي هوندي به مونکي عنبرين تمام پري محسوس ٿيندي هئي. منهنجو سڄو ڏينهن بي چينيءَ ۾ گذرندو هو. عنبرين به اها بي چيني محسوس ڪئي ۽ مون کان ٻه ٽي ڀيرا پڇيائين به، پر مان ٽارائي ويس.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن نوڪري ڇڏائي مان ڳوٺ هليو ويس.

هِن ڀيري مان ڳوٺ ۾ ڪجهه ڏينهن رهي پيس، ۽ پنهنجي ٻارن ڏي توجه ڏيڻ لڳس. گهر وارا منهنجي انهيءَ تبديليءَ تي حيران هئا. پر پڇڻ جي همت ڪنهن به ڪانه ڪئي.

ڳوٺ ۾ ڪمن ڪارين کان جڏهن مان واندو ٿيندو هوس ته مون کي سوچون گهيري وٺنديون هيون — عنبرين ڇو نٿي مون سان شادي ڪرڻ گهري. پر جڏهن مان عنبرين جي شادي نه ڪرڻ جي سببن تي سوچيندو هوس ته انهن ۾ به مون کي سچائي نظر ايندي هئي.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن مون سوچيو: ڀلا جيڪڏهن عنبرين مون سان شادي ڪرڻ تي تيار ٿي وڃي ها ته ڇا منهنجي لاءِ مشڪلون پيدا نه ٿي پون ها. اولاد وڏو ٿي ويو آهي، نياٽي شاديءَ جي لائق ٿيڻ واري آهي. پٽ به اچي جوان ٿيا آهن. وڏي ڳالهه ته زال منهنجي سوٽ آهي، ۽ منهنجو اهو چاچو جيئرو ويٺو آهي. خاندان وارن جو رويو مون سان ڪهڙو ٿئي ها. وري سوچيندو هوس ته جنهن عورت جي مونکي ضرورت هئي، جهڙي عورت جي مون خواهش ڪئي، عنبرين جي صورت ۾، انهيءَ کان وڌ ته مونکي حاصل آهي. شادي مون سان نه ڪيائين ته ڇا ٿيو. حاصل

تہ مون سڀ ڪجهہ ڪيو آهي. هاڻ بہ تہ هُن سان ساڳيا ناتا آهن. هيءَ ڳالهہ ٻي آهي تہ هِنَ سان ڪهڙو تعلق رکيو پيو اچان.

۽ جيئن مان هڪ ڏينهن نوڪري ڇڏي ڪراچيءَ مان ڳوٺ هليو آيو هوس. اهڙيءَ طرح ڳوٺ ۾ نوڪريءَ ڇڏي وري ڪراچي پهچي ويس.

اُهو آچر جو ڏينهن هو. مان ڪمري ۾ گهڙيس تہ ڏٺم عنبرين منهنجي گهر ويٺي هئي. ساڻس گڏ هڪ ڇوڪري بہ هئي. عنبرين مونکي ڏسي خوش ٿي. مون کي هن ڇوڪريءَ سان ملايائين.

”هيءَ نرمين آهي. منهنجي اسٽوڊنٽ آهي.“

هن ڇوڪري مونکي سلام ڪيو، ۽ ڪجهہ دير ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪري موڪلائي هلي ويئي.

عنبرين مون کان انهيءَ ڏينهن اوچتو هليو وڃڻ جو سبب پڇيو. پر مون کيس حقيقت نہ ٻڌائي ۽ چيم تہ ڳوٺان نياپو آيو هو، ٻني ٻاري جا ڪي ڪم هئا.

عنبرين وڌيڪ ڪجهہ نہ پڇيو، ۽ نہ ئي سندس روئيي ۾ ڪا تبديلي آيل هئي. هوءَ بلڪل ائين هئي، جيئن هميشہ هوندي هئي.

مون محمد علي هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ هڪ نئون بنگلو ٺهرايو پي، جيڪو هاڻ بلڪل تيار ٿي ويو هو. آءٌ سولجر بازار وارو بنگلو ڇڏي، هِنَ بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويس. انهيءَ بنگلي جي ساري سجاوٽ عنبرين پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ڪرائي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن مان اهو محسوس ڪرڻ لڳندو هوس. تہ مان عنبرين کان تمام آهستي آهستي هٽندو وڃان. ڪڏهن ڪڏهن مان اِهو سوچيندو هوس تہ ڇا مونکي عنبرين سان ايتري محبت هاڻ بہ آهي؟ ڇا مون واقعي هُنَ سان شادي ڪرڻ گهري بہ ٿي، يا انهيءَ ڏينهن

اوچتو ئي لاشعوري طور تي، يا عنبرين جي ڪنهن وٺندڙ ادا مون کي شادي ڪرڻ تي موهي وڌو هو. يا مونکي سوسائٽيءَ کان خوف پئي ٿيو.

بهرحال مان پاڻکي مطمئن نہ پيي ڪري سگهيس، تہ مون سچ پچ چاهيو پئي ٿي، ڪڏهن ائين ٿي پانيم تہ مونکي عنبرين سان ڪڏهن محبت هئي ڪانہ. مون فقط زال واري ڪمي عنبرين مان پوري ڪئي ٿي. پر ڪاڻ تہ منهنجي زال منهنجي پسند جي نہ هئي. ڪڏهن سوچيندو هوس تہ چڱو ٿيو تہ عنبرين مون سان شادي ڪرڻ نہ قبولي، نہ تہ منهنجي لاءِ ڪيترا ئي مسئلا پيدا ٿي پون ها.

عنبرين ۽ منهنجا تعلقات ساڳيا رهيا. مون پاڻ ۾ عنبرين کي ڪنهن تبديليءَ جو احساس ٿيڻ نہ ڏنو. هوءَ مون سان ملندي رهي. اسين ٻئي گهمڻ ڦرڻ ويندا رهندا هئا سين. ڪڏهن ڪڏهن وري بہ منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿيندي هئي تہ عنبرين کي مون سان شادي ڪرڻ گهرجي، يا اِهو تہ عنبرين جي شادي مون سان ٿيڻ گهرجي. عنبرين واقعي اهڙي آهي، جهڙي زال مون چاهي آهي. پر ڪڏهن اها سوچ غالب اچيو ويندي هئي تہ عنبرين سان جيڪي موجوده تعلقات آهن، اُهي ئي رهڻ گهرجن. ايترن سالن کان پوءِ شاديءَ تي ماٺهو ڇا چوندا.

سچ پچ مون کي اِهو احساس ٿيندو هو، تہ مان بزدل آهيان. جيڪو مون کي ڪرڻ گهرجي، انهيءَ جي مون ۾ همٿ ڪانهي. ۽ جيڪو ڪري رهيو آهيان. اِهو مون کي ڪرڻ نہ گهرجي.

هڪ ڏينهن، شام ايجا مس ٿي هئي، عنبرين اچي ويئي. مان ستو پيو هوس جو عنبرين مون کي اچي جاڳايو. منهنجي اُٿڻ تي هن ڪمري جي ٽيوب لائيٽ ٻاري ۽ سامهون وارو پردو سيري ڇڏيو. سامهون لان ۾ ايجا ڪافي اُس هئي.

عنبرين ڪُڪ (Cook) ڪريم کي چانهن جو چئي آئي هئي. سو

بخشل چانهن آڻي ميز تي رکي. مان تہ شام جو چانهن پيئان ڪونہ، تنهنڪري هوءَ پنهنجي لاءِ چانهن ٺاهڻ لڳي.

مون عنبرين کان پڇيو، "اڄ هيڏي مهل ڪيئن آئين؟"

"ڇو، نہ اچڻ گهربو هو؟" عنبرين اٽلو مون کان سوال ڪيو.

"نہ نہ،" مون تڪڙ ۾ چيو. "اهڙي ڳالهہ ڪانهي. پر انهيءَ ٽائم تي ايندي ناهين. انهيءَ ڪري پڇيم."

"تو وٽ اچڻ لاءِ، ڪنهن خاص وقت جي ضرورت محسوس نہ ڪيم. هلي آيس."

"اِهو تہ چڱو ڪيئي." مون مرڪندي چيو.

مان وِهاڻو پٺيءَ کي ڏيئي، ٿورو سڌو ٿي ويٺس. عنبرين چانهن جو ڪوپ کڻي اچي بيڊ تي منهنجي پرسان ويٺي، ۽ آهستي آهستي چانهن سِپ (Sip) ڪرڻ لڳي. پر خاموش هئي، ۽ ڀت جي انهيءَ حصي کي گهوري رهي هئي، جيڪا خالي هئي. آءٌ ڪيس ڪافي دير ڏسندو رهيس، پوءِ چيو مانس، "ڇا ڳالهہ آهي. اڄ ڏاڍي خاموش آهين."

هُنَ منهنجي سوال کي نظرانداز ڪندي چيو، "هڪ ڳالهہ پڇان؟"

"پڇُ." مون چيو ۽ منهنجي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. مون کي اِهو وسوسو ورائي ويو تہ خبر نہ ڇا پڇڻ گهري ٿي. پهرين تہ اهڙو سوال ڪڏهن نہ ڪيو اٿس.

پر عنبرين خاموش رهي. جڏهن سندس خاموشي ڊگهي ٿي ويئي تہ مون ڌڙڪندڙ دل سان پڇيو، "عنبرين تو ڪجهہ پڇڻ پي گهريو."

"ڪجهہ سال اڳ تو مونکي شاديءَ جو پرپوزل (Proposal) ڏنو هو."

منهنجي دل جي ڌڙڪڻ ويتر تيز ٿي ويئي. مون کان ڪو جواب نہ اُڪيلو.

عنبرين مون ڏانهن ڏسي چيو، "تو مونکي جواب نہ ڏنو."

"ها، مون چيو هو." مون جهيڻي آواز ۾ چيو.

”تنهنجي آفر (Offer) اڃا برقرار آهي؟“ عنبرين پڇيو.

”پر تڏهن تو انڪار ڪيو هو.“ مون آهستگيءَ سان چيو.

”ها، تڏهن مون انڪار ڪيو هو،“ عنبرين ٿڌو ساهه کڻندي چيو، ”هاڻ مون کي احساس ٿيو آهي ته مون تڏهن غلط فيصلو ڪيو هو. مون کي تنهنجي آڇ قبولڻ گهرجي ها.“

”توکي هاڻ اِهو خيال ڇو آيو،“ مون پڇيو. ”تو ته چيو هو شادي ضروري ڪانهي. جڏهن بنا شاديءَ جي ئي مضبوط ناتا هجن ته سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ڇو.“ منهنجي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه طنز به شامل ٿي ويو هو. پر عنبرين انهيءَ جو اثر نه ورتو. هُن چيو:

”تون صحيح ٿو چئين. پر ڪن غلط فيصلن جو احساس ماڻهن کي انهيءَ وقت نه ٿيندو آهي، جڏهن هو اهي فيصلا ڪري رهيا هوندا آهن. انهيءَ جو احساس هنن کي دير سان ٿيندو آهي. جيئن مون کي هاڻ احساس ٿيو آهي ته مون انهيءَ وقت غلط فيصلو ڪيو هو.

”ڏس شفقت، پنهنجي تعلقات کي هاڻ ستَ سال ٿي ويا آهن. شايد مان هاڻ به پنهنجي فيصلي تي بيٺل هجان. پر مان محسوس ڪريان پئي ته جنهن ماحول ۾ اسين رهون پيا، جنهن سوسائٽيءَ ۾ اسين Move ڪريون ٿا، اُهي اڃا ايترا Advance ناهن ٿيا، جو تنهنجي منهنجي موجوده رشتي کي قبول ڪن. يا انهيءَ کي جائز چون. هو مون کي فقط تنهنجي دوست سمجهن ٿا. فقط دوست، جيڪا ڳالهه مان سمجهان ٿي پنهنجي تعلقات لاءِ ڪافي ڪانهي.

”خود منهنجو پيءُ به ائين سمجهي ٿو، توکي ته خبر آهي ته منهنجو پيءُ ڪيڏو شريف، وضعدار ۽ ايماندار شخص آهي. انهيءَ ايمانداريءَ خاطر، رشوت کان بچڻ خاطر، هو وڏي نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي وڃي ليڪچرر ٿيو.

”هو ايڏو سڌو ۽ دنيا کان اڳ ٿلڳ رهندو آهي، جو هن کي تنهنجي ۽

منهنجي تعلقات جي ايترن سالن کان پوءِ هاڻ ڄاڻ پئي آهي. هن ڪلهه مون کي چيو— عنبرين مون توکي انهيءَ ڪري پاڙهيو تہ جيئن تون پڙهي لکي انهيءَ ڳالهہ جي تميز ڪري سگهين تہ عزت نفس ڪهڙي شيءِ آهي. پرتو پڙهي لکي مون کي بي عزت ڪري ڇڏيو. مان توکي وڏيڪ ڪجھ نٿو چوان. جيڪڏهن تون انهيءَ شخص سان هاڻ بہ شادي ڪري وٺين تہ شايد مان وڏيڪ بيعزت ٿيڻ کان بچي پوان.

”۽ ڳالهہ فقط بابا جي بہ ڪانهي. هڪ وقت هو، جڏهن مون کي شادي اجائي ڳالهہ محسوس ٿيندي هئي. مون سمجهيو ٿي تہ پهرين زال جي موجودگيءَ ۾، تو سان شادي ڪندس تہ اهو پهرين جي حقن تي ڌاڙو ٿيندو. پر هاڻ سوچيان ٿي آخر منهنجا بہ تہ ڪي حق آهن. منهنجي حقن جو ڇا ٿيندو. مان هن جا حق کسڻ نٿي گهران. مان فقط پنهنجو حق ٿي چاهيان.

”هاڻ مان شادي ضروري سمجهان ٿي. هاڻي مون کي احساس ٿيو آهي تہ گڏ سمهڻ، گڏ گهمڻ، گڏ کائڻ سان ڪو رشتو نٿو جُڙي. خاص ڪري اهڙي حالت ۾، جڏهن هڪ عورت هجي ۽ هڪ مڙد هجي. رشتي جوڙڻ لاءِ، سماج جا جوڙيل قاعدا، قانون ۽ شرطن جي پورائي بہ ڪرڻ ضروري ٿيو پوي،“ عنبرين خاموش ٿي ويئي.

مان ڪيتري دير کيس ڏسندو رهيس، پوءِ سري سندس ويجهو ٿيس، ۽ سندس وارن تي هٿ ڦيريندي چيم، ”ڇا هاڻ مون تي اعتبار نہ رهيو اٿئي، يا گهٽيو اٿئي؟“

”نہ اعتبار گهٽيو آهي، نہ ئي اعتبار ڪو نهي واري ڳالهہ آهي. ڳالهہ فقط رشتي مٿائڻ جي آهي. مان دوستيءَ کي شاديءَ جو نالو ڏيڻ گهران ٿي. ڇا ڪاڻ تہ مون کي تحفظ گهرجي. ايجا تائين مون ٻار نہ چاهيو هو. پر هاڻ ٻار چاهيان ٿي، ۽ انهيءَ ٻار کي پيءُ جي نالي جي بہ گُهرج پوندي. عورت کي پيءُ ۽ ڀاءُ کان وڏيڪ مڙس جي نالي جي ضرورت هوندي آهي.

هن جو تحفظ مڙس جي نالي سان ٿئي آهي. مڙس جي نالي کانسواءِ هوءَ ڏاڍي ڪمزور آهي. مون کي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن تون هينئر ئي پنهنجي رضامنديءَ جو اظهار ڪرين، پر جيڪڏهن هينئر نه ڪري سگهين ته پوءِ پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪجانءِ.“

انهيءَ ڏينهن مان فيصلو نه ڪري سگهيو هوس. بلڪ مون ذهن مان اِها ڳالهه ئي ڪڍي ڇڏي هئي ته عنبرين ڪڏهن اِها ڳالهه ڪندي. مون کي خاموش ڏسي عنبرين هلي ويئي هئي. ۽ مان کيس روڪي نه سگهيو هوس.

مان وڏي ذهني ڇڪتاڻ ۾ مبتلا ٿي ويو هوس. جڏهن مون عنبرين کي شاديءَ جي آڇ ڪئي هئي، انهيءَ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو هو ته وقتي جوش ۾ مان عنبرين کي شاديءَ لاءِ چئي ويٺو آهيان. حالانڪ مون شادي ڪرڻ نٿي گهري. منهنجا جيڪي تعلقات سائٽس هئا. مون اُهي ئي سائٽس رکڻ ٿي گهريا. پر جڏهن مون عنبرين کي شاديءَ جي آفر ڪئي، تڏهن هن انڪار ڪري ڇڏيو، پوءِ احساس ٿيو هوم ته هُنَ انڪار ڪري منهنجي مشڪل آسان ڪري ڇڏي هئي. پر هاڻ عنبرين پاڻ شاديءَ لاءِ چئي، منهنجي اندر هڪ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو هو. مون کي انهيءَ ڳالهه به پريشان ڪيو هو ته خود عنبرين کي جڏهن مون شاديءَ لاءِ چيو هو ته هن ٻين ڳالهين سان گڏ اِها به ڳالهه ڪئي هئي ته مان سيڪنڊ وائيف ٿيڻ پسند نه ڪندس. ۽ نه ئي ٻي عورت جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ قبوليندس. پر هاڻ هن پاڻ سيڪنڊ وائيف ٿيڻ يا ٻي زال جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ ڪيئن پسند ڪري ورتو.

مون کي سڄي رات ننڊ نه آئي. گهڙيءَ لاءِ جيڪڏهن منهنجي ذهن ۾ اهو خيال آيو ٿي ته مان عنبرين سان شادي ڪري وٺان، ته انهيءَ وقت ذهن ۾ پوري شدت سان انهيءَ ڳالهه جي مخالفت اُڀري ٿي. مون پاڻ کي

ڏاڍو بزدل محسوس ڪيو. مون ۾ ايڏي همت ڪانہ هئي، جو مان اهڙي عورت سان شادي ڪريان، جنهن سان منهنجا ستَ سال اهڙا تعلقات رهيا هجن، جيڪي شاديءَ کان پوءِ ٿين ٿا گهرجن.

ٻي طرف مون کي اِهو بہ ڊپ هو تہ جيڪڏهن مون انڪار ڪيو تہ عنبرين نہ ڄاڻ انهيءَ جو ڪهڙو اثر وٺندي. مون سان تعلقات رکندي يا ٽوڙي ڇڏيندي.

مان ڪو فيصلو نہ ڀي ڪري سگهيس. نہ مان عنبرين سان شادي ڪري ڀي سگهيس، نہ ڪيس ڇڏي ٿي سگهيس. مون ۾ عنبرين جي سامهون وڃڻ جي همت بہ نہ هئي، ڇو تہ سامهون وڃان ها تہ عنبرين کي جواب ڏيڻو پوي ها، ۽ مان عنبرين کي ڪهڙو جواب ڏيان ها. نيٺ مون عنبرين کي خط لکيو تہ ـــــ جڏهن مون توکي شاديءَ لاءِ چيو هو، تڏهن تو انڪار ڪري ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ نئون فيصلو تو دير سان ڪيو آهي. بهتر ٿيندو تہ جهڙيءَ ريت تعلقات هلي رهيا آهن، في الحال اهڙي نموني ئي هلندا رهن، جيستائين مان حالتن تي قابو پائي وٺان. ڇو تہ هاڻ ٻار بہ وڏا ٿي ويا آهن. ڪي خانداني مونجهارا بہ آهن. ڪجهہ اهڙيون الجهنون بہ آهن، جن کي سلجهائڻ گهران ٿو. بهرحال مان انهيءَ مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهيان.

خط عنبرين کي موڪلي، مان ڳوٺ هليو ويس. مون ۾ عنبرين جي جواب پڙهڻ جي همت نہ هئي. هن ڀيري مان ڳوٺ يڪا سرا ٽي مهينا رهي پيس. گهر وارا ۽ خود ڳوٺ وارا بہ حيران هئا تہ مان آخر ايترو وقت ڳوٺ ۾ ڇو رهيو پيو آهيان، جڏهن تہ اڳ ۾ هفتي ڏيڍ کان مٿي نہ رهندو هوس.

ٽن مهينن کان پوءِ ٻيهر وري ڪراچي موٽيس. پوري واٽ مون کي اِها اُڻ تڻ تہ عنبرين جو رويو هاڻ مون سان ڪهڙو هوندو. ڇا هوءَ هاڻ بہ

مون سان تعلقات رکندي يا نه. هاڻ مان هن جي سامهون ٿيندس به
ڪيئن.

خيالن جو هڪڙو نه ڪٽندڙ سلسلو هو، جيڪو نه ڪٽو، رستو ڪٽجي پيو،
۽ ڪراچي اچي ويئي. ڊرائيور بنگلي جي ٻاهران هارن ڏنو. بخشل گيٽ
کوليو، ۽ ڪار پورچ ۾ اچي بيٺي. مان سڌو بيڊ روم ۾ ويس، ۽ باٿ روم
مان ٿي، بيڊ تي اچي ليٽس. مونکي عنبرين پي ياد آئي. ساڻس پوئين
ملاقات اِتي ئي ٿي هئي. انهيءَ بيڊ تي هوءَ ويٺي هئي. جتي هُن هڪ اهم
فيصلي ڪرڻ لاءِ مون کي چيو هو، مون فيصلو ڪيو، پر فيصلو سندس
حق ۾ نه هو.

بيڊ روم جي در تي ڪڙڪو ٿيو ۽ پوءِ بخشل اندر لنگهي آيو. هُن هڪ
خط آڻي ڏنو. لفافي تي ڪجهه به لکيل ڪونه هو، جنهن مان اندازو
لڳائي سگهجي ته خط ڪنهن جو آهي. مون خط کوليو، خط عنبرين جو
هو. مون ڏڪندڙ هٿن ۽ ڌڙڪندڙ دل سان پڙهيو، نهايت مختصر هو:

تنهنجي خط مان تنهنجي دل جو ارادو سمجهي ورتو اٿم. مان ملڪ
ڇڏي وڃي رهي آهيان.

عنبرين

منهنجي اکين اڳيان ڄڻ اونداهه ڇانئجي ويئي. لڳم ته دل اجها ٿي بند
ٿئي. دل چاهيم ته ڪيئن به ڪري عنبرين سان هينئر جو جو هينئر
ملان. کيس چوان ته مان تو سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان توکان
سواءِ زندگي گذاري ڪونه سگهندس. تون مون کي ڇڏي نه وڃ.

پر عنبرين واقعي ڪنهن ٻاهرين ملڪ وڃي چُڪي هئي. مون سندس
مائٽن وٽان پڇا ڪرائي. ٻين ڄاڻ سڃاڻ وارن کان به پڇيم. سڀني
انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي ته هو ٻاهر وڃي چُڪي آهي. سندس
ڪاليج مان پڇا ڪرايم، خبر پئي ته هن استعفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. مون
کي ڪنهن وٽان به اها خبر نه پئجي سگهي ته عنبرين ڪهڙي ملڪ

ويئي آهي. مان ايڏو بي چين هوس، جو پتو پويم ها تہ هوءَ ڪهڙي ملڪ ويل آهي تہ ويجي اُتي پهچان ها.

هاڻ مون کي افسوس ٿي رهيو هو تہ مون عنبرين سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڇو ڪيو. مان هرويرو پنهنجي خاندان ۽ سوسائٽيءَ کان ڊنس. جيڪڏهن مان عنبرين سان شادي ڪريان ها تہ آخر ڪهڙو آسمان اچي منهنجي مٿي تي ڪري ها.

پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو، هاڻ تہ تمام گهڻي دير ٿي چُڪي هئي.

هڪ ڏينهن مان جڏهن ڪراچيءَ جي هڪ وڏي هوٽل ۾ ڪنهن شاديءَ ۾ شريڪ هوس تہ اوچتو ڪنهن ڇوڪريءَ مونکي سلام ڪيو. مون ڪيس سڃاتو ڪونہ. هوءَ وڏي اچي منهنجي اڳيان بيٺي ۽ مون کان پڇيائين، "آپا عنبرين تہ ملڪ کان ٻاهر آهي نہ." تڏهن مون ڪيس سڃاتو، هوءَ نرمين هئي. عنبرين جي اسٽوڊنٽ، ساڻس ملاقات منهنجي گهر ۾ ٿي ٿي هئي. مون کي دل ۾ آيو تہ ڪائنس پڇان تہ ـــ توکي خبر آهي عنبرين ڪهڙي ملڪ ويئي آهي. سال ٿي ويو اٿس ڪيس ويئي، پر مون کي خبر نہ پيئي آهي تہ ويئي ڪٿي آهي. پر ڪائنس نہ پڇيم.

منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ هن پڇيو، "آپا جا خط تہ ايندا هوندا."

مون سندس سوال جو جواب نہ ڏيئي ڪائنس پڇيو، "اوهان اجا پڙهو پيا؟"

چيائين، "نہ، پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي ڏنم." وري منهنجي سوال کان بچڻ لاءِ يڪدم چيائين، "هڪ ڀيرو مان اوهانجي گهر آئي هيس، ڪڏهن اوهين بہ اسان جي غريب خاني تي اچو نہ."

مون ورندي ڏنيمانس، "ضرور حاضر ٿيندس."

هُن مون کي پتو بہ ڏنو، جيڪو ڪجهہ سمجهيم، ڪجهہ ڪونہ سمجهيم.

انهيءَ ڳالهہ کي ٽورائي ڏينهن ٿيا هئا، مان طارق روڊ جي ڪنهن دڪان تي ويس. واپس پي وريس تہ بلڊنگ جي ڪاريڊار ۾ نرمين ملي ويئي. مون کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ وٺي رڙ ڪيائين:

"اڙي توهان!" ڄڻ مون کي ڏسي ڪيس عجب ٿيو هجي.

مون مُرڪي چيو، "اوهان بہ تہ اِتي آهيو."

هن ڏاڍي معصوميت سان چيو، "اسين تہ اوهان جي پيٽ ۾ غريب ماڻهو آهيون. ڪڏهن شاپنگ، ڪڏهن ونڊو شاپنگ." هن کلي ڏنو. هن جي کِل ڏاڍي وڻندڙ هئي. "اوهين اِتي ڪيئن آيا." هن پڇيو.

"هتي هڪ سٺو درزي آهي،" ٻڌايو مانس، "انهيءَ کي سوٽ جو آرڊر ڏيڻ آيو هوس. اوهين ڇا وٺڻ آيا آهيو."

"هڪڙو پرس، ۽ ڪجهہ ميڪ اَپ جو سامان گهربو هو."

"پوءِ ورتؤ؟" پڇيو مانس.

"نہ، هاڻ تہ آئي آهيان." هُن چيو.

"تہ پوءِ اچو، آءٌ اوهان جو ساٿ ڏيان." مون چيو. هن خوشيءَ سان منهنجو ساٿ قبوليو.

ڪاريڊار جو آخري دڪان ڪاسميٽڪ جو هو. مان ڪيس اندر وٺي ويس، مون ڪيس هڪ قيمتي سينٽ، پرس ۽ ميڪ اَپ جو تمام سهڻو سيٽ وٺي ڏنو. هن گهڻوئي 'نہ نہ' ڪئي، پر مون ڪيس چيو، "هيءَ گفت آهي. بہ پيرا نہ، نہ ڪري سگهو ٿا. ٽيون پيرو نہ، مينرس (Manners) جي خلاف آهي."

هوءَ سهڻي مُرڪ مُرڪي خاموشي ٿي ويئي. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ ڏاڍي خوش آهي. مون ڪيس چيو، "جيڪڏهن اوهان کي اعتراض نہ هجي تہ ڪجهہ دير ريسٽارنٽ ۾ گذارجي."

هُن آنا ڪاني ڪانہ ڪئي، ۽ مون سان اچي، منهنجي نئين ڪار ۾ ويٺي. مون ڪار اسٽارٽ ڪئي، ۽ علامہ اقبال روڊ تي، ياسمين ريسٽارنٽ ۾ اچي ويٺاسين، مون سنيڪس ۽ فريش آرينج جوس جو آرڊر ڏنو.

ڳالهين ڪندي هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ شبيرآباد ۾، هڪ ننڍي مسواڙي فليٽ ۾ رهندي آهي. ساڻس گڏ سندس ماءُ ۽ هڪ ننڍي ڀيڻ رهنديون آهن. پٽس کي گذاري ڪجهہ سال ٿيا آهن. انهيءَ ڏينهن جنهن وڏي هوٽل ۾ ساڻس ملاقات ٿي هئي، اُها سندس ڪلاس ميٽ فرينڊ جي شادي هئي.

اٿڻ وقت مون کيس گهر پهچائڻ جي آفر ڏني. ۽ هُن اها قبول ڪري ورتي.

امير خسرو روڊ تي اچي مون ڪار ليفٽ تي ٽرن (Turn) ڪئي. رستي جي ٻنهين پاسي بنگلا هئا. بنگلا ختم ٿيڻ کان ڪجهہ اڳ مون نرمين کان پڇيو، ”هاڻ فليٽ شروع ٿيندا، اوهان جو فليٽ ڪٿي آهي؟“

نرمين کلندي چيو، ”اوهان تہ هتي جي علائقي کي پوريءَ طرح سڃاڻو ٿا. اِها جيڪا پهرين گهٽي آهي رائيٽ تي، انهيءَ ۾ مُڙجو.“

مون انهيءَ گهٽيءَ ۾ ڪار موڙي. ٻہ ٽي بلڊنگون ڇڏي، هڪ بلڊنگ وٽ هن ڪار روڪائي. هوءَ لٿي، تہ مون وڃڻ جي اجازت گهُري، پر هن تمام زور رکيو تہ ـــ مٿي هلو. نيٺ مون کي مٿي وٺي پيو. سوڙهي ڏاڪڻ هئي. سيڪنڊ فلور تي سندن فليٽ هو. هن در تي بيل وڄائي. هڪ ننڍي ڇوڪري اچي در کوليو. مون کي ڏسي، نهايت مهذب طريقي سان سلام ڪيائين. نرمين ٻڌايو تہ هيءَ سندس ننڍي ڀيڻ نريمان آهي.

نرمين مون کي گهر جي اندر وٺي هلي. در جنهن ڪمري ۾ کليو، اُهو ڊائننگ روم ٿي لڳو، جنهن ۾ ڊائننگ ٽيبل، چيئرس ۽ ڪجهہ ٻيو

سامان هو. ڊائننگ روم جو ٻيو دروازو ڊرائنگ روم ۾ کليو ٿي، جنهن ۾ نرمين وچي ويهاريو. ڊرائينگ روم ۾ صوفا پيل هئا. هڪڙو ننڍو قالين فرش تي وڇايل هو. نرمين مونکي وهاري، ڊائننگ روم ڏانهن وڃڻ لڳي ته مون کيس چيو، "مهرباني ڪري ڪا تڪليف نه ڪجو. هينئر ئي ته ريسٽارنٽ مان اُٿيا آهيون." هُن مڙي مون ڏانهن ڏٺو. مون چيو مانس، "پليز..." هن جي چپن تي هلڪي وڻندڙ مُرڪ ڦهلجي ويئي، ۽ هو ڊائننگ روم ڏانهن هلي ويئي.

ڊرائنگ روم مان هڪ در ٻي ڪمري ۾ کُليو ٿي. انهيءَ مان نريمان نڪتي. نريمان ائن نون سالن جي نهايت سهڻي ۽ وڻندڙ ڇوڪري هئي. منهنجي چوڻ تي اچي منهنجي پرسان ويٺي. مان کائنس سندس اسڪول، سندس ڪتابن، ساهڙين ۽ ٻين ڳالهين جي متعلق پڇڻ لڳس. هوءَ تمام فري ٿي مون سان ڳالهائي رهي هئي. ڇڻ ورهين کان مونسان واقف آهي. مون کي ڏاڍو عجب پي لڳو ته ايڏي ننڍڙي ڇوڪري مون سان ڪيئن نه فري ٿي ويئي آهي. ٻي ڳالهه جيڪا مون کي ڏاڍي وڻي، سا اها ته هوءَ نهايت فضيلت واري هئي.

مون اڃا ساڻس ڳالهايو ئي پئي ته نرمين ڪمري ۾ گهڙي، ساڻس گڏ هڪ پنجاهه پاونجهه سالن جي عورت هئي. مان تعظيم ڏيڻ خاطر اُٿي بيٺس. نرمين تعارف ڪرائيندي ٻڌايو، "هيءَ منهنجي امي آهي."

نرمين جي امي به نهايت قرب ۽ مهذب طريقي سان پيش آئي. مون ڪجهه دير ساڻن ڪچهري ڪئي، ۽ پوءِ کائن موڪلائي، هيٺ لٿس. نرمين مون کي هيٺ تائين ڇڏڻ آئي، مون ڪار جو در کوليو ته مون کي چيائين، "هيءَ پهريون ڀيرو، آخري ڀيرو نه ٿيڻ گهرجي. اسان غريبن جي گهر ۾ اوهان کي تڪليف ته ضرور ٿي هوندي. پر مون کي اميد آهي ته اوهان وري به اسان کي عزت بخشيندا."

مون جواب ڏنو مانس، "مون کي توهان سا ملي، ۽ توهان وٽ اچي

خوشي ٿي آهي. اوهان جي امي ۽ نريمان سان ملي به خوش ٿيو آهيان. مان ضرور ايندس. پر اوهان به ته مون وٽ اچو نه. چونڊا هنَ ڇنڇر رات، ماني مون وٽ کائو." مون ڪيس ڏسندي چيو. هن ڪجهه گهڙيون سوچيو، پوءِ چيائين، "ٺيڪ آهي. اسين ايندا سين." ۽ پوءِ مُرڪي ڏنائين. مان ڪار جو در کولي ويٺس، ڪار اسٽارٽ ڪيم، ۽ موڪلائڻ لاءِ هٿ دريءَ تائين آندم. هن به هٿ مٿي ڪنيو ۽ ڪار اڳيان وڌي ويئي.

مان امير خسرو روڊ تان ٿيندو، پنهنجي گهر، ميران محمد شاهه روڊ ڏانهن وڃڻ لڳس. پوري رستي منهنجي ذهن ۾ نرمين سمايل هئي. سندس مُرڪ، سندس ڪِل، سندس ڳالهائڻ جو انداز، سڀ ڪان وڌ سندس اکيون. سندس اکيون نهايت سهڻيون هيون. اهڙيون، جو هڪ ڀيرو ڏسڻ ڪان پوءِ، گهڙي گهڙيءَ ڏسڻ تي دل چاهي.

مون هنَ ملاقات ۾ پاڻ کي نرمين ڏانهن ڇڪجندو محسوس ڪيو. شايد انهيءَ ڪري به ته عنبرين کان جدا ٿيڻ کان پوءِ، مون پاڻ کي ڏاڍو ويڳاڻو پي محسوس ڪيو. نرمين ڏانهن ڇڪَ فقط هن جي خوبصورتي، وٺندڙ مرڪ يا سهڻين اکين جي ڪري نه هئي. بلڪ اِهو به ته هن جو تعلق به عنبرين سان رهيو هو. نرمين سان ملي مون کي ائين لڳو ته مان عنبرين کي ويجهو ٿيو آهيان.

ڪار اچي بنگلي جي ٻاهران بيٺي. ڦاٽڪ کليو ته ڪار پورچ ۾ ٿي، مان گهر ۾ گهڙيس. پنهنجي وڏي ۽ خوبصورت بنگلي ۾ پهچي مون کي چڻ سڪون مليو، نرمين ۽ سندس گهر وارا گهڻا ئي سٺا، پر مون کي سندس گهر ۾ گُهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ٿي هئي. مون اچڻ سان بخشل کي بيڊ روم جو A. C کولڻ لاءِ چيو، ۽ ڪپڙا مٽائي پلنگ تي ليٽي پيس. درَ تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ گهڙيءَ کن کان پوءِ در کليو. ڪريم ڏاڍي ادب سان اچي پڇيو، "سائين مانيءَ ۾ ڇا تيار ڪريان."

مون ڪجھ دير سوچيو، ۽ پوءِ چيومانس، ”چڪن ڪارن سوپ ناهي وٺ ۽ هڪڙو چڪن تڪو Bar. B. Q ڪري وٺ. وڌيڪ ڪجھ به نه.“

ڪريم ’حاضر سائين‘ چئي هليو ويو.

دراصل مون کي پاڳن سان ڪريم، ڪُڪ تمام بهترين مليو آهي. جيڪو سنڌي ته ناهي، پر سنڌي کاڌن سان گڏوگڏ انگلش، چائينز ۽ سائوٿ انڊين کاڌا به تيار ڪري ڄاڻي. ڪريم کان علاوه به چار پنج نوڪر هر سائيز ۽ هر عمر جا آهن. پر اُهي سيئي ڳوٺان آندل آهن. ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ جا نوڪر ايتري خدمت ڇا ڪري نه ڪندا، جيتري ڳوٺاڻا ڪن ٿا. هنن جي ذهنن ۾ اِها ڳالهه به آهي ته سيد جي خدمت ڪبي ته قيامت سڌرندي. پر هنن ويچارن کي اها خبر ئي ڪانهي ته سيد جي ٻچي کي پنهنجي قيامت جي سڌرڻ جي پَڪَ به ڪانهي.

مان ننڊ ۾ سُتل هوس جو فون جي گهنٽي وڳي. مان جاڳيو ته پيس، پر اکيون کونه کوليم، جو سمجهيم ته اجا رات آهي، ۽ پڪ رانگ نمبر هوندو. پاڻهي هڪ ٻه پيرا گهنٽي وڄي بس ٿي ويندي. پر گهنٽي لڳاتار پئي وڳي، نيٺ سِري رسيور کنيم ۽ ڪجھ رُڪائيءَ سان چيم، ”هليو.“ ٻئي پاسي کان آواز آيو، ”خير ته آهي نه، ڏاڍا ڪاوڙيل پيا لڳو.“

اڃا مان انهيءَ سوچ ۾ هوس ته هيءَ ڪير آهي، جو هِن پاڻ چيو، ”شفقت صاحب، مان نرمين پئي ڳالهايان.“

منهنجو موڊ يڪدم ٺيڪ ٿي ويو. ۽ مون لهجي کي نرم ڪندي چيو، ”او نرمين، توهان. مون کي خوشي ٿي ته اوهان مون کي فون ڪئي.“

نرمين چيو، ”مون فون انهيءَ ڪري ڪئي ته اڄ اوهان ڊنر تي اسانکي سڏيو آهي. مون سوچيو، اوهان وڏا ماڻهو آهيو، متان اوهان کي ڳالهه ئي

وسري ويئي هجي يا اوهين ڪٿي هليا ويحو، ۽ اسين غريب اچي رُلي ويحون.“

”نه نه، ائين ڪئين ٿو ٿي سگهي. مان هينئر کان ئي اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهيان. سچ پچ اڄوڪو ڏينهن سڀاڳو آهي. صبح سوير اوهان جو پيارو آواز ٻڌو اٿم. ۽ اڄ رات جو اوهان ۽ اوهان جي فئملي ۽ سان گڏ جي ڊنر ڪرڻ جو موقعو ملندو.“

ٻئي پاسي نرمين کِلي رهي هئي. ”شفقت صاحب، اوهان صبح سوير پيا چئو، هينئر ته ڏهه به لڳي چُڪا آهن. ڇا صبح سوير، اوهانجي لاءِ ڏهين وڳي ٿيندي آهي.“

مون کان رڙ نڪري ويئي، ”Oh my God، نرمين اوهان جي مهرباني جو اوهان مون کي اُٿاريو. دراصل دير تائين سمهڻ جي عادت پئجي ويئي اٿم.“

”وڏا ماڻهو جو ٿيا.“ نرمين وري کِلندي چيو.

”نه نه، اهڙي ڳالهه ڪانهي،“ مون يڪدم چيو، ”وڏو ماڻهو ڪو نه آهيان. فقط ماڻهو آهيان.“

”چڱو شفقت صاحب، رات جو ملاقات ٿيندي، مون اوهان جو ڪافي ٽائم وٺي ڇڏيو. خدا حافظ.“

مون به ’خدا حافظ‘ چئي فون بند ڪئي. مون دل ۾ نرمين جا ٿورا ميڃيا جو هِنَ فون ڪري مون کي ياد ڏياريو، ڇو ته مون کي اِهو وسري ويو هو ته ڪو اڄ مون کين ڊنر تي سڏيو آهي.

مون پلنگ جي Side ٽيبل تي رکيل لئمپ ٻاري واچ ۾ ڏٺو. سوا ڏهه لڳا هئا. دراصل مون کي روشني ۾ ننڊ نه ايندي آهي، انهيءَ ڪري ڪمري جي درين تي تمام ڳرا پردا پيل هوندا آهن. ۽ گلاس ٽنٽيڊ آهن، تنهنڪري سوجهري ٿيڻ جو پتو ئي نه پوندو هو.

مون اُٿي در جو اندريون لاڪ کوليو ۽ ڪارڊليس بيل جو بٽڻ دٻايم.

بيل تي بخشل آيو، بيڊ روم ۾ ڪريم ڪان علاوه فقط بخشل ايندو آهي. اسان جو خانداني نوڪر آهي. اسان جي وڏن بخشل جي وڏن کي ٽڪن تي خريديو هو. تڏهن کان، نسلن کان، اهي اسان وٽ نوڪر آهن. انهن جو مايون گهرن ۾، ۽ مرد ٻاهر اوطاقن/ بنگلن ۾. پهرين انهن کي ٻانها ۽ ٻانهيون يا گولا ۽ گوليون چئبو هو، پر هاڻ سڌريل زماني ۾ ڳوٺن ۾ درَ جا ماڻهو ۽ شهرن ۾ نوڪر. انهن نوڪرن مان ڪي اهڙا نوڪر به آهن، جن کي اسان جي خاندان جي بيبين جو کير پيتل آهي، اُهي اسان جي گهرن ۾ به ايندا آهن. کير پيارڻ جو طريقو به عجيب آهن. ٻانهن يا گولن کي بيبيون پنهنجي ڇاتين سان کير ڪئين پيارينديون؟ اِها هنن جي توهين هئي. تنهنڪري ڇاتين مان کير ڪنهن وٽيءَ ۾ ڪڍي، اُها انهيءَ ٻانهي يا گولي کي پياربو هو. کير پياربو انهيءَ ڪري هو، جو جيئن هو ٽيج شريڪ جي حيثيت ۾ گهر ۾ ڪم ڪار سان اچي سگهن.

مان ويجي ڪٽي کان ڪٽي پهتس. بخشل منهنجي انتظار ۾ هٿ ٻڌيو، ڪنڌ نمايو بيٺو هو، مون بخشل کي چيو، "بابا، هن ڪريم کي سڏ. اڄ دعوت آهي، مون کي ته ڳالهه ئي وسري ويئي هئي."

هو 'حاضر بابا' چئي هليو ويو. ۽ مان اخبار کڻي باٿ روم ۾ هليو ويس. مون کي عادت آهي ته صبح جو باٿ روم ۾ ويندو آهيان ته اخبار اُتي پڙهندو آهيان.

باٿ روم مان نڪتس ته بخشل سان گڏ ڪريم به بيٺو هو. مون ڪريم کي چيو، "اڄ ڊنر تي ڪجهه مهمان اچي رهيا آهن. تون تمام سُٺو ڪُڪ آهين، پر مان چاهيان ٿو، اڄوڪي دعوت ۾ جيڪي کاڌا هجن، اُهي نهايت لذيذ هجن."

ڪريم ڏاڍي نوڙت سان چيو، "سائين، جنهن لاءِ حڪم ڪريو."

مون ڪجهه دير سوچيو، پوءِ چيم، "هيئن ڪر. مٽن برياني، شامي

ڪباب، چڪن روسٽ، چڪن مسالا ۽ هڪ ٻه سوئيٽ ڊش ڪري وٺ.“

ڪريم ۽ بخشل ويا ته مان پلنگ تي ليٽي اخبارن جون رهيل خبرون پڙهڻ لڳس. ڪجهه دير ڪان پوءِ بخشل نيرن بيڊ روم ۾ پيل ننڍي ٽيبل تي آڻي رکي، ۽ مان نيرن ڪرڻ لڳس.

ڪي ڳالهيون مون ۾، ٻين ماڻهن ڪان مختلف آهن. جيئن مان نيرن کائڻ کان پوءِ شيو ڪريان، وهنجان ۽ تيار ٿيان. اخبارن جون هيڊ لائنس صبح باٿ روم ۾ پڙهان. پلي ڪيڏي به اهم خبر هوندي، باٿ روم ۾ فقط هن جي هيڊ لائين ئي پڙهندس، پوري خبر، نيرن ڪان پهرين. بلڪ پوري اخبار پڙهڻ ڪان پوءِ ئي نيرن ڪندو آهيان. شام جو چانهن ڪونه پيئان، بلڪ رات جي ماني ءَ ڪانپوءِ چانهن پيئان. سنڌي هئڻ جي باوجود دال پت ڪونه وٺيم. دل مانيءَ سان کائڻ پسند ڪندو آهيان.

نيرن کائي واندو ٿيس ته مون کان وقت گذارڻ ڏکيو ٿي پيو، يا ته مون کي اِها ڳالهه ئي وسري ويئي هئي ته ڪو مون نرمين کي اڄ مانيءَ تي سڏيو آهي. يا جڏهن نرمين ياد ڏياريو ته هاڻ اها بي چيني ته نه چاڻ ڪڏهن رات ٿيندي، ڪڏهن نرمين ايندي. دراصل جڏهن کان عنبرين جدا ٿي هئي، مون پاڻ کي ڏاڍو اڪيلو پي محسوس ڪيو، ڳوٺ کان ائين ئي بيزار هوندو هوس. عنبرين جي ڪري شهر وٺڻ لڳو هو، پر ڪائنس جدائي شهر کان به پري ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪڏهن شدت سان احساس ٿيندو هوم ته مون عنبرين سان چڱو نه ڪيو. انهيءَ معاملي ۾ مان پاڻ کي ئي ڏوهاري سمجهندو هوس.

پر جڏهن پوين پيري نرمين ملي هئي، ته مون نرمين ۾ سهاري جي جهلڪ محسوس ڪئي. ۽ اڄ جڏهن نرمين فون ڪئي ته مون کي پَڪَ ٿيڻ لڳي ته نرمين ئي منهنجو سهارو بڻبي. ڇو ته هن کي مون وٽ اچڻ

جي ايڏي خواهش هئي، جو هن مون کي صبح سان فون ڪئي، جڏهن تہ وٽن فون ڪانهي. ظاهر آهي ڪيس ڪنهن دڪان تان وچي فون ڪرڻي پيئي هوندي.

مون کي اڄ ائين پي لڳو تہ وقت گذري ئي نہ پيو. ڪلاڪ اڳ ڏنو هوم تہ يارنهن لڳا هئا، هاڻ ڏنم تہ ساڍا يارنهن لڳا هئا، حالانڪ هن وقت گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن جا ٻارنهن لڳڻ گهرجن.

مان وقت گذارڻ خاطر، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ لڳس، ۽ ڪمري ۾ رکيل شئين کي جانچڻ لڳس تہ صحيح هنڌ تي رکيل آهن يا ڪونهن، صاف ٿيل آهن يا ڪونهن. جيتوڻيڪ سيئي شئيون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيل هيون، ۽ صاف ستريون هيون. پر مان مطمئن نہ ٿيس، ۽ نوڪر ڇوڪري کي سڏائي، سيني شئين کي پنهنجي اڳيان صاف ڪرايم. ۽ ڪن شئين جي ترتيب بہ مٽايم. انهن ڪمن ۾ ڪجهہ وقت گذريو، جيتوڻيڪ لڳم پي تہ اهي ڪم هرويرو ڪرايا اٿم. شايد انتظار جي بي چيني ۽ ڪان مجبور ٿي.

ڏيڊ وڳي مون کي ٻڌايو ويو تہ ٻن پهرن جي ماني تيار آهي. پر مون ماني ٻين وڳي ڊائننگ ٽيبل تي لڳائڻ لاءِ چئي، جڏهن مطمئن ٿيس تہ سيئي ڪمرا ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويا آهن.

ماني کائي، مان ڪا مخزن کڻي اچي بيڊ روم ۾، پلنگ تي ليٽس. مون کي جيترو نرمين جو انتظار هو، لڳم تہ اڄ منجهند جو ننڊ نہ ايندي، پر مخزن پڙهندي ننڊ اچڻ لڳي، ۽ مون بتي وسائي ڇڏي.

اک کلي تہ اونداهہ ڦهليل هئي. پهرين تہ پريشان ٿي ويس تہ شايد رات ٿي ويئي. پر جڏهن بتي ٻاري ڏٺم تہ شام جا ڇهہ ٿيا هئا.

دراصل اونداهہ ٻاٽ ۾ سمهڻ ڪري، اڪثر وقت جو اندازو ئي نہ ٿيندو آهي. مان بيڊ تان اُٿيس ۽ ڪباٽ کوليم. مان فيصلو نہ پي ڪري سگهيس تہ مان ڪهڙا ڪپڙا پايان. ڪيترا ئي ڪپڙا ڪڍيم، پر

ڪو نہ پيو وٽي. شايد انهيءَ جو سبب اِهو هو تہ مان اڃا پنجاهہ کي پهتو هوس، ۽ نرمين پاويهن ٽيويهن سالن جي هوندي. مون چاهيو پي تہ مان اهڙا ڪپڙا پايان، جنهن ۾، عمر ۾ ڪجهہ گهٽ ڏسڻ ۾ اچان.

مون نندي پانهن سان شرٽ ڪڍي، ۽ پينٽ. مون کي اها ڳالهہ وٺي ڪانہ پي تہ گهر ۾ دعوت هجي ۽ مان شرٽ پينٽ پائي وِهان. پر مون فيصلو ڪيو تہ مونکي اهي ئي ڪپڙا پائڻ گهرجن.

مون صبح جو شيو ڪئي هئي، ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ اڇن وارن کي ڪلر ڪيو هوم، پر صبح وري جتي بہ وارن ۾ اڇاڻ محسوس ڪيم، اُتي ڪلر ڪيم. ۽ هينئر وري شيو بہ ڪيم. ڪپڙا مٿائي اچي آرسيءَ ۾ پاڻکي ڏسڻ لڳس. هر زاويي سان ڏٺم، ۽ پنهنجي پاڻ سان مخاطب ٿيس: شفقت شاهہ، تون اڃا بہ سهڻو آهين. ۽ وڌ ۾ وڌ چاليهن سالن جو لڳين ٿو.

مون سينٽ پي هنئين تہ بيڊ روم جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. مون مُڙي ڏٺو. در تي بخشل بيٺو هو. مون کي پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺائين تہ چيائين، "سائين، مهمان اچي ويا آهن. مون کين ڊرائنگ روم ۾ وِهاريو آهي."

مون واچ ڏانهن ڏٺو، اڃا تہ ستَ بہ نہ ٿيا هئا. پر مان خوش ٿيس تہ چڱو ٿيو تہ اچي ويا. گهٽ ۾ گهٽ انتظار کان تہ جند ڇُٽي.

مان ڊرائنگ روم ۾ گهڙيس تہ نرمين ۽ سندس نندي ڀيڻ اُتي بيٺيون. ماڻس اُٿڻ لڳي تہ مون وڌي وچي کيس اُٿڻ کان منع ڪئي، ۽ پاڻ بہ وچي سندس ڀرسان واري صوفي تي ويٺس. مون کائن خير وعافيت پڇي پي تہ چوڪرو گلاس ۾ ٿڌو ڪٽي آيو. انهن ٽنهين کي ڏيئي، پوءِ مون کي ڏنائين.

نرمين جي ماءُ مون کي چيو، "اوهان جو گهر نهايت سهڻو آهي. شئين جي خوبصورتي ۽ نفاست مان اوهانجي اعليٰ ذوق جو پتو پوي ٿو." هُنَ

هٿ ۾ جهليل نهايت نفيس انگوري رنگ جي گلاس کي ڏسندي چيو.

مون مُرڪندي وراڻيو، "اِهو اوهان جو حسنِ ذوق آهي. مان نٿو سمجهان تہ ڪا اهڙي ڳالهہ آهي."

نريمان، جنهن سندس گهر ۾ ڏاڍو پيءِ ڳالهايو ٻولهايو، اڄ ماٺ هئي. ائين پي لڳو تہ هوءَ وڏو بنگلو، سهڻو ڊرائنگ روم، نوڪر چاڪر ڏسي ڪجهہ هيسجي ويئي هئي. پر اڄ نرمين جي ماءُ ٻهرين جي ٻيٽ ۾ وڏيڪ پنهنجائپ سان ڳالهائي رهي هئي.

مون نريمان کي سڏي پاڻ وٽ وهاريو ۽ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳس. ٿوري دير ۾ هوءَ مون سان ٻهرين وانگر فري ٿي ويئي.

مان نرمين جي ماءُ ۽ نرمين سان مختلف موضوعن تي ڳالهائڻ لڳس. ڪافي دير ڳالهائڻ کانپوءِ مون بيل جو بٽڻ دٻايو. ٿور دير ۾ بخشل ڊرائنگ روم ۾ آيو. مون کائنس پڇيو، "ماني تيار آهي."

هُن جواب ڏنو، "ها سائين تيار آهي."

مون نرمين جي ماءُ کان پڇيو، "ماني کائڻ جي متعلق ڇا خيال آهي."

نرمين جي ماءُ، نرمين ڏانهن ڏٺو، جنهن چيو، "کائڻ گهرجي."

مون بخشل کي چيو، "ماني لڳرايو." هو ويو، ۽ ڏهن پندرنهن منٽن کان پوءِ اچي ٻڌايائين تہ "ماني ٽيبل تي لڳي چُڪي آهي." مون هلڻ لاءِ چيو، ۽ هو ٽئي اُٿيون.

ڊرائنگ روم مان ٺي دروازو ڊائننگ روم ۾ کليو ٿي، ڊائننگ روم ۾ اچي مون نرمين جي ماءُ لاءِ ڪُرسي ڇڪي کيس وِهڻ لاءِ چيو، نرمين سندس ڀرسان ويٺي. نريمان کي مون پنهنجي ڀرسان وِهاريو. ميز تي کاڌن جا ڊش پکڙيل ڏسي نرمين چيو؛

"اوهان تہ ڇگو خاصو تڪلف کان ڪم ورتو آهي."

"نہ، اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. گهٽ ۾ گهٽ ايترا ڊشز تہ هئڻ ئي گهرجن."

”گهٽ ۾ گهٽ.“ نرمين کلندي چيو. نرمين جي اميءَ به انهيءَ تي مُرڪي ڏنو.

نرمين وارا و چئين ڪلاس جا هئا. پر مون ڏٺو، ڪاڏائون نهايت فضيلت سان، ۽ هر شيءِ ٿوري ٿوري پئي ڪنيائون.

جڏهن سيئي مانيءَ مان فارغ ٿيا، تہ مون کين بيڊ روم جي پرسان ئي ننڍي ڊرائنگ روم ۾ آڻي ويهاريو، جنهن کي عنبرين نهايت نفاست سان سينگاريو هو. انهيءَ ڊرائنگ روم ۾ موجود هر شيءِ عنبرين جي پسند تي آئي هئي. قالين ۽ پردا بہ.

نرمين سيني شين کي ڏسندي چيو، ”اوهان جي پسند واقعي شاندار آهي. مون تہ اُجا فقط تي ڪمرا ڏٺا آهن، پر داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهان.“

”پوءِ اچو تہ اوهانکي ٻيا ڪمرا بہ ڏيکاري ڇڏيان،“ مون چيو، ”تي سگهي ٿو ڪجهہ وڌيڪ داد بہ ملي وڃي.“

نرمين کِلي ڏنو.

مون نرمين جي اميءَ کي بہ جاءِ ڏسڻ جي صلاح ڪئي، پر هن چيو-
”اوهين نرمين کي ڏيکاريو اچو.“ نريمان ڏسڻ لاءِ اُٿي، پر ماڻس اشاري سان کيس ويهي رهڻ لاءِ چيو.

مان پهرين نرمين کي انهيءَ ڪمري ۾ وٺي ويس، جيڪو منهنجو سٽنگ (Siting) روم هو. انهيءَ کي لائبريري بہ چئي سگهجي ٿو. مون وٽ تاريخ، سوانح حيات، شاعري ۽ فڪشن تي سنڌي، انگريزي ۽ اڙدوءَ جا چڱا خاصا ڪتاب آهن. نرمين ساراهہ ڀريل نظرن سان ڏسندي رهي، پوءِ شيلف مان ڪجهہ ڪتاب ڪڍي، انهن کي ڏٺائين، ۽ پوءِ سندس چپن تي نهايت پياري مُرڪ تري آئي، هُن چيو، ”داد ڏنم.“

مون بہ مُرڪي چيو، ”مهرباني.“

لائونج ۾ آياسين تہ نرمين لائونج ۾ لڳل پينٽنگس ڏسڻ لڳي. جيڏي غور

سان هُن پينٽنگس ڏٺيون پي، انهيءَ مان لڳو تہ ڪيس پينٽنگ سان دلچسپي آهي. ۽ جڏهن هوءَ آخري تصوير ڏسي مڙي تہ چيائين، ”پينٽنگس ۾ بہ اوهان جي پسند نهايت اعليٰ آهي.“

”مهرباني،“ مون چيو. ”پر پينٽنگ سان اوهان کي بہ دلچسپي ڏسجي ٿي.“

”ٿوري ٿوري.“ نرمين مُرڪندي چيو.

”هاڻ ڏسڻ لاءِ فقط بيڊ روم بچيو آهي.“ مون چيو.

نرمين جي چپن تي شرارتي مُرڪ ڦهلجي ويئي. هن نظرون کڻي مون ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ چيائين، ”هلو، اهو بہ ڏيکاريو.“

”نہ ڏسڻ چاهيو تہ ضروري ڪونهي.“ مون شرارت منجهان چيو.

”نہ نہ، چونہ ڏسڻ چاهينديس.“ نرمين چيو.

مون بيڊ روم ڏانهن وڌي چيو، ”دراصل بيڊ روم ٽي آهن، پر بہ خالي آهن. جيڪو استعمال ۾ آهي، اُهو ئي ڏيکاريان ٿو.“

بيڊ روم ۾ گهڙندي، نرمين ڪان ڇڻ هلڪي دانهن نڪري ويئي، ”ايڏو وڏو بيڊ روم.“ هوءَ گول گهمي سڄي بيڊ روم کي ڏسڻ لڳي.

بيڊ روم ۾ بيڊ ڪان علاوه هڪ صوفا سيٽ، ڊرسينگ ٽيبل، رائٽنگ ٽيبل، ڪتابن جو هڪ شيلف، ۽ هڪ پوري پٽ ڪباٽن جي هئي.

نرمين بيڊ ڏانهن ڏسندي چيو، ”هيڏو وڏو بيڊ!“

”انهيءَ ڪري، مون چيو، ”تہ بہ ۾ جيڪڏهن ناراضگي تي پوي تہ هڪ کي بيڊ تي الڳ سمهڻ جو احساس ٿئي.“

نرمين وڏو ٽهڪ ڏنو. ۽ دير تائين کِلندي رهي. جڏهن هُن کِلي بس ڪيو تہ سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو هو. مون کيس چيو؛

”جيڪڏهن اوهان کِلي بس ڪيو هجي تہ هلون. اوهان جي امي ۽ نريمان ڪافي دير ڪان اڪيليون ويٺيون آهن.“

”ها، هلو.“ نرمين جواب ڏنو.

"نه پر اِها ته شاندار فلور آهي. سچ پچ مون انهيءَ کان سُٺي چانهن اڳ نه پيتي آهي."

"ارل گري پسند ڪرڻ جي مهرباني. هڪ پيري ارل گري سان سٺو جوڪ (Joke) ٿيو. منهنجا ڪي دوست آيا هئا. مون انهن کي ارل گري چانهن پياري. ٻن دوستن ساڳئي وقت ڳالهايو. هڪ چيو، شاندار خوشبو آهي. ٻي چيو ـــــ جهڙو صابڻ."

نريمان ۽ سندس امي کِلڻ لڳيون. نرمين آئسڪريم کائڻ ۾ مشغول هئي.

اوچتو نرمين جي امي وال ڪلاڪ ڏانهن ڏسندي چيو، "اوه، ساڍا ڏهه ٿي ويا. هاڻ اسان کي هلڻ گهرجي."

مون بخشل کي چيو ته- ڊرائيور کي چيو ته گاڏي ڪڍي.

نرمين جي اميءَ جو ته اصرار هو ته ڊرائيور اسان کي ڇڏي ايندو. پر مون چيو ته "نه، مان اوهان کي ڇڏي ٿو اچان." مون نرمين ڏانهن ڏٺو، هن جي اکين مان خوشي جهلڪا ڏيئي رهي هئي.

ڪار ۾ اڳيان مون سان نرمين ويٺي.

جڏهن مان کين سندن گهر ڇڏي موٽي رهيو هوس ته ڏاڍو خوش هوس. عنبرين جي جدا ٿيڻ کان پوءِ اڄ مون کي خوشي نصيب ٿي هئي.

هاڻ منهنجي نرمين سان روز ئي ملاقات ٿيندي هئي. جو ته مان روز وٽس ويندو هوس. اسين ڪڏهن سمنڊ جي ڪناري تي هليا ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪنهن ريسٽانٽ ۾، ۽ اڪثر منهنجي بنگلي تي.

نرمين جي گهر وارن جو گذارو سندن پيءَ جي پينشن ۽ انهن ٽيوشنس تي ٿيندو هو، جيڪي هوءَ ڏيندي هئي. پر پوءِ مان نريمان کي خرچي ڏيڻ جي بهاني ڪڏهن ٻه سؤ، ڪڏهن پنج سؤ ڏيئي ويندو هوس. شروع ۾ ته نرمين جي امي جهليو. پر پوءِ هوءَ هري ويئي.

نرمين جنهن فليٽ ۾ رهندي هئي، اهو ننڍو هو. مون سان ملڻ کان پوءِ به هو سال کن انهيءَ فليٽ ۾ رهيا. پو پوءِ مون هن کي محمد علي هائوسنگ سوسائٽيءَ جي ڪمرشل ايريا ۾ هڪ وڏو فليٽ مسواڙ تي وٺي ڏنو، جنهن جي مسواڙ مان ڀريندو هوس.

هاڻ مان سندن گهر جو ڀاتي ٿي ويو هوس. منهنجي ڪري هن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڪجهه فرق اچي ويو هو. ڪيڏانهن به وڃڻ لاءِ منهنجي ڪار موجود هوندي هئي. سواءِ تڏهن، جڏهن مان ڳوٺ ويندو هوس.

جڏهن گلشن اقبال ۾ وسندي وڌڻ لڳي ته مون نرمين کي اُتي هڪ ننڍو بنگلو وٺي ڏنو. هو فليٽ ڇڏي، بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويا. نريمان هاڻ نائنٿ ۾ داخل ٿي چڪي هئي.

هڪ ڏينهن مان نرمين سان گڏ، وڪٽوريا روڊ جي شيزان ريسٽارنٽ ۾ ويٺو هوس، مختلف ڳالهيون ڪندي، اوچتو نرمين مون کي چيو، ”شفقت صاحب پنهنجي ناتن کي هاڻ سادا چار سال ٿي ويا آهن. ڇا انهن سادن چئن سالن ۾ اوهان کي مون سان ڪا شڪايت ٿي آهي؟“

مون انهيءَ سوال تي ڇرڪ ڀريو. ”شڪايت!“ مون ڪجهه نه سمجهندي ڪيس چيو، ”نه، مون کي ته توسان ڪا به شڪايت ڪانهي. مطلب اِهو ته تو مون کي ڪڏهن به شڪايت جو موقعو نه ڏنو آهي. پر خير؟“

”پر مون کي اوهان سان شڪايت آهي.“ نرمين چيو.

”مون سان! ڪهڙي؟“ مون حيران ٿيندي پڇيو.

”ڏسو، اوهان چيو ته اوهان کي مون سان ڪا به شڪايت ڪانهي. حقيقت به اها آهي ته ايتري عرصي ۾، منهنجي پوري ڪوشش اِها رهي آهي ته اوهان کي مون سان ڪا به شڪايت نه ٿئي. ڇو ته اوهان جو رويو

مون سان– اسان سان تمام سٺو رهيو آهي. اوهان جي ڪري اسين وڏيڪ سٺا ڏينهن گذاري رهيا آهيون. نريمان سٺي اسڪول ۾ پڙهي پئي. اميءَ جون سڀئي ضرورتون به پوريون ٿين پيون. ظاهر ۾ منهنجيون سڀئي ضرورتون به پوريون ٿين پيون. پر حقيقت اِها آهي ته منهنجون ضرورتون اڻپوريون آهن.“

مون عجب ۾ نرمين ڏانهن ڏٺو، ۽ چيم، ”نرمين مان ته سمجهان ٿو مون ڪا ڪوتاهي نه ڪئي آهي. مون تنهنجي هر ضرورت جو خيال رکيو آهي. تنهنجي هر خواهش کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.“

”اوهان ائين سمجهو ٿا. اوهان کي ائين سمجهڻ جو حق به آهي، پر ائين آهي نه.“

مون حيرانگيءَ منجهان ڪيس ڏٺو. هن وري چيو:

”مان وري به چوان ٿي ته اوهان اسان کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي پر مون وٽ گهڻو ڪجهه هوندي به، تحفظ ڪونهي. مان ايترن سالن کان اوهان سان گڏ آهيان، پر منهنجي حيثيت ڪهڙي آهي؟ اوهان جي زال؟ — جيتوڻيڪ اسان جا تعلقات اهڙائي آهن. پر قانوني طور تي منهنجي ڪابه حيثيت ڪانهي، ڪڏهن اوهان اِهو سوچيو آهي ته جڏهن ڪو مون کان اوهان جي باري ۾ پڇندو آهي، ته هيءَ تنهنجو ڇا لڳي. تنهن وقت منهنجي حالت ڇا هوندي آهي. جيڪڏهن ٿوري دير لاءِ اِهو سوچجي ته اوهين مون کي ڇڏي ڏيو ته منهنجو ڇا ٿيندو. اڃا ته منهنجي عمر به ايڏي نه ٿي آهي. پوءِ ڪئين گذارجي هيءَ عمر؟“

مان ماٺ رهيس، مون وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه هوئي ڪونه. هوءَ به ڪجهه دير ماٺ رهي. پوءِ چيائين:

”منهنجي ڳالهين تي اوهان کي ناراض نه ٿيڻ گهرجي. مان ڄاڻان ٿي اوهان مونکي پيا نيو ٿا، دل سان گهرو ٿا، پر اوهان کي منهنجي مستقبل

لاءِ به سوچڻ گهرجي.“

نرمين کي سندس گهر ڇڏي، مان گهر موٽي آيس، پر هڪ ڀيرو وري منهنجو سڪون کسجي ويو. مون کي ائين لڳو ته اجها ٿي دل بند ٿئي.
مان آرام خاطر بيڊ تي ليٽي پيس، پر آرام فقط بيڊ تي ليٽڻ سان ته نه ملندو آهي. جڏهن ننڊ اکين ۾ نه هجي. دماغ ۾ سوچن جو طوفان هجي. سمجهه ڪم نه ڪندي هجي. دل کي سڪون نه هجي ته آرام ڪيئن ملي سگهندو.
هڪ ڀيرو مان وري اُتي اچي بيٺو هوس، جتي ڪجهه سال اڳ مون کي عنبرين آڻي بيهاريو هو، عنبرين ۽ نرمين، نرمين ۽ عنبرين. ٻه مختلف عورتون، پر ڳالهه ساڳي، شايد هر عورت ساڳي ڳالهه سوچيندي هوندي.
جڏهن عنبرين سنجيدگيءَ سان مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ته مون ۾ ساڻس شادي ڪرڻ جي همت پيدا نه ٿي. مون ۾ ايتري Cou-rage نه هئي. جو مان حالتن کي منهن ڏيئي سگهان. هاڻ وري نرمين ڳالهه ڪئي هئي. جيتوڻيڪ مون نرمين کي دل سان چاهيو ٿي. پر اُها ساڳي ڳالهه ـــــ هن کي اپنائڻ لاءِ همت نه پئي ساري سگهيس.
عنبرين جي ڪمي نرمين پوري ڪري ڇڏي هئي. عنبرين ۽ نرمين ۾ ڪو گهڻو فرق نه هو. ٻنهين جو تعلق مڊل ڪلاس سان هو. ٻئي سهڻيون هيون. البت عنبرين نرمين کان وڌيڪ پڙهيل هئي. عنبرين ۽ منهنجي عمرن ۾ گهڻو فرق نه هو، پر نرمين مون کان گهڻي ننڍي هئي.
مون سوچيو: منهنجي ڏيءَ جي شادي ٿيڻ واري هئي. هاڻ مان جيڪڏهن شادي ڪريان ته ماڻهو ڇا چوندا.
وري سوچيم: جيڪڏهن مون نرمين کي مطمئن نه ڪيو ته ٿي سگهي ٿو ته هاڻ هن جو رويو بدلجي وڃي. اهڙي حالت ۾ مان ڇا ڪندس.

هاڻ تہ فقط نرمين ئي منهنجو سهارو آهي. مون کي سُڪون، خوشي، آرام فقط نرمين وٽ ئي ملندو آهي.

جنهن ڏينهن نرمين شيزان ۾ مون سان ڳالهہ ڪئي هئي. انهيءَ جي ٻئي ڏينهن مان نرمين وٽ نہ ويو هوس. دراصل وٽس وڃڻ جي همٿ نہ ساري سگهيو هوس. پر ٽئين ڏينهن ويس. جڏهن مان ڪار مان لٿس تہ اڻ چاتل ڌپ کان منهنجي دل زور سان ڌڙڪي رهي هئي. اندر گهڙيس تہ نرمين سامهون بيٺي هئي. مون کي ڏٺائين تہ هميشہ وانگر سندس چپن تي وٽندڙ مُرڪ ڦهلجي وئي.

اسين وڃي نرمين جي ڪمري ۾ ويٺاسين. روز وانگر ڳالهيون ٽينديون رهيون. مان شام جو ويو هوس. رات جي ماني بہ اُتي کاڌي ۽ رات بہ اُتي رهيس. صبح جو پنهنجي گهر موٽي آيس.

نرمين سان ملاقاتن جو سلسلو ساڳي ريت جاري رهيو. مون پرکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر مون نرمين ۾ ڪا بہ تبديلي محسوس نہ ڪئي. جڻ شيزان ۾ انهيءَ ڏينهن نرمين مون، کي ڪجهہ چيو ئي ڪو نہ هو. يا شايد نرمين پنهنجي غلطي سمجهي، اُها ڳالهہ دل مان ڪڍي ڇڏي هئي. مان خوش هوس تہ زندگي وري پنهنجي محور تي هلي پئي.

نرمين جي ڪيل ڳالهہ کي ڪافي وقت گذاري ويو هو. مان ڪمن ڪارين سان ڳوٺ ايندو ويندو هوس. انهيءَ وچ ۾ منهنجي وڏي ڌيءَ جي شادي ٿي. شاديءَ جي موقعي تي مون کي چڱو خاصو وقت ڳوٺ ۾ رهڻو پيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا ڀيرا نرمين سان ملڻ جي ڇڪَ ٿي، پر مان ڪراچي وڃي نہ سگهيس.

جڏهن شاديءَ وارا هُل هنگاما سيئي ختم ٿي ويا تہ مان يڪدم ڪراچي ويس. منهنجي گهر کان اڳ ۾ نرمين جو گهر پيو ٿي. پر

جيڪڏهن منهنجو گهر اڳ ۾ اچي ها تہ بہ پهرين مان نرمين جي گهر ويجان ها.

مون در تي ڪار بيهاري ۽ بنگلي ۾ اند گهڙيس. پهرين ڊرائنگ روم پيو ٽي. اُتي ڪير ڪونہ هو. پرسان وارو ڪمرو نرمين جو هو، مان سڌو ڪمري ۾ هليو ويس. بيڊ تي نرمين آهلي پئي هئي. سائيڊ واري ڪرسيءَ تي هڪ نوجوان ويٺو هو. مون تي نظر پوندي ئي نرمين جي چهري تي ڪجهہ پريشاني ظاهر ٿي. اُهو نوجوان مون کي ڏسي اُٿيو، مون سان هٿ ملايائين، پر ويٺو ڪونہ، هليو ويو.

مون مُڙي هن کي ويندي ڏٺو، ۽ پوءِ نرمين کان پڇيم، ”هيءُ ڪير هو.“

”منهنجو هڪ عزيز آهي.“ نرمين بي پرواهيءَ سان چيو.

”پر انهيءَ کان اڳ، ايترا سال تہ مون هن کي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي.“

”مائٽ ڪڏهن بہ اچي سگهي ٿو.“ نرمين چيو.

”It's not fair مان توهان سان ايترو چڱو هليو آهيان.“

”بلڪل. مان ڪڏهن ٿي انڪار ڪريان. پر مان بہ اوهان سان سٺي هلي آهيان. اوهين اعتبار ڪريو يا نہ. پر مان اوهان سان بلڪل وفادار رهي آهيان. پر شفقت صاحب ڪيستائين. اوهان هينئر پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪري آيا آهيو. پر منهنجي لاءِ اوهان ڇا سوچيو آهي. ڇا سموري زندگي اوهان جا ۽ منهنجا تعلقات اهڙا ئي رهندا. يا تہ اوهين مون سان شادي ڪريو، يا مون کي حق ڏيو تہ مان پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ ساٿي ڳولهيان. مان اوهان کي اِهو بہ يقين ٿي ڏياريان تہ جيستائين مونکي ساٿي- جيون ساٿي نہ ٿو ملي، منهنجا اوهان سان ساڳيا تعلقات رهندا. پر انهيءَ کان پوءِ لاءِ مان ڪجهہ نٿي چئي سگهان.“

مان ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيس. نرمين جي ماٺ کانپوءِ ڪيتري دير ماٺ ڪيو ويٺو رهيس. ۽ پوءِ نرمين کي ڪجهہ چوڻ کان سواءِ اُٿيس، ۽ ٻاهر نڪري آيس. ڪار هلائيندي گهڙي گهڙي منهنجي اکين

اڳيان چڙ اونداهه ڇانئجي ٿي ويئي. نه ڄاڻ ڪيئن گهر پهتس. مون کي ائين محسوس ٿيو ته چڙ دل جو دورو پيو آهي. انهيءَ ڪري اوهان وٽ آيو آهيان.

ٿي سگهي ٿو ته هن ڀيري به دل جو دؤرو نه پيو هجي، پر اڄوڪي واقعي مون کي بنهه ٽوڙي ورتو آهي. عنبرين جو ساٿ ٽٽو ته نرمين ساٿ ڏنو. نرمين جي ساٿ ٽٽڻ کان پوءِ هاڻ مون کي ڪنهن به ساٿ جي ضرورت ڪانهي. بلڪ مون کي هاڻ زندگيءَ جي ساٿ جي ضرورت به ڪانهي."

شفقت شاهه پنهنجي ڳالهه پوري ڪري، خاموش ٿي ويو. سندس چهري مان مايوسي بکي رهي هئي. مون خاموشي ٽوڙيندي چيو:

"مايوس نه ٿيو. زندگي الله جي نعمت آهي، ۽ اها نعمت هڪ ڀيرو ئي ملندي آهي. همت ڪري هن کي سٺي نموني گذارڻ جي ڪوشش ڪريو. آءٌ اهو ڪونه ٿو چوان ته توهان پريشان نه ٿيو. پر اهو چوندس ته انهن ڳالهين، جن ۾ اوهان جي دلچسپي ٿي سگهي، ڌيان ڏيو. اوهان کي دل جي تڪليف ڪانهي. البت اوهان جو بلڊپريشر وڌيل آهي. اوهان کي آرام ڪرڻ گهرجي."

مون ڪيس ڪجهه دوائون لکي ڏنيون ۽ هو هليو ويو. مان سندس وڃڻ کان پوءِ به ڪيتري وقت تائين سندس ٻڌايل ڳالهين تي سوچيندي رهيس. ڏاڍين دلچسپ ۽ عجيب حالتن مان شفقت شاهه لنگهيو هو.

شفقت شاهه کي مون وٽان ويئي چار پنج ڏينهن ٿيا هئا. جو هڪ ڏينهن اخبار ۾ خبر پڙهيم ته شفقت شاهه دل جي دوري پوڻ ڪري ڳوٺ ۾ گذاري ويو.

مون کي انهيءَ خبر ڏاڍو ڏک پهچايو. مون کي سندس دل جي دوري

پڙهڻ تي به عجب ٿي رهيو هو. شفقت شاهه ٻارنهن ڪن سالن کان مون وٽ ايندو رهيو هو. ۽ هاڻ هو مريض نه، منهنجو دوست ٿي ويو هو. مون کي سندس سهڻي شڪل ياد آئي، قد آور جوان. ائين لڳندو هو، ڄڻ يوناني ديوتا هجي. وري مون کي عنبرين ۽ نرمين وارا قصا ياد پيا، جيڪي شفقت شاهه ٻڌايا هئا. اُهو سڄو ڏينهن منهنجي ذهن تي شفقت شاهه ڇانيو رهيو.

جنهن ڏينهن مون شفقت شاهه جي وفات جي خبر پڙهي هئي، انهيءَ جي ٽئين ڏينهن ٽپال ۾ جيڪي خط آيا، انهن مان هڪ خط کوليم ته حيران ٿي ويس، اُهو خط شفقت شاهه جو هو لکيو هئائين:

محترم ڊاڪٽر صاحب، شل سدائين خوش هجو

بعد اسلام عليڪم

اوهان کي پنهنجي دل جو حال ٻڌائي. ڪجهه بار لاهڻ جي ڪوشش ڪيم، پر گهر پهچڻ کان پوءِ ذهني ڪشمڪش پيڇو نه ڇڏيو. ۽ هن وقت آءٌ انهيءَ ٻه واٽي (Cross Road) جي موڙ تي اچي پهتو آهيان، جتي هڪ رستو موت ۽ ٻيو رستو وري نئين زندگي جي تعمير ڪرڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي. ٻي رستي تي هلڻ لاءِ طاقت ۽ همت جي ضرورت آهي، جنهن جي پاڻ ۾ هاڻ سگهه نٿو ساريان. در حقيقت آءٌ هن وقت هڪ عجيب Depression ۽ Confusion جو شڪار آهيان. موت مصيبتن جو حل ته نه آهي، پر مصيبتن ۽ اذيتن مان ڇوٽڪارو ته ڏياري ٿو. ڪو انهيءَ کي منهنجي بزدلي سمجهندو، ڪو پاڳلپڻو. پر منهنجي موت پڄاڻان ڪير ڇا ٿو چوي ڇا ٿو چوي، انهيءَ سان منهنجي لاءِ ڪهڙو فرق پوندو. زندگيءَ ۾ انهيءَ ڊپ يا فڪر ته ـــ دنيا ڇا چوندي، ڪو به اهڙو فيصلو نه ڪري سگهيس، جنهن سان پاڻ کي خوش رکي سگهان. ۽ عجيب ڳالهه ته اِها آهي ته اڄ جڏهن پنهنجي

زندگيءَ کان بيزار، هن زندگيءَ کان نجات حاصل ڪرڻ جو سوچيان پيو، ته به اهائي بزدلي منهنجي راهه جي رڪاوٽ بڻجي پئي آهي. آءٌ هاڻ خوشيون حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو آهيان، ۽ مايوس به ٿي ويو آهيان.

پڙو اٿم ۽ پڙهيو به اٿم ته مايوسي ۽ خودڪشي گناهه آهن. جيڪڏهن اسان کي پنهنجي زندگيءَ تي اختيار به حق نه آهي ته پوءِ اسان کي پنهنجن فيصلن جي صحيح يا غلط قرار ڏيڻ لاءِ جوابدار ڇو ٿو سمجهيو وڃي. گناهه ۽ ثواب (Good & Evil) جو تصور ڪهڙو آهي؟

آءٌ جڏهن پنهنجي گذاريل حياتيءَ تي نظر ڊاريان ٿو، ته مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته زندگي مون سان کيڏي رهي هئي يا آءٌ زندگيءَ سان کيڏي رهيو هوس. مون کي دنيا جون خوشيون ـــــ اولاد، تعليم ۽ دولت سڀ ميسر هيون. پر مون کي ذهني سڪون نصيب نه ٿيو. مون انهيءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيس. مون اوهان کي پنهنجي سربستو احوال پڌاير هو. انهيءَ ۾ بلڪل وڌاءُ ڪونه هو، هاڻ توهان ئي فيصلو ڪريو ته مون کي دنيا ۾ رهڻ جو حق آهي؟ باوجود ڪوشش جي، آءٌ اهو ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهيس، جنهن جي مونکي هر دم خواهش ۽ تمنا هئي. ڇا مون ۾ پنهنجي مقصد ۽ خواهش کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي ڪمي هئي. يا انهيءَ ۾ بي ايماني شامل هئي. يا دنيا جي نظرن ۽ سماجي قاعدن جي پيڪڙي ڪرڻ جي مون ۾ همت نه هئي. مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي، شايد منهنجي بزدلي ۽ ڪائرپڻو ئي منهنجي محروميءَ جا جوابدار آهن. ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ جو زنده رهڻ ۽ عذاب سهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ مان پاڻ کي قصوروار سمجهان ٿو، ۽ بزدل پڻ. مون کي پنهنجي زندگي اجائي ٿي لڳي. ته پوءِ هڙي اجائي زندگي گهارڻ مان ڪهڙو فائدو. جڏهن منهنجي دماغي سگهه ۽ جسماني طاقت، پنهنجي خوشي حاصل ڪرڻ

۾ مدد نہ ڪئي تہ پوءِ اهڙي اجائي قوت جي زور تي زنده رهڻ مان ڇا حاصل؟

اڄ آءٌ بلڪل Confused آهيان. منهنجا خيال متضاد ۽ منتشر آهن. ۽ مون کي زنده رهڻ لاءِ ڪو بہ جواز نظر نٿو اچي. اڄ رات آءٌ ابدي ننڊ سمهندس، ۽ صبح جو سڀئي، منهنجي دل جي بيماريءَ کي منهنجي موت جو سبب سمجهندا. اوهان بہ شايد اخبارن ۾ منهنجي موت جي خبر پڙهي وٺندا. پر مان چاهيان ٿو تہ اوهان کي منهنجي موت جي اصليت جي ڄاڻ هجي. ڇو تہ مون پنهنجي زندگيءَ جو باب فقط اوهان جي اڳيان ئي کوليو آهي. تنهنڪري اِها آخري خبر بہ اوهان کي هجي.

والسلام

غمزده شفقت شاه.

## نيو فيلڊس جا ايندڙ نوان ڪتاب

# قيدي

هي پنجابي ادب ۾ ناميارِي ليکڪ فخرزمان جي انهي ناول جو ترجمو آهي، جيڪو جنرل ضياءُ الحق جي دؤرِ حڪومت منجهه رياستي ڏمر جي پابندين هيٺ هو. هن ناول جو انگريزي ترجمو ۾ پاڪستان ۾ نه ڇپجي سگهيو ۽ پوءِ نئين دهلي پارت مان ڇپجي پڌرو ٿيو. قيدي جو ترجمو مشهور ليکڪ غلام نبي مغل ڪيو آهي.

# جت برف پوي ٿي جام

الطاف شيخ جو نئون سفرنامو

# ڪٿي ته پيجبو ٿڪ مسافر

شخ اياز جي دنيا جي سفرنامي مان نقط تر جو سفر، ڇهن سوَن صفحن تي مشتمل آهي. تر جي سفر شيخ اياز جي زندگيءَ تي اٿين اثر ڇڏيو جيئن پونوچ سمنڊ تي پاڻيءَ جي جهاز ۾ سفر عظيم فرينچ شاعربودليئر جي زندگيءَ تي ڇڏيو هو، جڏهن هو فرينچ ڪالونيءَ پانڊ پچريءَ ڏانهن وڃي رهيو هو. هن ڪتاب ۾ نه رڳو تر جي مصوري ۽ پوري رومانيت آهي پر شيخ اياز جو اٿاهه علم ۽ اظهاريل آهي جو برصغير جي ادبي دنيا ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

# ڪراچي ڪان ڪوپن هيگن تائين

الطاف شيخ جو نئون سفرنامو

# ڪيئي ڪتاب

## ياڳو پيو

مصنف: رئيس ڪريم بخش نظاماڻي

